
عبدالسلام ٿهيم
گُلن
سان
تعزيت
(ڪهاڻيون)

# گُلن سان تعزيت

(ڪهاڻيون)

## عبدالسلام ٿهيم

**ڊجيٽل ايڊيشن:**

2018ع

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

**BOOK NO: (202)**

ڪتاب جو نالو: **ڳلن سان تعزيت**
(ڪهاڻيون )
ليکڪ : **عبدالسلام ٿهيم**
ٽائيٽل : رضوان گُل
ڇاپو پهريون : ڊسمبر2017ع
ڪمپوزنگ: **عبدالرئوف ٿهيم**
**ڪنول** پبليڪيشن، قنبر.

**قيمت: 200 روپيا**

**Ghulan San Taziyat**
(Short Stories)
By: **Abdul Salam Thaheem**
First Edition@2017
All Rights Reserved with
© KANWAL, Publication Kamber

**ڪتاب ملڻ جا هنڌ:**

ڀٽائي ڪتاب گهر، حيدرآباد.
ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب، حيدرآباد.
سمباره پبليڪيشن هائوس، سيد آرڪيڊ، گاڏي کاتو حيدرآباد.
رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو - مهراڻ ڪتاب گهر، سانگهڙ
مدني بڪ شاپ، دادو - سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر
ترڪتاب گهر، مٺي - ڪويتا ڪتاب گهر، حيدرآباد
تهذيب بڪ اسٽور، خيرپورميرس- سراج بڪ اسٽور، قنبر

# ارپنا

اُن **گُـــل** جــي نـــــانءُ
جنهن جــي مختصر سـات
مُــنهـــنجـــــو **روح**
**خوشبو خوشبو** ڪري ڇڏيو

# سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”گُلن سان تعزيت“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب ليکڪ ۽ ڪهاڻيڪار **عبدالسلام ٿهيم** جي ڪهاڻين جو ٻيو مجموعو آهي.

”گُلن سان تعزيت“ ۾ شامل 19 ڪهاڻيون مختلف موضوعن تي آڌاريل آهن. جن ۾ سماج جي درست عڪاسي ڪان وني رومانوي جذباتيت ڪي ٻه شانائتي جاءِ ڏني وئي آهي. شاندار ڪتائون ئي عبدالسلام ٿهيم ڪي نئين ٿهيءَ جي ٻين ڪتانويسن ڪان الڳ ڪري بيهارين ٿيون. عبدالسلام ٿهيم جي ذات ۾ ڏانوَ جو ويڪرو آگر، سندس سادي ٻوليءَ ۾ نون موضوعن جي روشنيءَ سان سدائين جڳمڳائيندي نظر اچي ٿو.

هي ڪتاب **ڪنول پبليڪيشن، قنبر** پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون عبدالسلام ٿهيم صاحب جا جنهن ڪتاب موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پاٺڪن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڄاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائيءَ جو منتظر.


**محمد سليمان وسان**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

## اداري پاران:

**عبدالسلام ٿهيم** سنڌي جديد ڪهاڻي جي قافلي ۾ اڳيان اڳيان هلندڙ ڪهاڻي نويسن ۾ شماريو وڃي ٿو. سندس پهريون ڪهاڻي ڪتاب ”اوسئيڙيءَ ۾ جُڙيل آس“ (2013ع) ۾ شامل 14 ڪهاڻين کان پوءِ، سندس ٻئي ڪهاڻي ـ ڪتاب ”**گُلن سان تعزيت**“ جي ترت اشاعت مان سندس نئين ڪهاڻيءَ سان عميق دلچسپي ۽ لڳاءُ پڌري پٽ آهي.

”**گلن سان تعزيت**“ ۾ شامل 19 ڪهاڻيون مختلف موضوعن تي آڌاريل آهن. جن ۾ سماج جي درست عڪاسي کان وٺي رومانوي جذباتيت کي ٻـ شاناٽتي جاءِ ڏني وئي آهي. عبدالسلام ٿهيم جون رومانوي ڪهاڻيون ”خوشبوءَ جهڙي ڇوڪري“ ۽ ”گُلن سان تعزيت“ تمام عالمي ٻولين ۾ ترجمو ٿيڻ جهڙيون ڪهاڻيون آهن. انهن ۾ اهڙن جذبن جي عڪاسي ٿيل آهي، جيڪي هر خطي ۾ پيار ڪندڙ روحن جي ترجماني ڪندڙ آهن. ’ڊوڙ‘ ۽ ’ڪرسي‘ جهڙيون ڪهاڻيون پڻ سماج جو حصو رهندڙ فردن جون ڪٿائون آهن. ’نر جو پٽ‘، ’گار‘، ’سُبجي ويل چپ‘ معاشري جي مُنهن جون ابتيون ريکائون آهن. اهڙيون شاندار ڪٿائون ئي عبدالسلام ٿهيم کي نئين ٿهيءَ جي ٻين ڪٿانويسن کان الڳ ڪري بيهارين ٿيون.

عبدالسلام ٿهيم جي ذات ۾ ڏانوَ جو ويڪرو آڳر، سندس سادي ٻوليءَ ۾ نون موضوعن جي روشنيءَ سان سدائين جڳمائيندي نظر اچي ٿو. اها اميد رهي ئي رهي ٿي ته هُو اڳتي ٻـ سنڌي ڪهاڻي ۽ نثر جي ميدان تي، پنهنجي ڀرپور رنگينيءَ سان رونما رهندو.

**سعيد سومرو**
**ڪنول پبليڪيشن قنبر**
Cell: 0333_7523132
Saeedsoomro4@yahoo.com

# ترتيب

مهاڳ: مجنون مٽ، چنبيلي ول – پير عبيد راشدي 08

رايا:

- سماجي روڳ جو عڪاس ڪهاڻيڪار رسول بخش درس 12
- ڪهاڻي جاتيءَ جو ويجهو مِٽ ضراب حيدر 14
- سلام ٿهيم: عجب جي نشانيءَ جهڙو ماڻهو! عزيز گل 17
- سماج جي اوٽاين جون چٽيون تصويرون فهميده شرف بلوچ 19
- درد جي مس سان لکيل اکين جا افسانا منور سراج 21
- پنهنجي پاران منهنجي ڪهاڻي.......... عبدالسلام ٿهيم 22

## ڪهاڻيون

- خوشبوءِ جهڙي ڇوڪري 26
- گـــار 33
- ڏار 36
- سوا سيرِ 41
- ٻوڙ 49
- ڏنڊ 53
- گُلن سان تعزيت 57
- ويلنٽائن وِش 63
- ٻہ قبرون 71
- پونڊو 74
- اڇو منهن 79
- ذميوار 80
- ڪُرسي 84
- پرَ ڪٽيل پکيئڙو 87
- سڀجي ويل ڇَپ 90
- ايج ڊفرنس 93
- نَرَ جو پٽ 95
- سرپرائيز 97
- دير 99

مهاڳ

# مجنون مٽ ۾ چنبيلي ول

نئين ٿهي جو نمائندا ۽ منفرد ليکڪ عبدالسلام ٿهيم، هر حال، خفي نفعي ۾ قلم ڪاڳر سنيالينڌڙ بنيادي طرح پرائمري استاد پر سندس منو ڳالهائڻ جهونگار يا ڏاهپ واريون ڳالهيون جڻ ڪاليج يونيورسٽي جو استاد. عبدالسلام ڪجهه سال ڪنهن NGO ۾ ڪم ڪندو هو. پڳهار سُني پر رَت ڪائيندڙ ڪم، سا ڇڏي، ٽيسٽ پاس ڪري استاد ٿيو. ماستر ماڻهو گهر سنڀالي يا سير سفر ڪري، ڪيسي ۾ جُون، ليک نه هوندي به مٽي ۾ سير سفر ڪرڻ جي جون، لِيک ضرور هوندي اٿس. الله سائين پناهه ۾ رکيس. اسڪوٽر تي پونئر وانگر ڪِٽي پري نه وڃي سگهندو ته اباڻي تر راڄ ۾ سنڌ جي مشهور تاريخي درگاهه حضرت شيخ سائين سلامتؒ مگرپين جي اڱڻ تي وڃي آسائتو ٿيندو ۽ مجني مَٽ مان هڪ بجاءِ به گلاس، وٺا اندر ۾ اوتيندو. هُجائتو مجاور پوڳ ڪري پڇندس "بيا مَٽ ۽ ناديون ڇڏي مجني مَٽ مان اُڄ ٿو اُجهائين!؟"

به ٽي قدم ڪٽي چنبيلي ول وٽ بيهي وراڻيندو؟

"مجني مَٽ جو پنهنجو رنگ، سَحر چنبيلي روح تي واسو ٿي ڪري!"

نه رڳو مجاوَر پر درگاهه جي نيلن ۽ گُنبذ تي وينل ڪبوتر ۽ پارهيل حيرت وچان ڏسندس ۽ عبدالسلام پنهنجي داخلي احساسن واري رومانٽڪ ڪهاڻي، خوشبوء جهڙي ڇوڪري، جي پرين ڪي مجني مَٽ جي پريل گلاس، وٽي مان پسندو، جيتوڻيڪ اُها ڪهاڻي ڪينجهر ڍنڍ جي آس پاس آڙي پکي نيرڳ ۽ تلور وانگر پر سوئي ٿي. پر ڪينجهر جا هٽ آهن رڳو جديد دؤر جي جام تماچين ۽ نورين لاءِ.

"مون ۾ ته ڪُجهه ڳولهي نه سگهيا، ڪينجهر ۾ وري ڇا ڳولهيندا!؟"

مون هلڪي مرڪ مرڪندي وراڻيو "جِنا مون ته گهٽا ڏينهن اڳ سڀ ڪُجهه حاصل ڪري ورتو هو". (ڪهاڻي خوشبو جهڙي ڇوڪري)

ليکڪ چترڪار جي حساسيت 'پيان نه ڍاپان' واري ٽيندي آهي، عبدالسلام ته گهڻو اڳ ڳولهي لهڻ جي دعويٰ ٿو ڪري، پر اها ڳالهه پنهنجي پاڻ ڪي دولاب ڏيڻ برابر آهي. ڪا به لکٽي ڪو به چتر رُڃ پوبان ڀوڙ رُولاڪي برابر هوندي آهي. حساس ليکڪ ڪي جڏهن روڳ مِلندو آهي، تڏهن هو ڪهاڻي، نظم جي فريم جي شيشي مان پنهنجي پاڻ سان گُذريل وقت جا ساٿي ۽ موسمون پسندو آهي. اسان ليکڪ رُڃ سُڃ جا بيچين لاڏائو مسافر هوندا آهيون. مون نٽي نگر ۾ ٽيهارو سال اڳ نوڪري ڪئي، ڪوٽڙي حيدرآباد کان ڪراچي ويندڙ سڙڪ تي جڏهن سِڃ جي تِک ڏامر جي رُڃ جي تِلڪ سَجائي ڇڏيندو هو ته سب ڀوڙن نٽي جا اسڪول وزٽ ڪرڻ جو وقت من تي اڻ ڏنا آرا ۽ سفر ناتمام اکين جي چپرن ۾ ڍڪجي ويندا هئا. ۽ روح جي ماندڪائي پنهنجي ڪهاڻي "ڳالهيون ڪندي ڪاڪ جون"سگريٽ مان سگريٽ دُکائيندي لکي ورتي هئي. پروجيڪٽ ۾ ڪم ڪندڙ سنڌ جي ارڏي، دلبر

ڪهاڻيڪار رحمت الله ماجوٺي سگريٽ مان دُونهان ڪيڍندي پُر اسرار مُرڪ مُرڪندي پُڇيو هو "ڇا هڪ ڪهاڻي ۽ ناول ۾ عمر جو ويراڳ روڳ اُوتي سگهجي ٿو؟" نتي سب ٻه ويزن ۾ جيڪي ليڪ ويجها هئا انهن ۾ رحمت الله ماجوٺي، ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، مظفر شاهه بخاري، امير محمد شاهه، امير شاهه ليڪ ته نه هو پر ادبي ذوق رکندڙ هو.

عبدالسلام جي خوبصورت ڪهاڻي "خوشبو جهڙي ڇوڪري''جو "مڪالمو" توکي گهٽو اڳ ڳولهي ورتو، هڪ گهڙي هڪ موسم جو رنگ آهي. پر پنهنجي پاڻ سان دولاب آهي، ڪهاڻي جي اٽت مڪالما خوبصورت احساسن سان سگيل ۽ رڱيل آهن. ڪهاڻي لکڻ وقت ڪهاڻي جو نالو "حنا رنگ واري ڇوڪري"، "چنبيلي رنگ واري ڇوڪري" رکڻ لاءِ سوچيو هو پر پوءِ سوچيائين "يلا خوشبوءِ جو به ڪو نالو ٿيندو آهي؟"

اج به هو ڪهاڻي جي نائڪا کي ڳولهيندي مائوزي تنگ جي ديس ۾ وڃي نِڪرندو آهي، يلا خيالن آڏو ڪهڙا پنڌ!؟

ڪهاڻي ٻوڙ ۾ ڏيکاري ٿو. هرڪو ٻوڙي پيو. جڻ ڪنهن شهر ڳوٺ جي چِٽي تصوير ته هر ڪو روزگار جي ڳولها ۾ ڏُکي ٻوڙي ٿو. جيتوڻيڪ ڪهاڻي اج جي اهم مسئلي بيروزگاري تي آهي. اهو هڪ اهم مسئلو آهي، بيروزگاري جي ڪيترا پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو ڊگريون هوندي به پريشان ۽ پريشاني جي ڪري نفسياتي مريض ٿي پيا. ڪيترن نوجوانن زندگيون ختم ڪري ڇڏيون.

1982ع واري ڏهاڪي جو سُتو ليڪ ۽ فطرت شناس مشتاق ڪاملاڻي بيروزگار هو هڪ مثال جو سجاول شهر ۾ نه جيئرن سان نه مئلن سان. عبدالسلام سنجيده مسئلي کي ڪنهن حد تائين چٽر ۽ طنز جو رنگ ڏِنو آهي. سنڌ جي هڪ وڏي محبوب ليڪ سائين شوڪت حسين شوري، هيءَ ڪهاڻي پڙهي ته عبدالسلام کي داد ڏنو هو ۽ هن جي سنجيده مُرڪ جڻ واڪاڻ ڪئي هئي. عبدالسلام سنڌ جي هڪ وڏي ڪهاڻيڪار شاعر نورالدين نفيس جو ڀاڻيجو آهي، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته عبدالسلام ٿهيم کي ڏات ورثي ۾ مِلي آهي. ٿي سگهي ٿو هُن ننڍي عمر ۾ ٻي سمجهي وڃان نورالدين نفيس جي ڪتابن کي اُٿلايو پُٿلايو هجي، ۽ نفيس صاحب چيو هجي ته منهنجو اڌ ۾ رهيل پنڌ 'سلام' پورو ڪندو.

عبدالسلام پنهنجي ٿهيءَ ۾ انهيءَ ڪري منفرد آهي جو وٽس لِکڻ جي وشالتا ۽ ڪئين موضوع آهن، ۽ هن سنڌ جي هر مسئلي تي خوب لکيو آهي.

ڪهاڻي **'گار'** غريب، ٻي پُهچ گهرياتين جي اَڻ هُوند ڏکي حالتن جو چِٽو بلڪِ سَچو اُولڙو آهي. غريبن وَٽ هڪ ويلو آهي ته ٻي ويلي لاءِ اُپ ۾ اکيون ڪهاڻي ۾ هڪ لوهه جي پيتي علامت طور ڏيکاريل آهي. گهر جا وڏڙا ٻي سمجهه ٻارڙن کي آسرو ڏا ڏين ته جڏهن اُها کُلندي ته پاڻ سُکيا ٿينداسين پر پوءِ گهر جو هڪ نوجوان معاشري جا مِهڻا ٽُنڪا نه سهي ٽوڙيندي چئي ٿو، "منهنجين ٻانهن ۽ هٿن ۾ ايتري سگهه آهي جو ڪمائي پيئرن کي ڪارائي سگهان ٿو" اها ڪهاڻي اُميد آسري جو پيغام آهي.

‘ڏار’ ڪهاڻي سنڌ جي هڪ سُٺي پنهنجائپ ماڪي لار واري وقت جي تصوير آهي. جنهن ۾ رس چس ۾ ٻُوناٽان ڪچهرين ۾ راتيون گذاري ڏينهن ڪندا هئا. ۽ وڃي پورهيي ڏنڏي سان لڳندا هئا. هر ڪو مڇي ماني وارو. جي ڪو ٻيو ڏنڌو نہ هوندو هوئن تہ پڇاري واهہ گونگڙي واهہ يا ڍنڍين ڍورن تان مَڇيون ماري روزگار ڪندا هئا. پر پوءِ جڏهن پيٽ بلا سنڌوءَ جي جرڪي راتاهو هنيو ڪوٽڙي پُل تان پاڻي سُڏڪي تلاءُ ۽ ڍنڍ جو ڍِيڪ ڏيڻ لڳو. نتو سجاول جون زرخير ٻنيون سُڪي ٺوٺ ٿي پيون تہ نہ رڳو زمينون پر قُرب ڪهاڻيون بہ ويران ٿي ويون! راڄن جا چڱا لِڱا غريبن جي ايڪي ۾ ڏار، ڦوٽ ٿا وجهن هڪ پڙهيل نوجوان سارنگ اُبوجهن کي سمجهائي ٿو راڄ وارا ڀهرين تہ مٿس ٺٺول ٿا ڪن. پر پوءِ چوَن ٿا اسانجا اجها ترڙو وڏيرن جي غلط سياست ڪري ختم ٿيا آهن. وڏيري لفظ جي معنيٰ تہ نهايت سُٺي ۽ معتبر آهي. پر اڄ جاوڏيرا سنڌ وارن جي سامهون آهن. نياڻن وانگر توبي نراڙ تي هوندي اٿن. ۽ هو سنڌي ماڻهن جي ووٽ جي ساک کي لوئيندا آهن. ۽ پنهنجي گند جهڙو سمجهندا آهن. ڪهاڻي ‘ڏار’ هڪ سنيهو آهي تہ هڪ هٿ تيڻ سان وڏيري جو پَٽڪو لاهي سگهجي ٿو ڪهاڻي نيڪ آهي. پر ڪي لفظ اوپرا آهن.

عبدالسلام حقيقت ۽ مجاز جو ليکڪ آهي. ڪهاڻي ‘گُلن سان تعزيت’ ۽ ‘خوشبوءِ جهڙي ڇوڪري’. پڙهندڙن جي حساسيت کي جهوريندڙ آهن. ٻنهين ڪهاڻين جا مڪالما ‘توکي ڀُولهي لهڻ’ ۽ ‘جيترو بہ هن جي پويان ڊوڙيس اوترو اڪيلو رهجي ويس’ (گُلن سان تعزيت) اصل ۾ گُلن سان نہ پر عبدالسلام پنهنجي اٽپورن ارمان سان تعزيت ڪري ٿو ڪهاڻي جي شروعات سمونڊ جي هَلڪي خاموش لهر جيان ڪنهن خوبصورت شاعر جي نظم جيان آهي. جيئن تہ عبدالسلام ڪڏهن ڪڏهن شاعري بہ ڪندو آهي هن ڪهاڻي جو نثر شاعراڻي رنگ ۾ آهي. عبدالسلام وٽ لکڻ لاءِ گهڻو ڪُجهہ آهي. پر ڪهاڻي جي ڪردار وانگر آڱرين مان ننهن ڪيڏائي پيين پَنو ڇڏي اکين سان پڌ ڪري ٿو. سچ تہ هُن پيرن بجاءِ اکين سان گهڻا پنڌ ۽ اورڻ ڪيا آهن. آڱرين جا ننهن بيزاريت ۽ ٿڪ ظاهر ڪن ٿا. پر سندس اکڙين جو آرس ڪنهن پراچين پنڌ جو ساکي آهي.

ڪهاڻي ويلنٽائين وِش جو موضوع سبجيڪٽ انهيءَ ڪري چرڪائيندڙ آهي جو هڪ وئشياء کي احساس ڏياري ٿو تہ تون نہ رڳو وڪائو مال گهڙي جو سُک آهين. پر تو وٽ عام عورت وانگر ڌڙڪندڙ دِل ۽ روح آهي. انهيءَ موضوع تي گهڻو اڳ سدابهار محبوب ليکڪ غلام نبي مغل لِکيو ۽ پوءِ ڪجهہ سالن کان گم ٿيل ليکڪ زاهد گوتم "پٿرن جو شهر" ۾ لکيو پر عبدالسلام ڪوٺي جي ماحول کي هڪ جُدا الڳ رنگ ۾ ڪنيو آهي. ڪوٺي جي وئشيا کي عام ماڻهو وقت ضرورت جو وکر سمجهندا آهن. پر عبدالسلام هڪ نوجوان کي هڪ وئشياء سان مڪالمو ڪندي ڏيکاريو آهي جو چئي ٿو تون زماني ۾ پئسي ڏنڏي جي ڪري بدنام آهين. پر سفيد پوشي ۾ گهڻو ڪجهہ ٿئي پيو.

هن ڪهاڻي ۾ ويلنٽائن ڊي جو ماحول ڏيکاريو ويو آهي ۽ نوجوان وئشياء کي گفت ڪندي چئي ٿو جسم کان وڌ روح جا رشتا ٿيندا آهن. اهڙي عورت وٽ بہ احساس جذبا هوندا آهن. ڪهاڻيءَ جو انت Climax انتهائي گنڀير ڏکوئيندڙ آهي.

عبدالسلام ڪنهن حد تائين روحانيت جو قائل آهي، روحانيت بہ سنڌ جي صوفي ماڻهو جهڙي. هن سان ملاقات بي مندائتي مينهن وانگر اتفاقي ٿيندي آهي. ڪنهن اهڙي وڏ ڦڙي ۾ اسين حيدرآباد جي ڪيفي خانہ بدوش جي پارڪ ۾ ئي وينل هئاسين. ڪتابن جون ڳالهيون، دوستن جي رسامن تي ڳالهائيندي پڇيوهومانس "مگرپين جي تاريخي درگاهہ جا مٽ ڇڏي چنبيليءَ جي ڇانوَ ۾ مجني مٽ مان وٺا، گلاس اندر ۾ اوتيندو ٿو وڃي پر اج اسُاٿ لهڻ جو نالو نہ ٿي وٺيئہ!؟

هن خاموش سان ڪيفي جي سرپرست گريسفل ڪامريڊ امر سنڌوءِ ٻين ٻيچين رولاڪ ليکڪن کي ڏِنو. هُن جي خاموشي جڻ خاموش وسندڙ مينهن جي ڦوٽڙن جهڙي، ڦوٽڙن جڻ ڇيو تي ڪيفي خانہ بدوش کولڻ جو خيال ڏاڍو سُنو سياويڪ پر ڏاڍي دير سان کولي اٿن.

عبدالسلام خاموشيءَ سان ڪنهن خيال ۾ مئہ رقصم هو. هُن حيدرآباد جي تاريخي رات کي ڏِنو، ستارا عيدگاهہ واري مسجد جي ڪجور جهڙن ڊگهن نيلن ۽ گنبذن مٿي محو سجدي ۾ هئا. ڪيس هوريان چيم "تنهنجي انتظار وقت عيد گاهہ جي نيلن ۽ گنبذ تي وينل ۽ اُڏاڻل پکي هئا." ڇرڪ ڀري وراڻيائين، "پکي تہ وڃي ڪنهن وڻ جي لام تي وينا پر ليکڪ سدائين رولاڪي جي اُپ ۾، جڏهن اُج ۽ سِڪ لهڻ جو نالو وٺندي آهي تڏهن لکڻ وِسري ويندو آهي!" هو خاموش هو. آسمان تي ستارا ٽم ٽم هئا. نہ ستارا ٿڪبا آهن نہ وري حساس ليکڪ.." اوڪي آئون هلان ٿو جوڳي نہ ڪنهن جا مِٽ" موڪلائڻ جي ڪيائين.

"ڇو ڇا ٿيو"؟ "دير ٿي وئي آهي، نٿو سڄاول ۽ جاتي ڊگهو پنڌ؟" پنهنجي پُڇا ۾ اُلڪو محسوس ٿيم. "سُپاڻ اسڪول جي ڊيوٽي تي ويٺو آهي" لهجو ڪنهن سُني آدرشي اُستاد جهڙو هئس. سوچيم تہ چوانس چنبيلي ول نہ خانہ بدوش ڪيفي ۾ نہ وري ميوزم جي آڳر ۾ گهر جي آڳر ۾ بہ نہ اٿس. اڪيلو وڃي ڪٽ تي ڪِرندو. رات جا پاڇولا ڊگها ٿي ويا هئا. هو پُنيرو ويو پي، سندس قدآوار پاڇولو عمارتن کان ڊگهو جڻ آسمان سان ڪلها ملائي بيٺو هو. هڪ وار سوچيم استاد ماڻهو آهي، پلي استادن جا پاڇولا ڇانوَ نِم تالهي جهڙا هُجن. جيئن هنن جي فڪر پالوٿ مان سنڌ جو ٻالڪ وڏو ٿي انجنيئر ڊاڪٽر يا سُنو اُستاد ٿيئي. ڪوٽڙي نٿي سڄاول جي پُراسرار رستن تي چنڊ سِتارن جي روشني سامهون ٿيندس يا ٻي ڏينهن جو سج اُجاڙروڊ تي روشني جي تِلڪ نڇاوَر ڪندو ۽ اُنهن ۾ پنهنجي يا منهنجي اُٻاڻڪائي محسوس ڪري ۽ پنهنجن احساسن کي ڪنهن ڪاڳر تي اوتي.

**پير عبيد راشدي** ـ

02/11/2017

# سماجي روڳ جو عڪاس ڪهاڻيڪار

سنڌي سماج پنهنجي سرشت ۾ ڪئين لاها چاڙها ڏٺا. اڄ بہ اهو سماج ٽاڻن تي ٿڪجي رهيو آهي. سماج جڏهن بہ جبر ۽ ظلم جي پوائنٽي صورتن سان منهن مقابل ٿيندو آهي، جڏهن انسانيت ردي ۾ اڇلائي ويندي آهي، يا جڏهن معصوم جذبا ظلم جي ڏار تي رتو رت ٿيندا آهن تہ تاريخ اهو بہ لازمي قرار ڏيندي آهي تہ ان سماج جي ڪُک مان ان درد جو آواز ورنائڻ جي لاءِ ميدان تي ايندڙ ۾ هڪ حلقو تخليقڪارن جو بہ هوندو آهي .

جيڪي انسانيت جي زخم تي تخليق جا ڦها رکندا آهن ۽ پنهنجي پورهئي جي ذريعي شعور جي لاٽ روشن ڪندا آهن.

ان ئي پس منظر ۾ تخليق جي حوالي سان سنڌي ڪهاڻي جو هڪ ڀرپور ڪردار رهيو آهي.

خاص طور تي ورهاڱي ڪانپوءِ ٿيل سياسي ۽ سماجي اٿل پٿل جنهن سنڌي سماجي تاجي پيٽي تي اڻ مٽ اثر ڇڏيا. ان سموري عرصي ۾ سنڌي ڪهاڻي پنهنجي سماجي ۽ قومي ذميواري جو دامن پڪڙي بيٺل رهي. هن سموري عقوبتن جو عڪس چٽبو قومي، سماجي ۽ سياسي مفادن جو تحفظ ڪيو.

اڄ بہ سنڌي ڪهاڻي پنهنجو سفر جاري رکيو اچي. وقتي لاها چاڙها  ايندا آهن، پر اڄ جي نوجوان اهيو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ سنڌي ڪهاڻي نہ رڳو زنده آهي، پر پنهنجو معيار بہ قائم رکيو اچي.

عبدالسلام ٿهيم جو هي ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ آئون پنهنجي راءِ کي اجان بہ وزندار محسوس ڪريان ٿو.

هو سمنڊ جو پاڙيسري آهي، شايد ان ڪري ئي سندس تخليق ۾ اها گهرائي بہ آهي تہ اها موج بہ آهي.

سندس ڪهاڻيون دل کي ڇهندڙ آهن. وٽس هر سماجي روڳ جو عڪس ملي ٿو ۽ ان کي هن تمام گهٽي ڪاريگري سان چِٽيو آهي.

سندس اسلوب، ٻولي ۽ ادائگي من موهيندڙ آهي.

سندس ”گار“ مختصر تہ آهي پر، دل تي تمام گهرو تاثر ڇڏي وڃي ٿي. ”خوشبوءِ جهڙي ڇوڪري“ ۾ سندس رومانوي ڊائلاگ ۽ پڄاڻي بهترين آهي.

عبدالسلام ٿهيم جي ڪهاڻي ”ڏار“ اڄ جي سنڌ جي سياسي منافقين جي عڪاس آهي. جنهن ۾ عام ورڪر کي رڳو ڪاٺين جيئن ٻاريو وڃي ٿو ۽ شاطر وڏيرا اسان جي ماڻهن جي سادگيءَ جو ڪيئن نہ فائدو وٺن ٿا.

سندس ڪهاڻي ”ٻوڙ“ اڄ جي قابل نوجوان سان ٿيندڙ ويڌن جي عڪاس آهي. ”اڇو منهن“ تمام مختصر ڪهاڻي آهي، پر اڄ جي هن ٽيڪنالاجي واري دؤر جي انسان جي ٻهروپيت تان پردو کڻي ٿي.

سندس ڪهاڻي "ذميوار" اسان جي اڄوڪي اهم سياسي ڪمزوري جي عڪاس هئڻ سان گڏ اجتماعي شعور جي ڊيوالپڻي جو ڏس ڏي ٿي. جتي ماڻهن ۾ لاتعلقي، غير جانبداري ۽ غير ذميواري واري روش گهر ڪري ويهي رهي آهي.

مجموعي طور تي سندس ڪهاڻين مون کي تہ تمام گهڻو متاثر ڪيو. منهنجي ڪيس دعا سان گڏ گذارش بہ آهي تہ ان ئي تسلسل سان پنهنجي محنت جاري رکي، تہ ڪاميابي جي منزل ڪانئس دور نہ آهي.

سنڌي ڪهاڻي جي هينئر جيڪا صورتحال آهي، ان ۾ ڪهاڻيڪار تي تمام وڏي ذميواري آهي، تہ هو معروضي مسئلن کي اجاگر ڪري، پر ان جي اڻت ۾ جمالياتي حسن برقرار هجڻ کپي.

**رسول بخش درس**

جهمپير، ضلعو ٺٽو.

5_11_2017

# کهاڻي جاتيءَ جو ويجهو مِٽ
# کهاڻيڪار عبدالسلام ٿهيم

جاتيءَ جو جوان ڪهاڻيڪار، عبدالسلام ٿهيم مون کي ڪهاڻي جاتيءَ جو ويجهڙو مِٽ لڳو جو سندس ڪهاڻين ۾ ڪتي کتي اُها نچ نظر اچي ٿي.

هُن جون ڪهاڻيون جيڪي سامونڊي هوائن واري گِهم کٽي چوماسا ٻڌجي رهيون آهن، تن کي جيڪڏهن ڪو گهٽ يا گهيڙ ملي ويو ته ضرور پنهنجي ڪيتر ۾ ملهائيبيون.

لاڙ جي پاچاتي پاسي واري شهر جاتي جو رهواسي عبدالسلام پنهنجي سيبتي ڳالا ۾ ساحلي رنگ رکندو اچي. سندس موضوع ۾ اُٽت جيتوٽيڪ اجان پاچاهي (بادشاهي) کي نه رسيا آهن پوءِ به هو چاپي چاڻڻ واري ايڪسرسائيز ۾ سُٺي جي پاڪڙي مان پنهنجي ذات جو اُٺ اُڪارڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي. ڪيٽي بندر، شاهه بندر ۾ شاهه يقيق جي اوپرائين ڪڙ وارين هوائن ۾ عبدالسلام پنهنجي ڪهاڻين کي جنهن رنگ سان ڏسي ۾ لِکي پيو، سو نج ۾ نئون آهي، جنهن سان پنهنجون روايتون به ڳنڍيل آهن. سندس ڪهاڻين ۾ سادگيءَ جا ڪيئي رنگ آهن جيڪي لاڙ جي رواج جيان سِٽن ۾ جملن ۾ جڙيا پيا آهن. هو جنهن نِهار ۾ اک سان نِهاري ٿو سان هڪ حساس ماڻهوءَ جي نگاهه آهي جنهن ۾ ڪيئي آدرش به سمايل آهن. هڪٻئي پُٺيان لکيل سندس ڪهاڻيون اُنهي ساڳئي آدرشي هٻڪار سان پِرِيل آهن.

لاڙ جو نتي سجاول کان ويندي کارو چاڻ، ڪيٽي بندر، شاهه بندر ۾ جاتي وارو سمورو تر، سنڌوءَ جي چاڙن جيان سونهن سان سَٽيو پيو آهي جنهن ۾ پانت پانت جون پاونائون به آهن. اُهي پاونائون هتان جي سماج جي رهڻي ڪهڻي کان ويندي تهذيب جي توازن کي هڪ تسلسل ۾ جوڙيو اچن جنهن کانپوءِ ئي هڪ شاندار ڪلچر جُڙندي نظر اچي ٿو. عبدالسلام جيڪو اُنهي سموري منڊل ۾ ماحول ۾ وڏي ٿيو آهي تنهن کي هڪ ڏينهن وڏي وڻ به ضرور ٿيڻو آهي، ڪوڙ سارين شاخن ۾ پٽن وارو وڻ، پنهنجي پرپور سايي وارو وڻ جنهن جي اولڙي ۾ ڪهاڻيءَ جا سچا پچا احساس ۾ آڏيڪار لهڻا آهن. ڪيس آس پاس جي اُن اُساٽ کي به ساڳئي ترنگ سان پنهنجي سايي دار سرحد جي دائرن سان به همڪنار ڪرڻو آهي جيڪي سندس ڪلا ۾ ڪتي لِکيل آهن پر اُن لاءِ ڪيس تمام گهري مُشاهدي سان گڏوگڏ تمام گهڻي مطالعي جي به ضرورت پوندي ۾ هاڻوڪي دؤر واري اشتهار بازي واري شوشي کان پاسو ڪرڻو پوندو اهو سيڪجهه ان لاءِ چوڻو ٿو پويم ته اڄ ڪلهه سوشل ميڊيا جي دؤر ۾ هڪ وڏو الميو اهو به آهي ته اسان جا گهڻي قدر لکندڙ سوشل ميڊيا کي ميڄتا جو پليٽ فارم سمجهي رهيا آهن، اهو ايئن آهي جيئن ماضيءَ ۾ ڊائجسٽ ڪلچرل هو. اڳ ۾ جيئن، ميڊيا ۾ اليڪٽرانڪ ميڊيا اسان کان سُٺا لکندڙ ڪَسي گم ڪري ڇڏيا ائين هاڻي سوشل ميڊيا به تخليقي ماڻهو ڳڙڪائي رهي آهي، مان ڪنهن جو نالو نٿو کڻان پر مون کوڙ سُٺا تخليقي لکندڙ سوشل ميڊيا تي فضوليت ۾ غرق ڏٺا آهن، مختصر ڪهاڻي، ننڍي ڪهاڻي، يا وري ڪنهن ٽوٽڪي لکي اُڇلائڻ کي ئي سيڪجهه سمجهن ٿا ۽ بدلي ۾ تماشائين جا

ڪجھ ڪمينٽ پڙهي خوش ٿين ٿا ۽ بس اُهائي پنهنجي مڃتا سمجهن ٿا. پر مڃتا جو سفر تمام ڊگهو ۽ طويل آهي، اُن ڪي ڪڏهن بہ شارٽ ڪٽ يا سستي شهرت جي ضرورت نہ پوندي آهي، اُن کي منزل وقت سان ملندي آهي ۽ اُها عارضي ناهي هوندي.

ڪهاڻي جنهن کي دريافت ڪرڻ بنهہ ڏکيو آهي، ڇو جو منهنجو پنهنجو خيال آهي تہ ڪهاڻي کي ڪنهن اينگل، ٽرينگل يا ٽياڪڙي ۾ ڦاسائي نٿو سگهجي، نہ وري ڪهاڻيءَ کي ڪنهن ٽرمنالاجيءَ ۾ ٻڌائي بيان ڪري سگهجي ٿو. ڪهاڻي هڪ "يم" ويم مثل آهي. هڪ جنم آهي. جنهن جا سور ۽ خوشيون بنهہ فطري آهن. اُهي سمورا سور يا خوشيون ڪنهن بہ ماپي ۾ توري نٿيون سگهجن نہ وري ڪنهن معيار مقدار ۾ مڙهي سگهجن ٿيون .

ڪهاڻي جيڪا هڪ ڊليوري (يم) جي بنهہ سادي صورت آهي، سا بلڪل جيوگهرڙي جيان پيچيدا هُجڻ سان گڏ بنهہ هلڪڙي ۽ ننڍڙي آهي. باوجود اُن جي فڪشن يا ادب جي عمارت، باڊي يا جسم اُن معمولي شيءِ جي، بي معنيٰ ۽ خالي آهي.

بگ بينگ (Big Bang) کان ويندي ڪائنات جو جُڙڻ ۽ ڌرتيءَ جو وجود ۾ اچڻ ۽ زندگيءَ جي ارتقا، هر ڪهاڻيءَ جو بنيادي جُز آهي. جنهن کي سمجهڻ دريافت ڪرڻ ۽ سياحي (مَس) واري نازڪيءَ ۾ اوتي ڇَنڻ يا هاري ڇڏڻ ئي ڪهاڻي آهي. ها پر اوتي ڇنڻ يا هاري ڇڏڻ وارو ڍنگ آرٽ آهي هُنر آهي. اُهو هُنر يا آرٽ ڪهڙي بہ صورت ۾ هُجي فطرت سان هم آهنگ ضرور هوندو آهي، نئين ۽ جديد دنيا جي جديد علمن ۾ آرٽ جون ڪٽي ڪهڙيون بہ معنائون هُجن ۽ آرٽسٽ جو پل ڪهڙيون بہ تشريحون ٿيل هُجن پر منهنجي نظر ۾ آرٽسٽ فطرت جو هڪ عڪس آهي، جيڪو پنهنجي رنگن ۽ احساسن سان اُپري ٿو ۽ نکري ٿو.

وڻ تي ويهي چيهاٽ ڪندڙ چيهو بہ هڪ آرٽسٽ آهي ۽ سندس چيهاٽ سادو ۽ سهڻو آرٽ آهن، جيڪي حواسن تي سُريلا احساس ۽ سهڻيون تصويرون گهڙين ٿا.

ائين ئي ٻنڊڻ ۾ سُتل ٻار بہ هڪ آرٽسٽ آهي، جيڪو ننڊ ۾ هڪ منڙي مُرڪ مُرڪي ٿو جيڪا مصنوعيت کان پاڪ ۽ فطرت سان هم آهنگ آهي. مطلب تہ آرٽ هڪ فطري رنگ ئي آهي جيڪو آرٽسٽ جي ادا يا پيشڪش (Presentation) جي سادگي سان ظاهر ٿيئي ٿو .

عبدالسلام جي ڪهاڻين ۾ ڪيئي فطري رنگ آهن، هو پنهنجي ڪهاڻين ۾ فطرت سان هم آهنگ ٿي بہ هلي ٿو هو پنهنجي ڪهاڻين ۾ روايتن سان گڏ نواڻ بہ جوڙيو اچي، پر ڪٿي ڪٿي هو مصنوعيت جي گهٽيءَ مان بہ گذر ڪريو وڃي، جنهن کان بهرحال پاسو ڪرڻ گهرجي ڇو جو جيڪڏهن اهڙيون شيون ڪلا يا لکڻين ۾ چاپ ٻڌجي وڃن تہ پوءِ آرٽ پنهنجي معنيٰ وڃائي ويهندو. عبدالسلام پنهنجي ڪهاڻين جي جنهن سادگي سان شروعات ڪري ٿو سا پنهنجي ڍنگ ۾ سندس انفراديت کي ظاهر ڪري ٿي جيتوڻيڪ هو پنهنجي ڪهاڻين ۾ ڪنهن ٻهراڙي جي ماڻهوءَ وانگي گُم بہ ٿي وڃي ٿو جيڪا فطري ڳالهہ آهي پر ڪٿي ڪٿي جاٽي واٽي راهہ وڃائي ويهڻ يا ڀٽڪي وڃڻ صفا سمجهہ ۾ نٿو اچي، الائي ڇو هو ڪهاڻيءَ جي سادگيءَ ۾ چالاڪي جو اجايو فِليور ملائڻ جي ڪوشش ۾

ڪهاڻيءَ جو ذائقو ڦتايو وڃايو ڇڏي ۽ پوءِ ڪهاڻي ڪهاڻيءَ جي دائري مان نڪري ڪنهن ڊرامي جو ڏيک ڏيڻ لڳي ٿي .

ڪهاڻي پنهنجي ٿيم جي بڻاوت جوڙجڪ يا ايئن ڪٽي چئجي تہ پلاٽ پاڻ سان گڏ ڪٽي ايندي آهي، ڪهاڻي جيڪا هر تخليقڪار جي تصور ۾ ڏينهَن جا ڏينهن، مهينن جا مهينا پچندي رهندي آهي سا پنهنجا گهاڙيٽا يا مرچ مصالا بہ پاڻ سان ڪٽي ايندي آهي تنهن ڪي اجايا رندا هڻڻ نہ گهرجن نہ وري منجهس بازاري مصالا ملائڻ گهرجن .

وري بہ شروعاتي ڳالهہ ڏانهن موٽندي تہ عبدالسلام ڪهاڻي جاتيءَ جو ويجهڙو مِٽ لڳڻ ڪري گهڻو اڳتي نڪري سگهي ٿو ۽ سندس ڪهاڻيون ايندڙ ڪيتر يا ٿهي ۾ سرواٽيءَ واري واڳ بہ سنڀالي سگهن ٿيون جنهن لاءِ نيڪ نيتيءَ سان ڪيس دعائون ڏيڻ سان گڏ اُتساهجي ٿو .

**ضراب حيدر**

حيدرآباد

16نومبر 2017

# سلام ٿهيم: عجب جي نشانيءَ جهڙو ماڻهو!

اوطاق جو اڱڻ آهي، وڻن ۾ واءُ پيو لڳي ۽ منهنجي ٽيبل تي سلام ٿهيم جون جيءُ ۾ جهوري وجهي ڇڏيندڙ ڪهاڻيون ڪليون پيون آهن!

آئون سوچيان ٿو: هي ڪهاڻيون آهن يا ٽيبل تي پکڙيل خوبصورت عورتون؟ هي ڪهاڻيون آهن يا غير ملڪي پکي آهن جيڪي منهنجي ٽيبل جي ڊنڊ تي تري رهيا آهن؟ سر سبز ميداني علائقا، جهنگلي گلن جون ڦُلواڙيون، جابلو ڇوڪريون ۽ ساموندي پکي! جڻ تہ سڀ اچي منهنجي ٽيبل تي گڏ ٿيا هجن .

سندس ڪهاڻين جو ڪتاب هڪڙو شهر آهي جنهن ۾ وئشيائون خريدي سگهجن ٿيون، جنهن شهر ۾ فاسٽ ڊرائيونگ ڪندڙ آمريڪي عورتون آهن، جنهن شهر ۾ انگريزي ٻوليءَ ۾ پيار جو اظهار ڪندڙ هندستاني عورتون آهن! جنهن شهر ۾ اڄ صبح جي اخبار ڪافي دير سان آئي آهي، هن شهر ۾ مئخانا آهن، جنهن شهر ۾ ناشتي تان جهيڙو ٿي پيو آهي. ڪتاب جي هن شهر ۾ هڪ ماڻهو ڪُتي کي ڏاڙهي وڌو آهي......... جنهن شهر ۾ مئل ماڻهو مون هلندي ڏٺو! جنهن شهر ۾ جواني آزاد آهي، جنهن شهر ۾ پلنگ ننڊ مان جاڳي چڪا آهن، جنهن شهر ۾ درياهہ ماڻهن کان هڪ ٻي سهڻيءَ جو ڏس پڇڻ آيو آهي. سو هي ڪهاڻين جو ڪتاب هڪ شهر آهي جنهن جي هٿ ۾ ڪا بہ لڪير ناهي.

عبدالسلام ٿهيم پنهنجي ساموندي قلم مان نڪتل سدائين اسان کي هڪ تيز طوفاني ڇوليون ڇوليون ڪهاڻي ڏيندو رهيو آهي. بيشڪ هن جي ڪهاڻي ميچوئر ڪهاڻي آهي!

مولانا ابوالڪلام آزاد چوندو هو: “خوبصورت عورت اک لاءِ جنت ۽ کيسي لاءِ دوزخ هوندي آهي.”

عبدالسلام جي ڪهاڻي بہ اک لاءِ جنت ۽ دل لاءِ دوزخ هوندي آهي. ادب ۾ ڪجهہ نئون دريافت ڪرڻ ئي تخليق آهي باقي تہ رڳو تقليد آهي : ماجوني! ۽ سلام ٿهيم تخليق تہ ڪري ٿو پر اسان جي سماج ۽ زندگيءَ مان چُوندي چڙي اتان ڪهاڻيءَ کي ڪوتي وجي ٿو ڪٽي جو اها صرف سجاول يا سنڌ جي نہ پر سڄي دنيا جي ڳالهہ ٿي لڳي....... ۽ اهڙي ئي ڪهاڻيءَ کي جاوداني نصيب ٿيندي آهي جيڪا هر ماڻهوءَ کي پنهنجي دل جي ڳالهہ لڳي ____ شين کي سماج مان ڪڄجي تہ لطيف وانگي ڪڄجي:

**نئون نينهن لڳوس، ڳري ۽ ڳالهيون ڪري،**
**ارٹ ڦيريندي اوچتو، سڄڻ ياد پيوس،**
**پهو پٽ پيوس، هُو هٿ هُتي ئي رهيو!**

اها آهي هڪ ڪهاڻي، هڪ شاعري ۽ هڪ ننڍڙو ناول! دنيا ۾ ڪٿي بہ هليا وڃو نئين نئين نينهن لڳڻ جي ڪيفيت توهان کي سرعام اٿين ٿي ساڳي ملندي ۽ سڄي دنيا ۾ نئون نئون نينهن اٿين ٿي سينيءَ جا چار ئي چئونڪ هڪ ئي انداز ۾ لڳائيندو رهيو آهي.

نزار قاباني چيو هو:

“شايد منهنجي اهم ترين ڪارنامن ۾ اهم ترين ڪارنامو اهو ئي آهي تہ مون عورت جو نالو طعامن جي لسٽ مان ڪڍي ڇڏيو آهي ۽ مون ان کي گلن جي فهرست ۾ لکي ڇڏيو آهي. عورت کي چاليهہ سالن کان ڪلهي تي ڪٽي پيادل هلندو رهيس. واريءَ جي هر ذري تي جتي هوءَ ننڍاڪڙي هئي, اتي ڪجيءَ جو وڻ ڦٽي نڪتو ۽ هڪ پاڻيءَ جو چشمو جاري ٿي ويو.

آئون عورت جي طرفان شيطان جو وڪيل بڻيل رهيس. چاليهہ سالن کان عدالتن ۾ لڏو لاهي ويٺل آهيان. ڏوهہ جو شڪار ٿيندڙ عورتن جا ڪپڙا پيش ڪري رهيو آهيان. عورت پنهنجي زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين حسين ۽ لطيف احساسن ۽ خوبصورت لفظن جي سامهون ڳرندي رهندي آهي. مرد نظم کي پنهنجي ڏندن سان چباڙي ڇڏيندو آهي جڏهن تہ عورت ان مان پوري ريت سيراب ٿيندي رهندي آهي ۽ انهن کي پنهنجي ڪنن ۾ زمرد جي جهُومڪن وانگر پائي ڇڏيندي آهي.”

سو شاعري ۽ عورت سان ائين ئي عشق ڪجي, ڪهاڻي بہ هڪڙي شاعري آهي. سلام ٿهيم جي سيني ۾ بہ هڪ عورت جي دل ڌڙڪي ٿي. تڏهن ئي تہ هن جي ڪهاڻين ۾ نزار قابانيءَ جي مزاج ۾ ايڏي مماثلت آهي .

سلام جون دلدوز ڪهاڻيون بہ ائين ئي درخشان دل سان درد جي هينان ويٺل هن جهان مان ڪنيون ويون آهن جو روح مان ريهہ نڪري ويندي آهي ۽ ماڻهو مانيءَ تان اٿي ويندو آهي.

حرف آخر تہ سلام کي جهرجهنگ ۽ شهر شهر ۽ پوءِ سڄي ملڪ ۾ پکڙجڻ جي لاءِ اجا بہ مزورن وانگي محنت ڪرڻي پوندي.

مطالعي جو ڏُڪار اگر ختم ٿي وڃي ۽ ڪهاڻيءَ سان ليڪڪ جو عشق اجا ٿورو وڌي وڃي تہ جمال ابڙو, نسيم کرل, امرجليل ۽ نورالهدي شاهہ وري بہ پيدا ٿي سگهن ٿا, ڪجهہ بہ ناممڪن ناهي.

هن ڪائنات ۾ ڪيڏي مهل بہ ڪجهہ بہ ٿي سگهي ٿو.

**خطري واري زندگي گذاريو,**
**برندڙ جبلن جي پير ۾ پنهنجا شهر ناهيو,**
**پنهنجي جهازن کي اڻ ڏٺل سمونڊن طرف موڪليو,**
**هميشہ جنگ جي حالت ۾ رهو,**
**ڇو تہ مقابلو زندگي جو نالو آهي .**

**(فيريڊڪ نتشي)**

**عزيز گل**
سانجهيءَ جو سمو/ پراڻ جو ڪپ
جُهڏو شهر
12 نومبر, 2017.

# سماج جي اوڻاين جون چِٽيون تصويرون

هر شخص پنهنجي وجود ۾ لاتعداد ڪهاڻيون سانڍي جيئي ٿو پنهنجي اندر جي اظهار کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ تمام مشڪل ترين ڪم آهي .

اهو مشڪل ترين ڪم معاشري جاحساس دل ,نفيس مزاج رکندڙ ماڻهو ڪندا آهن, اسان وٽ شاعري جي ڀيٽ ۾ ڪهاڻي گهٽ سرجي ٿي, ان جي باوجود بہ ان جو اثر نمايان نظر اچي ٿو. ڇاڪاڻ ڪهاڻين جا ڪردار پڙهندڙ کي پنهنجي زندگي جو حصو محسوس ٿيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن انسان انهن ڪردارن ۾ ايترو گم ٿي ويندو آهي, جو ڪهاڻين جي ڪردارن جي روئڻ سان گڏ پاڻ بہ روئڻ لڳندو آهي ۽ کلڻ تي پاڻ بہ خوش ٿي کلندو آهي. يعني ائين چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ ناهي تہ ڪهاڻي اسان جي زندگي جو چٽو آئينو آهي. اها هڪ اميد افزاء ڳالهہ آهي جو اسان جي نوجوانن جو لاڙو ڪهاڻي ڏانهن انتهائي سنجيده ۽ تعميري آهي .

رشيد ڀٽي, نسيم کرل, علي بابا, آغا سليم , طارق اشرف, حميد سنڌي, جمال ابڙو, مهتاب محبوب سميت ٻيا بہ ڪيترائي نالا جيڪي ڪهاڻي جا جرڪندڙ هيرا ليکيا ويندا آهن.

موجوده نئين ٽهيءَ ۾ ڪهاڻي جي حوالي سان عبدالسلام ٿهيم پنهنجي جدا سڃاڻپ ناهڻ جو سفر طئہ ڪري رهيو آهي عبدالسلام جون ڪهاڻيون معاشري جي اوڻائين جي چٽي تصوير پيش ڪن ٿيون, ڪهاڻين جي ڪردارن جي نفسيات کي سمجهڻ ۽ انهن کي انهن جي فطرت مطابق پيش ڪرڻ جو ڏانءُ کيس بخوبي اچي ٿو يا ائين کڻي چئجي تہ سلام جي رسائي پنهنجي پڙهندڙن جي دلين تائين ٿئي ٿي. ان سا گڏوگڏ هو معاشري جي اوڻائين کي واڪو ڪرڻ جي ذميواري کان بہ باخبر آهي .

سلام جي ڪهاڻي "گار" انسان جي مجبورين ۽ پريشانين جي چٽي تصوير آهي, خاص طور تي سلام جي ڪهاڻي گار پڙهندي مون کي مظهرالسلام جون ڪهاڻيون ذهن تي تري آيون. مظهرالسلام جي ڪهاڻين جي انفراديت اها آهي جو ان جون ڪهاڻيون چرڪائيندڙ ۽ ڪافي حد تائين حيران ڪندڙ هونديون آهن. سلام جي ڪهاڻي گار انهن جو ئي هڪ تسلسل محسوس پئي ٿئي ,غازي جو ڪردار هڪ غيرتمند ۽ حساسيت جو شديد تاثر پيش ڪري ٿو .

اسان وٽ اهو وڏو الميو رهيو آهي جو فڪري محرڪ صرف اهي چند نالا سمجهيا ويندا آهن. جيڪي پنهنجي معاشي خوشحالي يا اثر رسوخ جي ڪري نالو ڪمائي وٺندا آهن. پر حقيقت ۾ خدا جي طرفان ڏنل ڏات پنهنجي لاء ڪاميابي جا رستا پاڻ ناهيندي ويندي آهي .

عبدالسلام جي لکڻين ۾ بنا ڪنهن شڪ شبهي جي اهي صلاحيتون موجود آهن. هن انسان جي اندر جي حساسيت کي پنهنجو موضوع بنايو آهي, سندس گهڻي قدر ڪهاڻيون ڳوناڻي زندگي تي لکيل آهن, جن ۾ لب و لهجي ۽ ٻوليءَ جي سادگي تي خاص توجه ڏني وئي آهي, جيڪا سلام جي ڪهاڻين ۾ وڌيڪ خوبصورتي پيدا ڪري ٿي. معاشري جي اوڻائين کي پنهنجي ڪاريگري سان پيش ڪرڻ تي کيس دسترس حاصل آهي .

اسان جي بدقسمتي اها هئي جو ورهاڱي کان پوء اسان جا بهترين ليکڪ سرحد پار جي هليا ويا، انهن جي لکڻين جي تشنگي هميشہ رهي آهي. پر عبدالسلام جون ڪهاڻيون پڙهي دل کي اطمينان حاصل ٿئي ٿو تہ سلام ڪهاڻين کي نئون موڙعطا ڪيو آهي، خاص طور تي مختصر ڪهاڻي کي سلام نئون موڙ ۾ ڪنهن حد تائين انفراديت ڏني آهي. تخليقڪار بہ هن سماج جو حصو آهن هنن ۾ سماج ۾ رهندڙماڻهن جي نفسيات کي سمجهڻ ۽ پرکڻ جي سگهہ ۾ صلاحيت هوندي آهي .

عبدلسلام ٿهيم جي ڪهاڻي " خوشبو جهڙي ڇوڪري" ۾ لکيل هي مڪالما روح کي جهنجهوڙي وجهن ٿا

" عقيدت تيستائين هوندي آهي، جيستائين ڇوڪري سندن چار ۾ نہ ڦاسندي آهي..'' يا وري هي جملو تہ

"هر پڄاڻي انتها لاءِ نہ هوندي آهي، ڪا ڪا انتها ابتدا لاءِ ٿيندي آهي، ۽ اها ابتدا انسان کي پنهنجي اصل ماڳ ڏانهن وٺي ويندي آهي.'' منهنجو ذاتي خيال هي آهي تہ ڪهاڻي ۾ مقصديت جو هجڻ تمام لازمي آهي، جيڪڏهن ڪنهن ڪهاڻي ۾ ڪو مقصد يا معاشري لاء ڪو اصلاحي پيغام ناهي تہ پوء اها ڪهاڻي ناهي، بلڪ اها اجائي لفاظي هوندي آهي .

عبدالسلام جي ڪهاڻين ۾ ڪو نہ ڪو مقصد ضرور آهي. ڪابہ اجائي ڳالهہ نہ ڪئي وئي آهي. ڪهاڻيڪار جي اصل خوبي اها هوندي آهي، تہ هو پنهنجي هر ڪردار جي نفسيات کي گهرائي سان پرکي ۽ پوء ڪردارنگاري کي خوش اسلوبي سان نڀائي، نہ تہ ٻي صورت ۾ ڪهاڻي منجهہ جهول اچي وڃي ٿو ۽ پوء اهو پنهنجو اثر ۽ تاثر وڃائي ويهي ٿي عبدالسلام وٽ ڪهاڻي لکڻ جي سهڻي صلاحيت موجود آهي، سندس ڪهاڻي تي گرفت مضبوط تر ٿيندي رهي ٿي .

مونکي چاچا صادق گهمري جا لفظ ياد پيا اچن تہ "تخليقڪار جي ڪابہ تخليق پهريان بانبڙا پائيندي آهي، پوءِ وک وک ڪري هلڻ سکندي آهي ۽ ڪو وقت اهڙو بہ ايندو آهي جو اها ڊوڙڻ لڳندي آهي"

جيڪڏهن ايمانداري سان ڳالهہ ڪجي تہ عبدالسلام جي لکڻين هلڻ تہ ڪڏهوڪو سکي ورتو آهي، بس هاڻي ڊوڙڻ لاء بي چين آهن. عبدالسلام ٿهيم هڪ سگهارو قلمڪار آهي سندس صلاحيتن کان انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي منهنجي دعا آهي سندس قلم لکڻ کان ڪڏهن بہ نہ ٿڪجي، ۽ مولا سندس ذات کي ڏهوڻو ڪري ۽ خوب کان خوب تر لکندو رهي. آمين

**فهميده شرف بلوچ**

ڪراچي، سنڌ

15_11_2017

# درد جي مس سان لکيل اکين جا افسانا

تنهنجا نيڻ حياءَ جا حوالا آهن.
گل ته روحن جا اصل وارث هوندا آهن.

(کهاڻين جا ٻه جملا)

هن جي ڳالهين ۾ لاڙ جي ليارن جي خوشبوءَ آهي، هڪ الڳ ۽ اُداس خوشبو. الائجي ڇو پر مون ڏٺو ۽ ٻڌو آهي، لاڙ جا اڪثر ماڻهو پنهنجي فطرت ۾ وڏا قصا گو آهن.
جهمپير جي هوائن ۾ هندوري جهڙي هانءُ سان ڳالهائيندڙ رسول بخش درس کان کورواهه جي اٽيڙهيل قصا گو منهنجي چاچي جمعي سولنگي تائين جهڙن پراسرار روح رکندڙن جا ٻه ٻه ٻول ٻڌي ماڻهو جو من مهڪي پوي ٿو ۽ جيءَ ۾ انيڪ افسانا جاڳي پون ٿا.
عبدالسلام ٿهيم جي سٺي ڪهاڻيڪار هجڻ تي حيرت نه ٿيڻ گهرجي، جو هو فطري ڪهاڻيڪار آهي.
هو آهي ئي افسانوي دنيا جي آغوش ۾ پليل ماڻهو.
ڪينجهر جي هوائن کان قديم قصا ۽ زيرو پوائنٽ وٽان سمنڊ جي بي چين لهرن جو ردم ٻڌي هن جي دل ۾ افسانن جو ڪر موڙي جاڳڻ سياويڪ آهي، جيئن بارش جا امڪان ڏسي مور جو رقص ڪرڻ.
"توهان مونکي درد جي مس سان لکيل جيئرا جاڳندا ڪردار ٿا لڳو." (ڪهاڻي ويلنٽائن وش جو جملو)
درد جي مس سان لکيل افسانا ڪڏهن به فنا نٿا ٿي سگهن.
عبدالسلام ٿهيم جون ڪهاڻيون پڙهي مان پڪ سان چئي سگهان ٿو.

**منور سراج**
نوابشاهه
23_10_2017

## پنهنجي پاران

# منهنجي ڪهاڻي..........

مون چار سال اڳ جڏهن ڪهاڻين جي پهرين مجموعي “اوسيئڙي ۾ جُڙيل آس” کي ڇپائڻ لاءِ تياري شروع ڪئي هئي،

تڏهن وڏي ڪوشش ڪانپوءِ ماما نور الدين ‘‘نفيس’’ کي چيو هيم: “ماما منهنجي ڪتاب تي ڪجهه لک.’’

ڪوشش انهيءَ لاءِ ته جڏهن به آئون لکندو هيس، ته هن کان لِڪي لِڪي لکندو هيس. هڪ حجاب هوندو هو جيڪو مونکي پنهنجا خيال هن سان ونڊڻ کان روڪيندو هو.

اُها ٻي ڳالهه هئي، ته مون هن کي ڏسي ڏسي سندس نقشِ قدم تي هلي لکڻ شروع ڪيو هو .

منهجي اهڙيءَ ئي پورائي تي هُن هڪ پيرو تڏهن پردو وڌو هو جڏهن مون انٽرميڊيٽ پڙهڻ دوران 1997 ۾ جاتيءَ جا نوجوان ميڙي سرهاڻ آرٽ سرڪل جو بنياد وجهي استيج ناٽڪ “راز” پي ڪيو .

تڏهن جاتيءَ ۾ هر پنجين ڇهين مهيني اسٽيج ڊرامو ٿيندو هو ان ۾ هن جو مرڪزي ڪردار هوندو هو .

مون به سندس واٽ وٺندي اهڙو قدم کنيو هو هونئن به چوندا آهن ته پيٽڄ مامن جي واٽ وٺندا آهن .

سو گرائونڊ ريهرسل کان هڪ رات اڳ هو پاڻمرادو ريهرسل ۾ هليو آيو آئون ته ڪيس ڏسي پريشان ٿي ويو هيس. پر هن تڏهن وڏي جو ڪردار ادا ڪندي، منهنجي ٻاراڻي وهيءَ ۾ لکيل ڪهاڻي کي ترتيب ڏئي منهنجي پٺ ٺپڻ ۽ ڊرامي کي سٺي پذيرائي ملي.

ڪتاب ڇپائڻ جي حوالي سان به مون ماما نور الدين ‘‘نفيس’’ سان ذڪر نه ڪيو هو شايد هن کي ڪٿان خبر پئجي وئي هئي، تنهن انهيءَ تي لکڻ لاءِ ذهن به ناهي جڙيو هو .

ورندي ڏني هئائين

“آئون سوچيان پيو ته تنهنجي جمڻ کان وٺي هيستائين جي پوري ڪهاڻي لکان. انهيءَ ڪهاڻيءَ ۾ تنهنجي ٻاروتڻ وارين شرارتن کان وٺندي تنهنجي ادبي سفر جو احوال هجي .“

هن جي اهڙي ذڪر تي آئون خوش ٿي ويو هيس، ڇاڪاڻ سندس ڇيڇ پڪڙي مون هلڻ سکيو هو. ڪيس لکندي ڏسي مون لکڻ شروع ڪيو هو. وري جيڪڏهن منهنجي ڪتاب ۾ ان پاران لکيل منهنجو پروفائل شامل هجي، ته ان کان وڌو مون لاءِ ٻيو ڪهڙو اعزاز ٿي سگهي ٿو.

پر پوءِ هو ذاتي زندگيءَ جي خفن ۾ ڪجهه اهڙي طرح وڃائجي ويو جو اها ڳالهه اتي ئي رهي .

مون ڪيس ڪجهه پيرا يادگيري ۾ ڏياري، پر شايد هن کي لکڻ لاءِ مناسب وقت ۽ ماحول نه پئي مليو نيٺ منهنجو ڪتاب چپچي مارڪيٽ ۾ اچي ويو. جنهن کي ڏسي هو تمام گهڻو خوش ٿيو هو. پر مون ڪيس ڏوراپو ڏنو هو جنهن تي هن ورندي ڏني هئي

"اڙي بابا! تنهنجو هيءُ ڪتاب آخري ته ناهي، ٻي ڪتاب ۾ آئون پرپور لکندس."

پر مونکي اها ڄاڻ نه هئي، ته هن جي زندگي ڪا به ٿي سال رهي هئي، ۽ آئون سندس لفظن کان محروم ٿي ويندس.

اڄ جڏهن آئون پنهنجي ٻي ڪتاب **"گُلن سان تعزيت"** لاءِ ڪجهه لکي رهيو آهيان، ته هن جي ڪمي محسوس ڪري رهيو آهيان.

منهنجي سامهون ڪيترائي هٿ آهن. پر انهن ۾ انهيءَ شخص جو هٿ نظر نه پيو اچي، جيڪو شخص افسانن جهڙو هو. جنهن جي شخصيت جي خوشبو ئي جدا هئي. جنهن جي ذات جو سحر ئي پنهنجو هو تڏهن ته اڄ آئون پنهنجي ڪهاڻين تي ڪجهه لکڻ بدران هن جي ڪهاڻي بيان ڪري رهيو آهيان. ڇاڪاڻ هن جي ڪهاڻي ئي منهنجي ڪهاڻي ئي آهي، ۽ منهنجي ڪهاڻي هن جي ڪهاڻي آهي.

ڪلهه جيان اڄ به هو مون سان گڏ آهي، اڄ به منهنجي گهر جو پڌر هن جي گهر جي پڌر سان گڏ آهي. ڪلهه جيان اڄ به منهنجي ڪنن تي هن جي سڏن جا آواز پوندا آهن.

"سلام! اڄ ته اڄ توکي نئون غزل ٻڌايان..."

۽ آئون سندس تخيل جي اُڏام ۾ پاڻ کي اڏامندي محسوس ڪندو هيس.

منهنجي هن ڪتاب ۾ به ڪافي منهنجي زندگيءَ سان جڙيل ڪٿائون شامل آهن، هو به منهنجي زندگيءَ جو ساهه ڪٽيندڙ افسانو آهي. منهنجي ڪهاڻين جي ڪردارن جي سڄاٽپ پلي جدا هجي، انهن جو درد پلي الڳ هجي...پر روئڻ ساڳيو آهي، لڙڪ ساڳيا آهن...احساس ساڳيا آهن.

جيڪڏهن منهنجون ڪهاڻيون ڪنهن کي پنهنجي سور روئڻ لاءِ پتر لڳن ٿيون، ته اهو به مون لاءِ اعزاز آهي، ڇاڪاڻ منهنجو اصل موضوع سورَ ئي آهن .

پوءِ اهي سور وينٽيليٽر تي آخري ساهه کٽندڙ رشتن جا هجن، يا وري محبتن جي مُرجهايل گلن جا هجن، اهڙا گل جيڪي صبح ٽڙي شام جو ڪومائجي ويا هجن. مون پيار جي موضوع تي گهڻو لکيو. جنهن جو هڪ سبب اهو به ٿي سگهي ٿو ته منهنجي وهيءَ ۾ ساٿ جي موسم ڪي پل مهربان رهي هوندي. تنهنڪري ئي مون حقيقي زندگيءَ کان وڌيڪ ڪهاڻين ۾ گذاريو آهي. ڪهاڻي جو هڪ الڳ سنسار ٿئي ٿو جنهن ۾ هڪ ليڪ جڻ هڪ دؤر مان گذريو اچي. عام ماڻهو جي پيٽ ۾ ڪهاڻيڪار هڪ نه پر ڪيترن ئي دؤرن مان گذريل ماڻهو لڳندو آهي.

هڪ حوالي سان آئون پاڻ کي خوشنصيب سمجهان ٿو ته مونکي سينئرز توڙي جونيئرز ليڪن وٽان هڪ جيترو مانُ ملندو رهيو آهي. اصل ڳالهه روين ۽ ڳالهين کي مثبت وٺڻ جي آهي.

مونکي ياد پيو اچي "اوسيئڙي ۾ جڙيل آس" ڪتاب جي ڇپجڻ کان اڳ منهنجي ڪهاڻي "سوا سير" جيڪا "چمات" جي نالي سان هزار داستان ۾ ڇپي هئي، تنهن تي مشهور ڪهاڻيڪار محمد صديق منگيو رايو ڏنو هو ته :

"ڪهاڻي بهترين آهي، پر اها فرينچ ادب مان کنيل لڳي ٿي."

مون جڏهن اهو پڙهيو ته مونکي ڇڙ بدران خوشي ٿي، ساٿي ڪهاڻيڪار اختر حفيظ کان سائين محمد صديق منگيو جو نمبر وٺي سندس شڪريو ادا ڪندي چيم:

"سائين اوهان جا وڙ، جو توهان کي مون سڪندڙ جي ڪهاڻي فرينچ ادب مان کنيل لڳي."

چيائين:

"چو راءِ قبول ناهي؟"

چيومانس:

"سائين توهان جي راءِ مون کي اهو حوصلو ڏنو آهي، ته اسان جا خيال به ٻاهر سرجندڙ ادب سان ٻيٽڻ جهڙا آهن. رهي ڳالهه فرينچ ادب جي.....مون ته سنڌي ادب به پورو ناهي پڙهيو."

۽ منهنجي گهٽ مطالعي جي عادت تي منهنجا دوست به ناراض ٿيندا آهن، ته ساڳي جڳهه تي مون کي به ان جو احساس آهي.

پر ڇا ڪجي

منهنجي زندگي جا معاملا بي ترتيب رهيا آهن، هميشه مونجهارن جو شڪار رهيو آهيان. يا ڪٿي ائين چئجي مون نندي وهيءَ ۾ گهڻو پوڙهيو آهي، تنهنڪري منهنجي لکڻين ۾ خارجي احساسن جي ڀيٽ ۾ داخلي احساس وڌيڪ آهن.

جڏهن به مون مطالعي جي حوالي سان سوچيو هوندو، ڪي ڪتاب اٿلايا هوندا،

ته امان جي وات مان رت جو ريلو ايندو ڏسي ڪتابن کي بند ڪري ڇڏيو هوندم، جنهن وقت تي هوءَ مونکي پلوءَ ڏئي سيج تي ڪنوار سان لانئون ڏيارڻ لاءِ وٺي وڃي ها، تنهن وقت ۾ ايااڳ مون کي هن جي ڪلهي ڪانڌي ٻڌائي ڪيس لحد جو سينگار ٻڌايو.

اڃا ان جا زخم هريا هوندا، ته مون پنهنجي ساڃي ٻانهن جوان ڀاءُ کي برين ٽيومر سبب جناح هاسپيٽل جي آنڪولاجي ڊپارٽمينٽ ۾ بيڊ تي تڙپندو ڏٺو هوندو، نه رڳو ايترو پر اتي ڪيترين ئي بيون پوڳنائون، بيوسيون، سڏڪا ٻڌا ڏٺا هوندم، جن ۾ دنيا جي وڏي ۾ وڏي درد جي موضوع تي لکيل لٽريچر کان وڌيڪ اثر هو.

اهڙين حالتن ۾ انسان جون ڪيفيتون ڇا ٿينديون آهن، اهو هر اهلِ دل ماڻهو سمجهي سگهي ٿو. منهنجون تحريرون پوڙهائن جون پيداوار آهن.

باقي مون پنهنجي ڪهاڻين جي حوالي نہ ڪڏهن وڏي حام هنئي آهي، نہ ئي هٽندس، ڇاڪاڻ سڪڻ جي مرحلي جي پڄاڻي ٿيڻي ناهي.

هن ڪتاب جي سلسلي ۾ جن بہ ساٿين پنهنجي ساٿ جي ونڊ ڪئي، تن جو آئون دليان مشڪور آهيان.

**عبدالسلام ٿهيم**

جاتي ٽائون، ضلعو سجاول

03332565570,03152565570

abdulsalamthaheem@yahoo.com

20_11_2017

# خوشبوءَ جهڙي ڇوڪري

**آئون** ۽ حنا نوري ريسٽورنٽ جي ٻاهرين گيلري وٽ ويٺي هياسين، لڳاتار ڪينجهر جي اُجرائپ ۽ حُسناڪين سان نيڻ نار ڪري رهيا هُئاسين. ريسٽورنٽ جي آسپاس بيٺل وڻن مان پکين جي ٽنوار اندر ۾ لهي من سرهو ڪري رهي هُئي، ساڳي جڳهه تي من ۾ لُڇ پُڇ به هُئي. ڇاڪاڻ ته اڄ وڇوڙي جو ڏينهن هو.

پروجيڪٽ جي ختم ٿيڻ سبب فيئرويل لاءِ ڪينجهر ڪناري ڪٺا ٿيا هُئاسين. زندگيءَ ۾ آيل نئين احساس منجهان اڃان ڪو بيو احساس ڦُٽي نڪري رهيو هو. اڃا ميلاپ جو سفر پنهنجي ڏڳ تي رسيو نه هو ته جيءُ کي وڇوڙي جا ورلاپ وڪوڙڻ لڳا هُئا. حنا پنهنجي نالي جيان سدا ملوڪ هُئي. هن جي مزاج ۾ ڪو به مصنوعي رنگ ڇٽيل ڪو نه هو. ڇاڪاڻ ته فطرت ڪيس پنهنجو اصل رنگ ڏنو هو. جنهن سبب هوءَ جهڙي هُئي من مُهڻي تهڙي هُئي سيرت سُهڻي. سندس زُلفن ۾ جمارون گُذارڻ لاءِ من آتو رهندو هو. سندس نيڻ نئين صبح جهڙي جوت رکندا هُئا. سندس آواز ۾ ڪنهن به نراسائي جي ٻُڙڪ ڪانه ٻُرندي هُئي. سندس مُرڪ موناليزا جي مُرڪ کان به وڌيڪ پُرڪشش هُئي.

هوءَ جوائننگ ڪانپوءِ اڪثر خاموش رهي پنهنجي ڪم سان ڪم رکندي هُئي. اسان سان گڏ نوڪري ڪندڙ جمشيد ۽ وقار هن جي ويجهو ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي هُئي، پر هن ڪين "ادا" چئي دين جو پاءُ ڪوني وڌيڪ موقعو ئي نه ڏنو.

آئون روز هن کي اکين ۾ جهلي تڪيندو رهندو هوس، منهنجي گهور هن نوٽ نه ڪئي هُئي. هڪ ڀيرو هُوءَ آفيس جي ڪچن مان چانهه جو ڪپ کڻي ٻاهر نڪتي ته آئون هن جي منهن ۾ پئجي ويس، هن شايد منهنجون اکيون پڙهي ورتيون هيون. پڇيائين

" ڇا ڳالهه آهي جليل........مون ۾ اوهان ڪجهه........!؟"

آءٌ چڻ چور جيان پڪڙجي پيو هوس، پر مليل موقعو وڃائڻ نٿي چاهيم. تڙڪ چئي ڏنم

"بس توهان ۾ ڪجهه ڳولهيان پيو......!!"

هن جي چهري تي شرارتي مرڪ ظاهر ٿي، هلڪو مُرڪندي وراڻيائين: "ڇا جي ڳولا اٿوَ.....؟ نه مان آمريڪا آهيان نه ئي توهان ڪولمبس، جو مون کي .........!!"

مون حنا جي ڳالهه ڪٽيندي وراڻيو

"ڪولمبس ان دؤر ۾ آمريڪا ڳولي لڌي هُئي جنهن دؤر ۾ هڪ علائقي کان ٻئي علائقي تائين رَسائي آسان نه هُئي. پر هن کي ڳولا سان عشق هو ۽ عشق پاڻ ۾ هر نامُمڪن کي مُمڪن بنائڻ جو دم رکندو آهي. بس دُعا ڪجو."

هن وڏو ٽهڪ ڏيندي وراڻيو

“ها ها ها, سائين انهيءَ ڳولا ۾ توهان جي عمر ڪٽي وينديِ پر حاصل ڪجهه به نه ڪندا.’’
مون هن سان اتفاق ڪندي ورائيو:
‘‘توهان صحيح ٿا چئو واقعي ڳولا جي رڻ ۾ جمارون ڪُٽي وينديون آهن. گهربل منزل ماڻڻ مشڪل ضرور هوندي آهي, پر ناممڪن ناهي هوندي. بس ارادا اٽل هجن....جيتري قدر مون کي پاڻ تي ڀروسو آهي ته منهنجا عزم هميشه پڪا رهيا آهن.’’
هن جي چهري تي خوشي جا تاثرات واضح ٿي پيا, چيائين “واهه..! ڏاڍو پاڻ تي ڀروسو اٿئو. مون کي به پُر عَزم ماڻهو وڻندا آهن. ڇاڪاڻ ته هنن جي خوابن ۾ به مقصد جا اولڙا هوندا آهن. جيڪو سوچيندا آهن, ان کي پورو ڪرڻ لاءِ ويل ويهڻ به پسند ناهن ڪندا.’’
مون کي دلي سڪون مليو چيم
“قُرب حـــنا..’’
اڄ ته دل ۾ خوشيءَ جا دهل وڄڻ لڳا هُئا, هن ڄڻ منهنجي ڳولا آسان ڪري ڇڏي هئي. تنهن کان پوءِ آفيس ۾ اسان جي وچ ۾ ڏکمين ڪچهرين جو سلسلو جڙي ويو. حنا سان جڙيل انهن حسين سلسلن آفيس جي ڪجهه ورڪر سائين کي سازي ڇڏيو هو هو رُڪاوٽون وجهڻ لڳا. پر حنا جو چهرو ڪڏهن به هنن جي عملن سبب ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو نه ٿيو. آءُ اڪثر جذباتي ٿيندو هوس, پر هوءَ مون کي اکين جي اشارن سان سهپ تي گرفت مضبوط رکڻ لاءِ چوندي هُئي. هوءَ واقعي وڏي صابر هُئي, چوندي هُئي ته
“جيڪڏهن رقيبَ پنهنجي لڳايل باهه ۾ پاڻ سڙي مرن ته اُن کان وڏي ٻي هنن لاءِ سزا ڪهڙي ٿيندي. اسان ڇو انهن جو اثر وٺون..!؟”
هڪ دفعو ٽريننگ سيشن ۾ سڀ آفيس ميمبر گڏ شرڪت ڪري رهيا هُئاسين. انهيءَ دوران جڏهن حنا پنهنجو پرزنٽيشن ڏني ٿي, يا ڪو سوال ڪيو ٿي ته هنن وچ ۾ ڳالهائي هن کي پريشان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هُئي. پر حنا اعتماد جي بنياد تي پنهنجي پرزنٽيشن پوري ڪري وئي . لنچ مهل مون هن کان پُڇيو
“آخر هو ڇا ٿا چاهين, ايئن به ڪبو آهي ڇا؟”
هن ڳالهه کي درگُذر ڪندي ورائيو
‘‘جليل! پليز مون سان انهن جي پچار نه ڪر. اهو ته ٻُڌاءِ تو هن ٽريننگ مان هيستائين ڇا سکيو آهي. ڪميونيڪيشن ۽ موبلائيزيشن جا ڪهڙا ٽول آهن. هڪ سٺي موبلائيزر ۾ ڪهڙا موٽيويشن اسڪلز هئڻ گهرجن ....!’’
مون هنن تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي حنا سان ورائيو
“حنا مون فقط ۽ فقط اهو سمجهيو ته هنن پوري سيشن ۾ تنهنجي ڳالهه جو اثر ختم ڪرڻ جي هڙان وڙان ڪوشش ڪئي. مون کي ڏاڍي چڙ ٿي آئي هنن تي........!!’’
حنا جي چهري تي ڏُک ۽ ڪاوڙ جون لڪيرون جهاتيون پائڻ لڳيون, چڙ مان چيائين

“جليل تون بہ .......! ٽريننگ جو وڏو حصو ختم ٿي ويو ۽ تو ڪجھ سمجھڻ ۽ سکڻ بدران هنن تي فوڪس ڪيو. ماڻهو ڪي رستن تان ڪندا هٽائي اڳيان نڪرڻ گهرجي، هنن تہ منهنجي پيرن ڪي پٽون ڪرڻ جي ڪوشش پي ڪئي. پر مون انهيءَ جو ڪو بہ اثر نہ ورتو ۽ تون ......!!’’

مون کي حنا تي ڪاوڙ آئي

“ تون بہ ڏاڍي عجيب ڇوڪري آهين حنا! ماڻهو ايترو بہ منو نہ ٿئي جو ڪيس ہيو ڪائي وڃي. جيئن تون سوچين ٿي، هي مُعاشرو تيئين ناهي. هتي جيڪو جيتري عزت ڏي، تنهن کي اوترو ئي مانُ ڏيڻ گهرجي. تون هرويرو هنن کي مٿي تي چاڙهين پئي.’’

هوءَ ڏُکاري ٿي وئي سواليہ انداز ۾ پڇيائين

“جليل! پلا تنهنجي انهيءَ رَوَيي کي آئون ڇا سمجهان؟ پيٺ ڪيئن ڪجي تہ توهان ۽ هوءَ مختلف آهيو. ڇا پونڪڻ وارن سان اسان کي بہ پونڪڻ گهرجي.!؟ مون هنن کي سمجهي ڇڏيو آهي، تہ هو ڪيترو پاڻ ۾ ماڻهپو رکن ٿا. آئون تہ اهو چوان ٿي تہ هو پنهنجي عادت کان مجبور آهن. ۽ مان پنهنجي فطرت کان....هتي سڀ ڪو پنهنجي فطرت ظاهر ڪندو آهي.’’

ڳالھ منهنجي سمجھ کان چڙهي وئي تہ آخر حنا ڪهڙي مٽيءَ مان ٺهيل آهي جو منجهس ايتري سهپ، ساڃاھ، هوش، عقل و فهم...... ايتري صاف گو.’’

دل ۾ هن لاءِ پيار ۽ احترام اڳ کان بہ سوايو ٿي ويو. بس آئون دنگ رهجي ويو هوس ۽ چُپ ٿي ويس. ساڳئي جڳھ تي خيال آيو هو تہ ساٽس اظهار ڪري ڇڏيان. ڇاڪاڻ اسان ٻئي جذباتي ڪيفيتن ۾ هُئاسين ۽ جذباتي ڪيفيت ۾ چيل لفظ پاڻ ۾ روح رکندا آهن. پر وري بہ ماٺ، نہ چئي سگهيس. دل کي تہ پڪ ٿي وئي تہ اسان هڪ ٻئي سان دليان جُڙي ويا آهيون. بس چوڻ جي دير هُئي.

رهيل ٽريننگ مڪمل ڪري موٽي آياسين مون جيڪو هن ۾ ڳوليو پئي، سو مون ڏسي ورتو هو. هُن جي چاهت مون تي ڪجھ اهڙي طرح حاوي ٿي هُئي، جو مُنهنجي ذهن جي ڪُنڊ پاسن مان ماضي جي سمورين اڌورين محبتن جا نقش متجي رهيا هُئا. بس هاڻي منهنجي پيار جي هوءَ مڪملتا هُئي.ٽريننگ کان پوءِ ٻيهر جڏهن آفيس آيس تہ مون ڪجھ اوپرائپ محسوس ڪئي هُئي. اسان ڪافي دير کان خاموشيءَ سان هڪٻئي جي سامهون ويهي فائل اُٿلائي رهيا هُئاسين. جڏهن تہ جمشيد ۽ وقار جي گهور اسان جي طرف هُئي. نيٺ وقار اُٿي آيو

“ جليل موسم تہ ٺيڪ آهي، اڄ ڪجھ توهان.....!؟”

حنا اُٿي ٻاهر هلي وئي. مون رُکائپ مان وراڻيو

“ها، پلا موسم کي ڇا ٿيو آهي ؟ سڀ ٺيڪ آهي.’’

هن وراڻيو

“موسم تہ ٺيڪ نہ ٿي لڳي، ڪافي پريشاني ۽ خاموشي!’’

مون هن جي ڳالهه سمجهي ورتي، ۽ اُٿي ٻاهر هليو ويس. حنا ڪچن جي در وٽ رکيل ڪرسيءَ تي سوچن ۾ گم ويٺل هُئي. لاشعوري ۾ مٽي تان رئو لهي ويو هيس. زلفن جي چڳ نراڙ کان هيٺ هوا تي ليئا پائي رهي هُيس. جيئن مون کي ڏٺائين تہ رئو مٿي تي سنڀالي رکيائين. مون ويجهو وڃي وٺائنس پُڇيو

"توهان چُپ چو آهيو...؟ آفيس ۾ ڪجهہ سمجهيو پيو وڃي."

هن ڳالهہ درگُذر ڪندي وراڻيو

"مون کي ان جي پرواهہ ناهي، آئون اهڙن ماڻهن تي سوچي پنهنجو وقت وڃائڻ نٿي چاهيان ۽ توهان هڪ ڳالهہ ٻڌايو...؟"

هن جهيڻي لهجي ۾ وراڻيو

"ڪالهہ مون اوهان تي چڙ ڪئي، انهيءَ لاءِ معذرت ڪريان ٿي. بس جليل جيڪا ڳالهہ مون کان هضم نہ ٿيندي آهي، سا مُنهن تي چئي ڇڏيندي آهيان. مصنوعي رکاءُ مون کان ڪانہ ٿئي."

مون وراڻيو

"نہ حنا، مون تي ان جو ڪو اثر نہ پيو. توهان وڏيڪ سمجهدار آهيو. شين کي وڏيڪ سمجهو ٿا. تڏهن تہ...."

هن منهنجي ڳالهہ ڪٽيندي وراڻيو

"حجاب کان ڪم نہ وٺو. توهان جي چهري جو رنگ اُن وقت ڦڪو ٿي ويو هو. ڏسو جي اوهان مُعاف نہ ڪندا تہ مان سمجهنديس توهان کي مُنهنجي ڳالهہ بُري لڳي هُئي. اجا بہ ان جو اثر توهان جي ذهن ۾ آهي."

مون کيس يقين ڏياريندي وراڻيو

"نہ حنا آئون ناراض نہ ٿيو هوس. بس شرمنده ٿيو هيس. توهان بلڪل سَچا آهيو. فضول ماڻهن تي سوچڻ پنهنجو نقصان آهي. بهتر اهو آهي تہ ماڻهو پنهنجون سوچون ڪنهن تعميري ڪم تي صرف ڪري."

هن مُرڪندي وراڻيو

"شڪر آهي اوهان سمجهي تہ ويا. مون کي تہ صفا وڏيرا پئي لڳا."

هن جي ڳالهہ مونکي چيڙائي وڌو، احتجاجن وراڻيم

"حنا هڪ ڳالهہ مجو. آئنده ڪڏهن بہ مونکي وڏيرو نہ چئجو. مون کي سماج جي ان ڪردار سان سخت نفرت آهي."

هن مُرڪندي ڏيرج مان وراڻيو

"وڏيرا نفرت ڪردار سان نہ ڪرڻ گهرجي. ڪو بہ ڪردار خراب ناهي هوندو. سڄو دارومدار ڪردار ادا ڪرڻ واري تي هوندو آهي. وڏيرو وڏي کي چئبو آهي، اهو وڏو جنهن کي پنهنجي ننگ ۽ دنگ جو ڀرم رکڻ اچي. توهان مُعاشري جي جن ماڻهن کي وڏيرو سمجهو پيا. اهي پنهنجي ذات ۾ تمام پتڪڙا ماڻهو آهن. اهي ڪنهن بہ طرح ان ڪردار جي پيمائش ۾ نٿا اچن.......!"

حنا مون کي لاجواب ڪري ڇڏيو. ڪيس هر موضوع تي ڳالهائڻ ايندو هو. مون آڻ مڃيندي وراڻيو
''نيڪ آهي وڏيري.''

هوءَ مُرڪي پئي ۽ دير تائين مُرڪندي رهي. منهنجي چهري تي بہ خوشي رقصان ٿي. ايتري ۾ وقار ٻاهر نڪتو. هن اسان کي جيئن ئي مرڪندي ڏٺو تہ سندس مُنهن جو رنگ ئي بدلجي ويو ۽ آئون دل ۾ حنا کي دُعا ڏيڻ لڳس

''ڪائنات جا ڏٺي مُنهنجي حنا جي مُرڪ تي ڪڏهن بہ خزان نہ آڻجان..... هن جي سينڌ سنڌو جيان پوتر رهي، تون ئي سندس لوئي ۽ لڄ جو ضامن رهجان!''

حنا مون لاءِ مُقدس ٿي وئي هُئي. هوءَ اڪثر مونکي وڏيرو ڪري سڏيندي هُئي. آئون ڪجھ گهڙيون منهن ڦيريندو هوس، تہ هوءَ مُرڪي منهنجو رعب ٽوڙي ڇڏيندي هُئي ۽ آئون چوندو هوس تہ ''وڏيري تون وڏيري کان زور...''

ايئن ئي ڪل يوڳ ۾ پروجيڪٽ جا 14 مهينا گذري ويا هئا. پر اسان جي وچ ۾ اظهار نہ ڪرڻ واري شرم ڀوتي اڃا سائي هئي. مون هن سان مضبوط رشتو جوڙڻ پي چاهيو جنهن جي بنياد ۾ دير جو ٿيڻ فطري هو.

اڄ جڏهن ملاقات جو آخري ڏينهن هو، تہ دل جي حالت رحم جوڳي ٿي وئي هُئي. ڪافي دير کان ڪينجهر ۾ ڏسي رهيا هُئاسين. نيٺ هن خاموشي ٽوڙيندي چيو

"ڪينجهر ۾ ڇا پيا ڏسو ايڏي دير کان، ڇا ان ۾ بہ ڳولا...!؟"

مون اڃان ڪجھ بہ نہ وراڻيو تہ هن ٻيهر چيو

"مون ۾ تہ ڪجھ بہ ڳولهي نہ سگهيا، ڪينجهر ۾ وري ڇا ڳولهي لهندا؟"

مون هلڪي مُرڪ مُرڪندي وراڻيو

"حـــــنا! مون تہ تو ۾ گهڻا ڏينهن اڳ سڀ ڳولهي ورتو هو...!''

هن ڳالھ ۾ دلچسپي وٺندي حيرت مان پڇيو

''اڙي واه! مون کي بہ نہ ٻُڌايو اوهان، ٻُڌايو نہ سائين آخر اهو ڇا هو جو اوهان مون ۾ ڳولهي ورتو..... ۽ ان جو مونکي بہ پتو نہ پيو..؟"

مون وراڻيو

"حـــــنا سمجهڻ يا محسوس ڪرڻ بہ ڪجھ هوندو آهي. خير توهان ڪينجهر ۾ ڏسو ڪجھ ڏسڻ ۾ پيو اچي!''

هن نڙڪ وراڻيو

" ها، پاڻي.''

مون کي کل ڇڏائي وئي، ۽ بعد ۾ هن بہ مُرڪي ڏٺو. مون ٻيهر وراڻيو

"توهان ڪينجهر ۾ غور سان ڏسو ڪجھ نظر پيو اچي!''

هن سنجيدگي مان پُڇيو

"ڪينجهر ۾ پر ڇا.......!؟"

مون وراڻيو:

" آهي ڪا خاص! جنهن جي تصوير مُنهنجي اکين ۾ آهي.''

مون هن ڏانهن ڏٺو ڪجهه گهڙيون هن جي چهري تان مُرڪ غائب ٿي.

"اڄ ته وڏيري جو مزاج شاعراڻو پيو لڳي, آخر ڪير آهي اها جنهن جا عڪس توهان کي ڪينجهر ۾ نظر اچن پيا.؟"

مون هن جي اکين سان اکيون ملائي وراڻيو

"بس آهي ڪا ڪونج! جنهن جي ڪرڪ ڏور شفق منجهان گونجي اچي منهنجي ڪنن ۾ سرگوشي ڏئي من کي سرهو ڪندي آهي.''

هن ڳالهه ۾ تجسس محسوس ڪيو وراڻيائين

"اڙي واه! هاڻي ٻُڌاءِ سائين...ڪير آهي اِها..مون ڪان لڪايو پيا''

مون اڃا به ڳالهه تان پردو کڻڻ نٿي چاهيو

" آهي ڪا اپسرا, جنهن جا جلوا چنڊ کي به مُنور ڪري سگهن ٿا. مون لاءِ هوءَ تمام خاص ۽ مُقدس آهي, جنهن کي مان ڪڏهن به ڇُهي عام ڪرڻ نه چاهيندس. هن سان آئون مُحبت ۾ به عقيدت رکان ٿو!''

هن وراڻيو :

'' پر جـــليل اِهي خوابن جون ڳالهيون آهن, اڄ جي دؤر ۾ اهڙي چاهت جو ڏُڪار آهي. جيڪي مُحبت عبادت جيان ڪن... سي ماڻهو ڪٿي آهن هتي؟"

مون ڪيس قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

"حـــنا آئون ميان ٿو ته بي حيائي عروج تي آهي, مُنافقت جي پيهه ۾ سچائي جي پرک ڪرڻ ڏُکي آهي. پر وري به اهڙا ماڻهو ملي وڃن ٿا, جن کي نينهن جو ڀرم رکڻ اچي ٿو.''

هن بي اعتباريءَ مان وراڻيو

"نه جـــليل! گهٽ ۾ گهٽ آئون هن مُعاشري مان اهڙي اُميد نه ٿي رکي سگهان. هتي ماڻهو پيار جسمن جي بک مٽائڻ لاءِ ڪن ٿا. هنن ۾ عقيدت تيستائين هوندي آهي, جيستائين ڇوڪري سندن چار ۾ ڦاسندي نه آهي. هتي سڀ جا سڀ هڪ جهڙا آهن.''

هن ڳالهه ڪري اڃا مس بس ڪئي ته مون چيو

" ته پوءِ حنا! اوهان جو مون لاءِ ڇا خيال آهي ؟"

"ڇا مطلب........!!؟"

هوءَ مُنجهي پئي, ۽ مون هن تي پنهنجي نفسياتي برتري محسوس ڪئي هُئي. پهريون ڀيرو مُنهنجي زُبان دل جو ساٿ ڏئي ڇئي ڏنو

“ مون تہ اوھان کي ڇُھڻ بنا چاھيو آھي, مون تہ ڪڏھن بہ اوھان آڏو پنھنجي خواھش ظاھر نہ ڪئي آھي. مون تہ پنھنجي چاھت جو ھميشہ تقدس قائم رکيو آھي, ۽ مون سوير کان ڪينجھر ۾ اوھان جو ئي عڪس ڏٺو پي... ۽ مون توھان ۾ چاھت ڳولھي ھُئي جيڪا....'' اوچتو ريسٽورنٽ ھال مان سڏ ٿيو ھوءَ بنا ڪجھ پُڇڻ جي اندر ھلي وئي. سندس چھري جا تاثرات مون ڪجھ گھڙيون ڳالھائيندي منجھيل محسوس ڪيا, دل ۾ خوف پيدا ٿي ويو. ڪٿي ھن مُنھنجي اظھار جو بُرو اثر تہ نہ ورتو. ھونئن بہ انھيءَ خوف سبب ئي ايترا ڏينھن چاھيندي بہ اظھار نہ ڪري سگھيو ھُيس, ڳڻتي منجھہ سينو جڻ ڳيا ٿي ويو ھو. تقريب شروع ٿي وئي ھُئي. پر اندر وڃڻ لاءِ مُنھنجا پير نہ ٿي رھيا ھُئا, چاڪاڻ تہ وڇوڙي جو پوائتو چھرو ڏسڻ جو مون ۾ حوصلو نہ رھيو ھو. وڏي ڳالھہ تہ مُنھنجي چھري جي بہ حالت ڏُکاري ھُئي, جنھن کي مون جمشيد ۽ وقار وارن جي اڳيان ظاھر نٿي ڪرڻ چاھيو. پر ھو اڄ ڪافي خوش ھُئا, وري مُنھنجو اداس ھُجڻ ھنن لاءِ وڏي سرھائي جو سبب بنجي ھا. ڪجھہ گھڙين ڪانپوءِ پنھنجي چھري تي مُرڪ سجائي ھال ۾ ھليو آيس. سڀ پنھنجا پنھنجا تاثرات ڏئي رھيا ھُئا. مون رکي رکي حسنا ڏانھن چتايو پئي, پر ھن مون ڏانھن نہ ڏسي مون کي وڏيڪ اُڻ تُڻ ۾ وجھي ڇڏيو ھو. اھا بيچيني اجا تڏھن سوائي ٿي وئي جڏھن حسنا اُٿي بيٺي ۽ پنھنجا الوداعي تاثرات ڏيڻ لڳي.

''اھا حقيقت آھي تہ ڪجھہ عرصو اڳ جيڪو اسان جو ساٿ جڙيو ھو. تنھن جي اڄ پُڄاڻي ٿي رھي آھي. اڄ ڪانپوءِ سين جون واٽون جُدا ھونديون.''

مونکي پگھر وٺي ويو پنھنجي پاڻ تي سخت ڪاوڙ اچي رھي ھُئي. حسنا جي ڳالھہ جاري ھُئي

“ پر ھتي آئون اھو بہ چوڻ چاھينديس تہ ھر پُڄاڻي انتھا لاءِ نہ ٿيندي آھي, پر ڪا ڪا پڄاڻي شروع ئي ابتدا لاءِ ٿيندي آھي. اھا ابتدا انسان کي پنھنجي اصل ماڳ ڏانھن وٺي ويندي آھي ۽ مُنھنجي زندگي جي ھڪ اھم موڙ جي ابتدا ئي اڄ ٿي آھي.''

ھن مون ڏانھن نھاري مُسڪُرايو سندس مرڪ سان منھنجي بي چين روح کي سڪون ملي ويو.

***

# گار

اڄ جڏهن غازيءَ بيزار ٿي ٽڪ (لوھ جي پيتي) جو تالو ٽوڙيو ته جڻ سڄي گهر جي اُميد ٽٽي پئي هئي. سندس آسرو ته پهرين ڏک سان ئي ختم ٿي ويو هو پر گهر ۾ ويٺل ٻن ڀينرن جي خوابن تي به ڄڻ هن پاڻي ڦيري ڇڏيو هو. ٽڪ نه هئي ڄڻ هنن لاءِ آٿت هئي ۽ هن ان آٿت کي ختم ڪري ڄڻ پاڻ کي به امتحان ۾ وجهي ڇڏيو هو. سندن والد هاڻي جڏهن عمر جا ڇهه ڏهاڪا ٽپيا هئا, تڏهن سندس به نياڻيون مس ساماڻيون هيون. جڏهن ته سندس هيءُ اڪيلو پٽ سورهن سالن جو ٿيو هو. اولاد جي گهٽ عمري جو سبب هن جي دير سان شادي جو ٿيڻ هو. هو جوانيءَ ۾ سريلو مڙس هيو. مٿس ڪيئي ناريون اکن چڪن ٿينديون هيون. ملهه پهلوان هئڻ سبب ميلن جي سونهن هوندو هو. هن کي جنهن قرب ۾ قابو ڪيو هو تنهن کي سندس خاندان ۽ راڄ ڪونه قبوليو هو ۽ هي شهر جي ڪنهن ڪنڊ ۾ اچي رهيو هو. ملهه ڇڏيندي ڪي ورهين ٿيا هيس. هاڻي وتائنس ڪم ڏنڊو به ڇڏائي ويو هو ۽ بک سندن گهرياتي ساٿڻ گڏ رهڻ لڳي هئي. زالينس به مسلسل بيمار رهندي هئي, جنهن سبب گهر جون حالتون انتهائي ڏکيي دؤر مان گذري رهيون هيون. هڪ بيماري مٿان وري قرض به مرض ٻڻجي ڳچيءَ ۾ پيو هوس. هفتي ۾ ٽي چار ڀيرا هن کي قرضين جو ٻڌڻيون پونديون هيون. هاڻي جڏهن هر هر قرضيءَ سندس ڪڙو ڪڙڪائيندا هئا ته هو ٻاهر ڪونه نڪرندو هو. ٻارن مان ڪنهن کي چوندو هو ته قرضين کي سندس گهر ۾ نه هئڻ جو ٻڌائي ٽاري ڇڏين. پر قرضيءَ ويندي ويندي ٻارن کي به ست سُريون ٻڌائي ويندا هئا. جن کي هو ٻڌي نه سگهندو هو. اڪثر ڪنن ۾ آڱريون وجهي ڇڏيندو هو.سندس ٻچن ته اهو سڀ ٻڌي اڻ ٻڌو ڪري ڇڏڻ کي معمول بڻائي ڇڏيو هيو. پر سندن ذهنن تي انهيءَ ذلت جا عڪس پنهنجي جڳهه تي چٽجي رهيا هئا. بيزار ٿي ماءُ کي چوندا هئا

“امان ڪيسين اسان هي بيعزتيون سهي بک مرنداسين, ڇا اسان جو پاڳ ڪڏهن به پلو ڪونه ٿيندو. ڇا اسان هميشه سڪندا رهنداسين, ۽ تون ائين ئي اڌوري علاج سبب تڙپندي رهندينءَ. بابا ويچارو ڪُل وهي انهيءَ ئي وٽ وٺان ۾ هوندو...!؟”

هن دنيا ۾ غريب ماڻهو پيدا ئي هڻ هٽان وٽ وٺان لاءِ ٿيندا آهن. هنن جون ڄمارون ڪٽي وينديون آهن, پر ضرورتون پوريون ناهن ٿينديون. هڪ مسئلي مان جان ڇڏائيندا آهن ته وري ٻي ۾ اٽڪندا آهن. هنن لاءِ زندگي گهاٽو هوندي آهي ۽ هو انهيءَ ۾ پيا پيڙهجندا آهن. هو به ڄڻ گهاٽي ۾ پنهنجي گهرياتين سميت پيڙهجي رهيو هو. هن جا ٻار جڏهن گهڻو نراس ٿيندا هئا ته ڪين سندن ماءُ بند ٽڪ ڏانهن اشارو ڪري چوندي هئي

‘‘اوهان فڪر نه ڪريو ٻچا, جڏهن پاڻي مٿي تان ورڻ لڳندو ته اسان هُن ٽڪ جو تالو کوليندا سين ۽ انهيءَ ۾ موجود سامان مان پنهنجي گهر جون ضرورتون پوريون ڪنداسين.’’

پوءِ هي اميدن تي ٻيهر تڳڻ لڳندا هئا. ڪين اها پڪ ٿي ويندي هئي ته اسان هن ٽڪ جو تالو کولي رات وچ ۾ امير ٿي ويندا سين. اميد جو قائم هجڻ واقعي زندگيءَ جي قائم هجڻ جيان آهي. ماڻهو آسري ۾ اڙانگا سفر به طئه ڪري ويندا آهن. چاڪاڻ سندن من ۾ اميد هوندي آهي. اميد راهن ۾ ڏيئن جيان ٻرندي آهي. انهيءَ جي روشنيءَ ۾ ئي ماڻهو محرومين جا رڻ ٽُپي ايندا آهن. جيڪڏهن من ۾ ڪا اميد ناهي ته پوءِ سڌن رستن تي به هلڻ اُهنجو لڳندو آهي. پنڌ وڏندو پيو آهي پر سفر ڪٽندو ئي ناهي. هي به ڪافي وقت ٽڪ ۾ موجود سامان جي آسري ۾ زندگي گذاري آيا هئا .ڪجهه عرصو پهريان هن جي وڏي ڏيءَ ڪي سائي ٿي پئي ته هن وياج تي رقم ڪٽي هن جو علاج ڪرايو. جڏهن هن وقت تي رقم واپس نه ڪئي ته وياجيءَ جو ماڻهو سندس در تي صبح سانجهيءَ بيٺو هوندو هو. ڪنهن ويل ڏڙڪا ڏاٻا ته ڪنهن مهل گار تو ار ڪري روانو ٿي ويندو هو .اڄ جڏهن وياجيءَ پاڻ هنن جي گهر جو دروازو کڙڪايو ته هن جي پٽ غازيءَ دروازو کوليو. دروازي مان وياجيءَ جي نظر سندس وڏي ڏيءُ تي پئي ته وياجيءَ جو وات پاڻي پاڻي ٿي ويو تنهن غازي کي چيو

“پٽين جڏهن گهر اچي ته چئجانس سامهون ويٺل پيٽين جو سڱ مونکي ڏي. وياج واري رقم معاف ڪرڻ سان گڏ پيا به ڏوڪڙ ڏيندس.’’

غازي توڙ ڪان جذباتي هو. تنهن جوتو لاهي وياجيءَ کي منهن وارو هٽي ڪيس گاريون ۽ پوندا ڏنا. پوءِ ته گهٽيءَ ۾ تماشو ٿي ويو. وياجيءَ ڪان جيتري پهتي اوتري ڪيائين. پٽس جي نالي هڪ گار لاهي ته ٻي چاڙهي. نيٺ پٽس ٻاهر نڪري وياجيءَ جي پيرن تي ٽوپي لاهي رکي معافيون ورتيون. ڪجهه پاڙي جا ماڻهو هن ۾ ضامن پيا تڏهن وڃي معاملو نربو. تنهن ڪانپوءِ هن گهر وڃي غازيءَ کي چنڊ پٽي، پر هن وراڻيو

‘‘بابا انهن وياج خورن کي غريب بيغرت لڳندا آهن. هن منهنجي ڀيڻ ۾ اکيون وڌيون ۽ آءٌ ڀلا اهو ڪيئن برداشت ڪريان.....!؟’’ هڪ ڳالهه تي پيءُ ٻي تي پٽ هو. ڳالهائڻ ۾ هو پٽ سان پڄي نه پئي سگهيو. مجبورين سندس وات تي ماٺ جو تالو ته اڳ ئي هٽي چڏيو هيو. غازي جي من ۾ ذلت جا ڪورا ڏُکي رهيا هئا. نيٺ هن هٿوڙو ڪنيو ۽ ٽڪ ڏانهن وڌندي چيائين

‘‘امان اسان تي اجا هن ڪان وڌيڪ ٻيا ڪهڙا ڏکيا ڏينهن ايندا، جو هن ٽڪ جو تالو کلندو. هاڻي هن ٽڪ جو تالو ٽٽڻ گهرجي.’’

سندس ماءُ جي بيچيني وڌي وئي، غازي کي ايلاز ڪرڻ لڳي

‘‘غازي پٽ ڏاهو ٿي، ٽڪ جو نالو نه وٺ. اجا اهو وقت نه آيو آهي.... پٽ ٽڪ جو تالو نه توڙ....رهڻ ڏي.’’

پر غازيءَ هٿوڙي سان تالو ٽوڙي وڌو. جيئن تالو ڀڳو تيئن ئي ماڻس جون رڙيون چپ جي پاتال ۾ هليون ويون. گهر ۾ سڪتو طاري ٿي ويو. غازي جي جيئن پيتي ۾ نظر پئي ته سندس هٿن مان هٿوڙو ڇڏائجي وڃي پيرن ۾ ڪريو. ڪيس اهي مهٽا ياد اچڻ لڳا، جيڪي ڪيس اڪثر ٻار ڏيندي چوندا هئا

‘‘هل....هل ناچٽيءَ جا پٽ....! ماڻين نچي ٽُپي شاديون ڪمايون تون وري ٽِڱ ٿو ڪرين.’’

غازيءَ تي ڄڻ قيامت برپا ٿي وئي هئي. سندس رت ٿمڪي پيو هو هن ٽڪ مان چيرون ڪڍي زور سان ٻاهر اڇلائيندي چيو ''منهنجي ٻانهن ۾ ايترو زور آهي امان! جن سان آئون ڪم ڪري پنهنجي پيٽن ڪي ڪمائي ڪارائي سگهان ٿو. منهنجون هي ٻانهون ڪٽيل ناهن، جو منهنجون پيٽون ناچٽيون ٻڄي پيرن ۾ چيرون ٻڌنديون.''

غازي ڪي ماڻس زور سان سيني ۾ پري چڙيو. سندس پيٽون بہ ڪيس چنبڙي ويون. سڄو گهر سڏڪا سڏڪا ٿي پيو هو پر اڄ جا سڏڪا ڪلهہ جي سڏڪن کان مختلف هئا. ماڻس روئندي روئندي چيو ''پٽ غازي! ڪاش تون منهنجو پٽ نہ پر ڀاءُ هجين ها تہ منهنجي ڀاڳ ۾ اها گار نہ اچي ها.''

***

# ڏار

عارب ڪُلهي تي ڪوڏر رکي پگهر اُگهندي گهر ڏانهن وڃي رهيو هو. ڳوٺ کان سڌ پنڌ تي وڏيري مُراد خان جي جاگير ڏانهن ويندڙ لنڪ روڊ جي پير ۾ چوڪڙي زمين جي ڪٽت ۾ اٿس. باقي گُذر سفر مڃي مارڻ تي اٿن. ڪجهه سالن کان پاڻي جي کوٽ سبب نالين مان اڪثر واري اُڏامندي نظر اچي ٿي. جنهن سبب مڇين جا تہ نسل ختم ٿي ويا. اڳ جڏهن شاخن ۾ رچ، چاريون، گهائيون ۽ نڙو هٽندا هُئا، تہ پوپري، مُنڊي، بوهڻ، موراڪا، ڪرڙي ۽ ٽيري مڇيءَ جا پاڻيءَ مان جهول نڪرندا هُئا. سانوڻ جيئن وسندو هو تہ مڇي آني ڇڏيندي هُئي. بدي ۾ تہ جڻ شاخن مان مڇي نہ ناٺو نڪرندو هو پوءِ هنن جا پاڳ پلا ٿي پوندا هُئا. هي پنهنجي حال مان ايترا تہ خوش هوندا هُئا جو سندن ڳوٺ مان سلوڪ، ميٺ محبت جي ٿڌڙي هير گُلندي پئي هُئي. سُکَ تہ هونئن بہ متانئن سانوڻ جي مينهن جيان وسندا هُئا. پر جڏهن کان پاڻي جي اٽاٽ ٿي، تہ ڏکن جڻ هنن جي سُکن جا گس سراپڻ شروع ڪيا. بُک ۾ ڪين ڪلفتون ورائڻ لڳيون. ڇڙوڇڙ ٿيڻ لڳا، نہ تہ اڳ چيڪي متيءَ سان راڳيل سندن ڪُشادا ۽ اُجرا ٽلا رات جي وقت دير تائين مُڙسن مان پريا پيا هوندا هُئا. پوڳ، چرچا، خبرون چارون ڪندي ويهائو تاري جيان رات ويهائيندا هُئا. غريب هُئڻ باوجود بہ اهڙي سلوڪ سبب هنن ڪڏهن بہ پاڻ کي ننڍڙڪو نہ سمجهيو هو. ڪڏهن ڪنهن سان ڪو مسئلو ٿيندو هو تہ آڌي ساڌي رات سات مِڙي مُٺ ٿي ويندا هُئا. پوءِ جيئن جيئن مٿن مُصيبتون وريون، تيئن تيئن ڇڙوڇڙ ٿيڻ لڳا. وسندل ٿلن تي اچي سُڃ واسو ڪيو. هرڪو پنهنجن جي حال کان بي خبر رهڻ لڳو. ڪنهن کي ڪنهن جي ڪل نہ رهي، ڪو مري يا ڪو بچي.........! رهيل ڪسرون ننڍي چاٽ ڪيِي ڇڏيون. ڳالهہ ڳالهہ تي مُنهن اتڪاءُ. صدين کان قائم ڳوٺ جو ڪلفتن نقشوئي بدلائي ڇڏيو هڪ ڳوٺ مان ڦري ٽيا چار ڳوٺ. چئني چڳن مڙسن روڊ تي پنهنجي نالي ڳوٺ جو بورڊ لڳائي وات ئي نئين ناهي ڇڏي. سڄي ڳوٺ ۾ هڪڙو سارنگ ئي سلجهيل هو جيڪو پنهنجي شوق سبب ڪجهہ پڙهي اڳتي نڪتو هو. شهر ۾ سندس علمي ادبي دوست بہ هئا، سندن صحبت سبب هو شعور رکندو هو. ڳوٺ جون موجوده حالتون ڏسي سندس من ڀرڻ لڳو. نيٺ هو ڪوشش ڪرڻ لڳو. هن سيني کي منٿ ميڙ ڪئي، هڪ دفعو سيني ڳوناڻن کي هڪ جڳهہ تي ويهاري کين سمجهائڻ لڳو.

”اسانجي ڇڙوڇڙ رهڻ جو فائدو موقعي پرست ماڻهن کي ملي رهيو آهي. توهان سڀ ڳڌجو. اسان سڀن جو ڳڌجڻ اسان جي وجود ۽ بقا جو ضامن آهي. جڏهن ماڻهو اندران ڪمزور ٿي ويندو آهي تہ ٻاهريون طاقتون ان تي آسانيءَ سان حملو ڪنديون آهن. اسان مُسلسل استعمال ٿي رهيا آهيون.“

عارب کي هُن جي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي. هو ضدي ڳاناٽو هو. سندس قول هوندو هو تہ

”مڙس تہ ڦڏو نہ تہ جڏو.“

تنهن طنزيہ لهجي ۾ وراڻيو

’’ڇورا ! چار درجا ڇا پڙهي پيو آهين. هليو آهين ڪيا بولتا ڪرڻ...... مونکي تنهنجون اهي ڪمزوريون ۽ مزوريون نٿيون سمجهه ۾ اچن. اهي حڪيمن وارا ڏس وڃي ڪنهن مريض کي ڏي.‘‘

سارنگ هنن جو مرض سمجهي ورتو هو تنهن سندن دارون دوا ڪرڻ پئي گهري. پر هو ته اُبتو مٿس ڏمرجي سينا تاڻي هليا ويا. هي سندن حال تي بيوسي جو ماتم ڪرڻ لڳو. پنهنجي ڳوٺ جو بگڙيل چهرو ڏسي پنهنجن جي حال تي پشيمان ٿيڻ لڳو. هن نٿي چاهيو ته سندن پنهنجا اڃا به وڏيڪ استعمال ٿي نفرت جي پاتال پيڙا ٿين. هڪ ته اڳ ئي سندن ڳوٺ مان تپندڙ روين جا اُلا اُٿي رهيا هُئا. مٿان آئي اليڪشن. تنهن سياسي لحاظ سان به ڳوٺ کي ٻن ڌڙن ۾ ورهائي ڇڏيو هو. عارب وارا وڏيري دودل جي حمايت ڪري رهيا هئا. جڏهن ته حيات ۽ باقي ڳوٺاڻا وڏيري مُراد خان سان گڏ هُئا. حيات جي پيٺ ۾ عارب وارن سان گهٽ ماٺهو گڏ هُئا. پر ضد ۾ انا ۾ هنن ڪان چڙهيل هُئا. اڃا به مُعاملو تڏهن خراب ٿيو جڏهن عارب وارن دودل خان جي پارٽي جا جهنڊا حيات جي زمين ۾ بيٺل وڻن ۾ لڳائي ڇڏيا. مُراد خان جي پيچ تي جڏهن حيات جن جهنڊا لاٿا. ته عارب وارا لنين ۽ ڪُهاڙين سان پُڄي ويا هُئا. پوءِ مُڙسن ۾ مارو ٿي ويو. ڳوٺ ۾ عورتن ۽ ٻارن جون ريهون ۽ راڙ ٻُري اُٿيا هُئا. نيٺ پوليس آئي. هڪڙا ويا جيل ۾ ٻيا ويا اسپتال ۾. جيل وارن کي پوليس ڪافي هٿ جو پاٽي ڏنو ٻئي ڏينهن ڪين وڏيرن ڇڏائي ورتو. هاڻي جڏهن ڪاٿ ڪمائي نڪتا ته مُڙسن جو جوش اڃا به سوايو ٿي ويو. نچندي ٽُپندي نعرا هڻندي پٽ ڪيڙي رهيا هُئا. بس رُڳو جيئي دودل خان...... جيئي مُراد خان. باقي برادري ۾ ته جيئري مُئي جا ڏنگ اچي ويا هُئا. سارنگ ويچارو بيوسيءَ جا لُڙڪ وهائيندو رهيو. سندن ڳوٺ ۾ جيڪي سياست ۾ ٻُڪ ڏار وڏا هُئا. سي هي ڏسي گهبرائيندو رهيو. منجهن باقي جيڪي پنهنجاپ ڪٽا بچيا هُئا. سي به هن ڏچي ڪانپوءِ پورا ٿي ويا. هاڻي سارنگ سوچيو ته هن تماشي کي ڏسڻ ڪان پلو آهي. ته هو ڪنهن ٻي پار هليو وڃي. پر سندس دل ان ڳالهه کي مڃڻ لاءِ تيار نه هُئي. هن جي دل ۾ اها اُميد به پيدا ٿي رهي هُئي. ته هو هڪ ڏينهن ضرور پنهنجي ماڳ تان رُسي ويل سلوڪ کي پرڇائي واپس وٺي ايندو. پيهر ياڻپي جي فتح جا جمالا گونجندا. هي اهڙي اُميد سان حيات وٽ ويو ۽ کيس منٿ ڪيائين

’’چاچا آئون مڃان ٿو ته زماني جي لاهن ۽ چاڙهن جا تجربا اوهان جا منهنجي عمر ڪان به وڏيڪ آهن. پر اڄ جيڪا منافقيءَ جي هوا گهُلي آهي. تنهن توهان سيني مان سڃاڻپ ختم ڪري ڇڏي آهي. توهانجون اکيون ٻوٽجي ويون آهن. خدارا اکيون کوليو.‘‘

حيات کي هن جي ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي. هونئن به حيات سوپر قسم جو ماڻهو هو. تنهن وراڻيو

’’ پُٽ آءٌ توکي سمجهان ٿو اسان کي پنهنجي رت ڪان وڏيڪ پيو ڪير به ناهي. جيڪڏهن عارب وارا هوڏ تان لهن ته اسان جا هو پائر آهن. اسان کي ڪابه ويڙهه جي ريس ناهي. اڳيون پويون سڀ وساري ڇڏينداسين. پر شرط اهو آهي ته هو به مڃين.‘‘

حيات جي موت تي سارنگ پُر اعتماد ٿي ويو. سندس نيڻ تارن جيان چمڪي پيا. وري اهڙي ئي آس کڻي عارب وٽ آيو هن کي ڏسندي عارب وراڻيو.

”حڪيم، اڄ وري ڪو نئون ٽوٽڪو ڪٽي آيو آهين ڇا؟ ٻيلي ڪامريڊ خُدا جو اٿئي واسطو جان ڇڏ.“

هن ڪي عارب جي لهجي مان طنز محسوس ٿي، هٿ ٻڌي عاجزي مان چيائين : ”چاچا عارب، خُدا ڪي ميجو دلين ۾ نفرتون نہ پاليو. اسان جا وڏا صدين کان هتي ڪنا رهي گُذاري ويا. ڪڏهن بہ هنن جي سلوڪ ۾ ڪنهن بہ لوڪ جي طوفان ڏار نہ وڌا. هاڻي بہ سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي سگهي ٿو. بس اوهان رُڳو ضد تان لهو. اسان جو جيئڻ مرڻ گڏ آهي. اسان ڇو پاڻ ۾ وڙهون؟ آءٌ چاچا حيات سان بہ مليو آهيان، هو بہ صلح چاهي ٿو.“

عارب حيات جو نالو ٻُڌندي ئي ٽپي رک ٿي ويو. پنهنجي مزاج جو سمورو زهر لهجي ۾ سموئي وراڻيائين.

”اڙي چُپ ڪر حيات جا چمچا، ڪٽي هليو آهي پٽس جي وڪالت! حيات ڪي وچي چئو تہ جنگ اڃا هاڻي شروع ٿي آهي. مُڙسئي جا ڪي منجهس ڏاٽا باقي هُجن تہ مقابلو ڪري. ها اهو بہ چئجانس پير سنيالي ڪٽي، بس رڳو دودل خان چونڊ ڪٽي وٺي. پوءِ تہ...!“

سارنگ جي چهري جو رنگ بدلجي ويو عارب جي ٿهڪندڙ لهجي هن جي معصوم چهري جو پاڻي وٺي ڇڏيو. هن جذباتي ٿيندي وراڻيو

” هميشہ پولڙن جيان وڏيرن جي ڊولڪي تي ناپيون پيا هڻجو ۽ هو هميشہ مداري بنجي اوهان کي نچائيندا رهندا. رهجو سدائين انهن افعالن ۾......!“

عارب مچرجي پيو ڪٽ تان اُٿي ڳوناٺن کي هُشي ڏيندي چيائين

”اڙي! اسين ٿياسين پولڙا ۽ هي مڙس.. چورا ڪيڏانهن ويا، وٺوس، اهڙا پادر هٽوس جو.“

پوءِ سارنگ لنيون برداشت ڪيون هُيون. تنهن بعد پاڻي مٿي کان چڙهيل ڏسي چُپ ڪري ويهي رهيو هو. عارب جي مٿي مان گرمائش تڏهن نڪتي، جڏهن دودل اليڪشن هارائي ويو. هنن فقط عزازت ۾ ڏار ئي وڌا، هونئن تہ اڃا واٽ تان ايندي ويندي اليڪ سليڪ ڪندا هُئا. پر هاڻي تہ هڪ ٻئي جي شڪل بہ ڏٺي ڪانہ وڻندي هُين. جڏهن بہ هڪ ٻئي جي سامهان ايندا هُئا، تہ منهن ڦيرائي هليا ويندا هُئا. ڪُلفتن سبب منجهائن احساس جو پاڻي نڪري ويو هو. دلين ۾ ديوارون اڀي ويون هُين. اڄ جڏهن عارب ڪوڏر ڪلهي تي رکي پگهر اُگهندي زمين کان ڳوٺ جي ويجهو پهتو تہ پويان گاڏي جي اچڻ جو آواز ٻڌائين. رستو ڇڏي پُٺ ڏانهن مُڙي ڏٺائين، تہ وڏيري دودل خان جي پيجارو لَٽ اُڏائيندي مُراد خان جي فارم هائوس ڏانهن هلي وئي. دل ۾ هڪ خوف پيدا ٿيڻ لڳس، چاڪاڻ دودل خان تازو مُراد خان کان چونڊ ۾ شڪست کاڌي هُئي . سوچيائين ڪٽي دودل ڪو قدم کٽي، ڪافي گُمان سندس دل ۾ پيدا ٿيڻ لڳا. جهڙپ ڏئي گهر آيو ۽ ماڻهن کي هُشي ڏنائين تہ

”سگهو لنيون، ڪهاڙيون، هٿيار کڻو ۽ هلو مُراد ڏانهن...ان جيڏا ٿيون ٿا. دودل اڪيلو ويو آهي اوڏانهن...... ڪيس ان مُصيبت جي گهڙيءَ ۾ آءٌ اڪيلو نٿو ڇڏي سگهان.“

ڪن ڪُهاڙا ڪنيا، ڪن لٺيون ۽ ڪن هٿيار. گاڏي مُڙسن مان پرجي وئي، هنن جي جڏهن اهڙي ڪاوڙ سارنگ ڏٺي ته هو به ٽپ ڏئي گاڏي ۾ چڙهيو. ڪين سمجهاڻ لڳو

”اڙي چاچا عارب! ٻار نه ٿي. ڪا سُڌ ڪر. اليڪشن هُئي ختم ٿي وئي..... چو ٿو ماڻهو مارائين، ڪٿي هو ٻاز ۽ ڪٿي توهان جهرڪيون.......“

عارب ڪاوڙ مان وراڻيو

”هاڻي گهٽي ٻڪ ڪري منهنجو ميٽر نه گهمائي، هڪڙي گوليءَ جو خرچ آهين.“

سارنگ سينو تاڻي وراڻيو

”ها هڻ مونکي گولي، گهٽ ۾ گهٽ وڏيڪ تماشو ته نه ڏسي سگهندس. اڙي هو وڏيرا وڏيرن جا يار.....اوهان چو ٿا ڪاراٽ ڪٽو؟“

هن سارنگ کي ٻُڌي اڻ ٻُڌو ڪري ڇڏيو. جڏهن مُراد خان جي فارم هائوس تي پهتا ته اُتي جشن جو سماءُ لڳو پيو هو. ماڻهو مُراد خان کي مُبارڪون ڏئي اجرڪون اوڍائي رهيا هُئا، دودل به سندس پر ۾ ويٺل هو هو ٽنگون ٽنگن تي چاڙهي رکي رکي مراد خان سان ڳالهائي ٺهڪ ڏئي رهيو هو. سڀ پاڻ ٿر لڳي رهيا هُئا. عارب جيئن اهو لقاءُ ڏٺو ته هن سندس ماڻهن کي گاڏي ۾ ئي رهڻ جو چيو. پاڻ ڪجهه اڳتي آيو. سارنگ سندس ڪِيڏ هو. هُن جي نظر ڪمدار تي پئي، ته وڏي وجي وٺائنس پُڇيائين

”ڪمدار هي ڪهڙو لقاءُ پيو ڏسان.!؟“

ڪمدار حيرت منجهان پُڇيس

”لقاءُ! ڇا مطلب، ڇا جو لقاءُ؟“

ڪمدار مُڪمل اڻ ڄاڻائي ظاهر ڪئي، عارب ڪجهه ڳالهه تان پردو کنيو.

”وڏيرو دودل خان، وري مُراد خان جي پر ۾...اجا ڪالهه ته.“

ڪمدار حيرت مان وراڻيو

”ته ان ۾ حيرت جي ڪهڙي ڳالهه آهي، اڙ مغزي، اهو ته...“ عارب سندس ڳالهه ڪٽيندي وراڻيو

”حيرت جي ڳالهه بروبر ڪونهي ڪمدار، پر هي ته هڪٻئي جا دشمن..... ۽........ ۽.......!!.“

عارب چوندي چوندي رُڪجي ويو ڪمدار پُڇيس

”توکي ڪنهن چيو ته هي دشمن آهن؟“

عارب سچي ڳالهه کولي ٻُڌائي

”ڪمدار، اجا ته ڪالهه اليڪشن ۾ هڪ ٻئي تي الزام هڻندي نه پئي ٿڪا.... هڪ ٻي جا عيب ڳڻائڻ ۾ به بس نه پئي ڪيائون.“

ڪمدار کي عارب جي ڳالهه تي ٽهڪ ڇڏائي ويو ٺڙڪ وراڻيائين

”ها ها ....اڙي بيوقوف هاڻي آءُ توکي ڇا چوان....... ها ها ها ها !؟

سياست جي خبر هُجي ها توکي، ته اهو سوال ئي نه ڪرين ها.“

عارب حيرت ۾ پئجي ويو.

’’سياست........!؟‘‘

ڪمدار ڪيس سمجهايو.

’’ها بابا سياست ۾ سڀ جائز آهي. هي وڏيرا راڄن ڀاڳن جا ڌڻي، سو ٿوري سياستڙي جي ڪري پنهنجا واسطا خراب ڪندا.‘‘

عارب چڙ پٽ تي ويو. ڪمدار هليو ويو. هن سارنگ سان اکيون ملائي ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو

’’پُٽ! تون صحيح هُئين، هنن وڏيرن جا تہ واسطا اسان جي رت جي رشتن کان بہ وڌيڪ سگهارا آهن. اسان جي تہ رشتن ۾ بہ ڏارَ...!‘‘ هن پنهنجي مٿي تان پٽڪو لاهي، سارنگ جي مٿي تي رکي ڪيس پاڪُرن ۾ ڀري ڇڏيو.

***

# سوا سيرِ

طبيعت ۾ چڙ رت جيان ڊوڙي رهي هُئي. جڻ سڀ ڪجهه لُٽائي دشمن جي فتح جو جشن اکين سان ڏسي لُڇندو هُجان. ذهن ۾ ڪاوڙ ۽ ڏُک وارن خيالن ڊيرو اچي ڄمايو هيو. دل جو سڪون جڻ بندوق جي نڪاءَ تي پکين جيان اُڏري ويو هو. طبيعت ۾ ايتري لُڇ پُڇ اڳ ڪڏهن به محسوس نه ٿي هُئي. هوءَ جا رات رُني جڻ قسمت ئي رُسي وئي. ڪائنات جو هر رنگ ۽ سمان شامِ غريبان جيان اداس ۽ ماتمي ٿي لڳو. گذريل ٻن ڪلاڪن کان مسلسل هن جو نمبر ڊائل ڪري رهيو هيس, پر آف هيس. هاڻي هن سان رابطي جو قائم ٿيڻ مون لاءِ جڻ موت سان جهيڙيندڙ مريض لاءِ "بلڊ ڊرپ" ٿي ويو هو. منهنجي اهڙي حالت ڏسي دوست ته مون کان هٿ ڇڏائي ويا, باقي گهر وارن مونکي برداشت پئي ڪيو. منهنجي طبيعت ۾ اها تبديلي اوچتو تڏهن آئي جڏهن منهنجو اتفاق سان رابطو شائسته سان ٿيو هو. پهريان ته هوءَ فقط مون لاءِ رانگ نمبر هُئي,

پر هاڻي منهنجي نڙيءَ مان آواز فقط هن جي ڳالهائڻ سان ئي ٿي نڪتو. نه ته آئون "سائيلينس پرسن" ٿي ويو هوس. هن جي رابطي مونکي ڪچهرين ۽ محفلن مان ڪڍي هڪ اهڙي سوڙهي گهٽيءَ ۾ آڻي بيهاري ڇڏيو هو. جتي هن جو آواز ئي مون لاءِ آڪسيجن هو. هن سان ڳالهائيندي ڪلاڪ پلن جيان گُذري ويندا هُئا. ڪجهه ڏينهن کان هن جو نمبر ٻي لائن سان به جڙيو هيو, اُن لائن ئي مون ڪي هن کان آف لائن ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو هُيو.

ڪلهه رات جڏهن مون ذهن ۾ پيدا ٿيندڙ وهمن کي ختم ڪرڻ لاءِ هُن کان پڇيو هو

"شائسته! مون کي ڪجهه ڏينهن کان توهان جي رويي ۾ اوپرائپ محسوس ٿي رهي آهي. جڏهن مون سان ڳالهائيندا آهيو ته مون کي ائين لڳندو آهي ته توهان جو ذهن ڪنهن ٻئي طرف هوندو آهي. توهانجون مون مان پهرين واريون دلچسپيون به گهٽ ٿينديون وڃن...... ڇا اڄ ڪلهه توهان...؟"

هن منهنجي ڳالهه ڪٽيندي وراڻيو

''چوڻ ڇا ٿو چاهين؟"

مون وراڻيو

''آئون چوان ٿو مونکي ڪلهه ۽ اڄ جي شائسته ۾ فرق نظر اچي ٿو. جيڪا شائسته ڪلهه منهنجي پيار جي حصار ۾ هُئي, سا اڄ ڪنهن ٻئي جي .......''

هوءَ جڻ وڄ بڻجي مون تي وري هُئي

'' شرم اچڻ گهرجي توکي, مون تي شڪ ٿو ڪرين. تنهنجو دماغ ته جاءِ آهي, ڀڪين ڇا پيو؟ ايتري ڪريل آهيان نه مان, نه ڳالهائج مون سان هاڻي.......''

"شائسته........شائسته ........شائسته.........!!شا.......''

هُن ڪال ڪٽي نمبر ئي آف ڪري ڇڏيو.

هوءَ پهرين بہ رُسندي هئي، هونئن بہ رُسڻ پرچڻ پيار جو مَرڪ ٿيندو آهي. ڇاڪاڻ رُسڻ ڪانپوءِ ٿيندڙ پرچاءُ ماڻهو کي وڏيڪ هڪٻئي جي ويجهو آڻي ٿو. پر هن جي هن ڀيري واري رُسڻ ۾ ڏاريائپ محسوس ٿي هئي. ڄڻ هن ءِ منهنجي وچ ۾ ڪنهن ڪوٽ جي ديوار اڀي وئي هُئي، آئون ٿڪي وڪرڻ لڳو هُوس. اکين جا بند ٽٽڻ وارا هُئا تہ مونکي سائيڪالاجسٽ ميڊم سوميہ جو مشورو ذهن تي هُري آيو.

”جڏهن توهان پاڻ کي مايوس پانيويا زندگي خفا لڳي، تہ پنهنجو گذريل اهو وقت يا لمحا ياد ڪندا ڪريو. جيڪي توهان لاءِ خوشيءَ جو سبب بڻيا هُجن. انهن کي بار بار ياد ڪريو. تہ توهان اهڙي عمل سان پاڻ کي مطمئن پائيندا.“

آئون بہ هن سان گهاريل سُنا پل ياد ڪرڻ لڳس. اهي سڀ ڳالهيون پوڳ، موج مستيون ذهن تي هُري آيون، جيڪي مون لاءِ هن وقت ڪيلشيم ثابت پئي ٿيا. هڪ وقت هن چيو هو

”سُڪار! جي مان توهان سان نہ ڳالهايان ها تہ شايد مونکي زندگي جي تلخ حقيقتن ءِ شوخ حسناڪين جو ڪڏهن بہ شعور نہ ٿئي ها. توهان جي ذات ئي مونکي عام ڇوڪري مان باشعور بڻايو آهي، ريئلي ٿينڪس ڊيئر.“

ڪنهن ڇوڪري جي زباني پنهنجي واکاڻ ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو هوس، من مست ٿي ويو هو.

مون وراڻيو هو

”شائستہ اهو ڪارنامو فقط منهنجو نہ پر توهان جو بہ آهي. ٻي ڳالهہ اهو تڏهن ممڪن ٿيو. جڏهن توهان منهنجو ساٿ ڏنو. سچ پُڇين تہ جانان تون مون کي ٻڙ جي ڇانوَ جيان پيار جو احساس ڏياريو آهي، جنهن جي ٿاڪ منجهند ۾ ٿڪل مسافر کي تلاش هوندي آهي، قسم سان آئون بہ زندگي جي رڻ ۾ رُلي ٿڪجي پيو هُوس.“

هُن پُڇيو هو

”توهان کي خوف نٿو ٿئي، جيڪڏهن مون توهان کي ڇڏي ڏنو تہ.........؟“

مون پنهنجي عشق جي پُختگي واضح ڪندي وراڻيو هو

”ايئن نہ ٿيندو شائستہ! هونئن بہ انساني فطرت رهي آهي. هن کي جنهن شيءَ جو خوف هوندو آهي، يا ان کي ڪنهن طرف وڃڻ کان روڪبو آهي. هو اُن طرف هليو ويندو آهي. هن جي اندر ۾ ان چيلينج جو چمي مقابلو ڪرڻ جو حوصلو پيدا ٿي پوندو آهي تون تہ وري بہ...“

هن بوريت محسوس ڪندي وراڻيو هو

”اڙي بابا ڪا نارمل ڳالهہ بہ ڪر، وري ڪٺي فلسفو ويهي رهين.“

آئون اهو سڀ سوچي رهيو هُوس تہ پيڻ سڏ ڪيو

”سُڪار ادا....امان سڏي پئي اچي ماني کاءُ.“

آئون ڄڻ گهري ننڊ مان ڇرڪ ڀري سُجاڳ ٿيس

”ها آئون اچان ٿو.“

رات ڪانپوءِ منهنجي زبان مان اهو پهريون جملو نڪتو هو. اڪيون مهٽي ٻاهر آيس ته امان مون کي ڏسي پڇيو

''پُٽ ڇا ڳالهه آهي؟ صفا مجنون ٿي ويو آهين. بس هاڻي ان جو حل تنهنجي شادي ۾ آهي.''

امان جي اُن ڳالهه سان سندس پير ۾ ويٺل منهنجي منگيتي شازيه لڄي ٿيندي ڪمري ۾ هلي ويئي. شازيه خوبصورتيءَ ۾ ڪنهن پري کان گهٽ نه هُئي. پر نه ڄاڻ ڇو منهنجي مت ڪُتي وئي هُئي، جو مون نانگن جي ٻرن ۾ آڱريون وجهڻ جي ڀُل ڪئي هُئي. هن جو فطرتي حُسن مون کي نظر نه پئي آيو.

جڏهن ته شائسته سان ڳالهيون مون کي توانائي ڏينديون هُيون. شازيه کي نظرانداز ڪري جڻ آئون پنهنجي پاڳ کي پُني ڏئي رهيو هُوس، هن کي اهو پتو هيو ته مان شائسته جي چاهه ۾ چريو آهيان. پر شازيه ايتري ته سادي هُئي جو هن انهيءَ جو اثر ئي نه قبوليو. هن جون نظرون هميشه مون تي مهربان رهنديون هُيون. اڄ ته ڪاڏو به رت ٿي لڳو هو.

آئون ڪٽ تي وينس پيڻ ماني کٽي اچي مون کي ڏني. مون مانيءَ جو هڪڙو گرهه وات تي رکيو ته موبائل ٽون وڄڻ لڳي. مون اهو گرهه وات ۾ وجهڻ بدران واپس رکي موبائل ڏٺي ته شائسته جي ڪال هُئي. سڄي جسم ۾ جڻ توانائي موٽي آئي، ماني اُتي ڇڏي چريي وانگي منهن وات ڪري گهر مان نڪري آيس.

پويان امان ۽ ادي سَڏَ ڪيا، پر انهن جا سڏ جڻ مون کي قبر جي ڪوٺ محسوس ٿيا. ڪال رسيو ڪري هن اڃا ڪجهه وراڻيو ئي نه، تيستائين مون ڪنهن بزدل سپاهيءَ جيان آڻ مڃي وراڻيو

''شائسته، آئي ايم سوري...ويري سوري، مون توهان کي هرٽ ڪيو. مون کي ايئن نه ڪرڻ کپندو هو توهان ته پاڪ.''

اڄ ته پيار ۾ مُڇ جو وار ٿي پيوهُوس، هن جون اڳيون پويون غلطيون وساري ڪيس مسجد جو ڪڪ سمجهڻ لڳو هُوس. هن رکو جواب ڏنو

'' اٽز اوڪي، پليز آئيندا خيال ڪجو.''

هن اڃا ايترو چيو نه ڄاڻ اندر ۾ ڪهڙي لُڇ هُيم، جو هن جي ڳالهه پوري ٿيڻ کان اڳ ئي چيم

''نه شائسته هاڻي ايئن نه ٿيندو، تون ٻُڌاءِ ڪيئن آهين. گهر وارا ڪيئن آهن، وقت ڪيئن گُذريو. مان ياد آيس؟ سچ پُڇين ته منهنجو جيءُ تو بن جُهري پيو هو ايئن ٿي لڳو جڻ مون کان ڪائنات رُسي وئي هُجي. پليز مان ته سچ ۾ چريو آهيان، بيوقوف آهيان. تنهنڪري توهان منهنجي ڳالهين کي درگُذر ڪندا ڪريو. باقي مان توهان کي.......''

مون اهو سڀ چئي ڇڏيو اڃا ڳالهه جاري هُئي، ته هن منهنجي ڳالهه ڪٽيندي وراڻيو

''هاڻي بس به ڪريو مونکي به ڳالهائڻ ڏيندا يا فقط توهان.''

'' جي....جي.... توهان ٻڌايو آئون ته سڄي عمر توهان کي ٻڌڻ لاءِ تيار آهيان.''

هن منهنجي ڳالهه تي ٽوڪ ڪندي وراڻيو

’’سڀ مرد ايئن چوندا آهن. پر جڏهن مستي لهندي اٿن تہ ڏنڍ جي پکين جيان اڏري وري ڇهنب وجي ٻي ڏاٽي ۾ هٽندا آهن. هڪ جام مان ڍاپجڻ مرد ذات جي فطرت ۾ ئي ناهي. چاڪاڻ ڪين گهٽ موقعن تي موڪيءَ جا هٿ لڳندا آهن.‘‘

سندس ڳالهہ تي منهنجو وات پٽجي ويو

’’ڏاڍي چالاڪ ۽ ٻولڊ ٿي وئي آهين!‘‘

هن وراڻيو

’’انهيءَ ۾ چالاڪي جي ڪاٻہ ڳالهہ ناهي، عام ڳالهہ ڪئي اٿم. ٻي ڳالهہ تہ هڪ بيڊ نيوز آهي........‘‘

هن جي ڳالهہ جڻ مون کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو مون خوف ۽ تجسس مان پُڇيو

’’ڇہ...ڇہ.....ڇا ٿيو شائستہ! خير تہ آهي؟‘‘

لفظ نڙيءَ کي رهڙي نڪتا، هن وراڻيو

’’ها خير آهي، مائٽ هميشہ اولاد جي ڀلي لاءِ سوچيندا آهن. منهنجي مائٽن جو خيال آهي تہ منهجي عمر چڙهي رهي آهي، تنهنڪري منهنجي شادي.‘‘

هن تہ دهلن ۽ شرنائن جي ڳالهہ ڪئي، پر مونکي خوف ونڻ لڳو. دل تي ضبط ڪندي مون وتائنس پُڇيو

’’ تہ....تہ پوءِ تنهنجي مرضي ڇا آهي شائستہ........؟‘‘

’’هن اطمينان مان وراڻيو

’’مون اجا ان تي غور نہ ڪيو آهي، توهان ٻُڌايو مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟‘‘

هن جڻ مونکي امتحان ۾ وجهي ڇڏيو پر مون وري بہ پنهنجي دل جو حال رکيو

’’شائستہ مون توکي دل جي گهرائين سان چاهيو آهي، آئون تہ ڪڏهن بہ نہ چاهيندس تہ منهنجي محبت ڪنهن ڌاريي جي سيج تي لانئون لهي. ان لاءِ آئون توکي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ وڃائي سگهان ٿو جانان.‘‘ هن آٿت ڏيندي وراڻيو

’’مونکي توهان تي ڀروسو آهي. پر پيار ۾ ايڏو جذباتي نہ ٿيو. جو سياڻي وچوڙي جي سٽ سهي نہ سگهين. ٻي ڳالهہ تہ مون کي نہ ڏنو اٿئي نہ پرکيو اٿئي، پوءِ بہ.‘‘

مون روايتي پيار جو پٽو ڇڏيندي وراڻيو

’’ شائستہ! عشق ذات پات، اوچ نيچ، شڪل و صورت کان مٿانهون ٿي ڪبو آهي. مون اکيون بند ڪري توکي چاهيو آهي. تون ڪهڙي بہ هُجين....ڪيئن بہ هُجين.... مونکي قبول هوندينءَ..‘‘

هن وراڻيو

’’مونکي تنهنجي انڌي عشق تي خوف ٿو ٿئي سُڪار‘‘

مون هن کي حوصلو ڏيندي وراڻيو

’’خوف نہ ڪر چري، مونکي پاڻ تي ۽ توتي پورو ڀروسو آهي. پنهنجو پيار ضرور بهارون ماڻيندو.‘‘

هن وراڻيو

”اوڪي بابا، مون وٽ اج توهان لاءِ هڪ سرپرائيز آهي.“

منهنجو ذهن حيرت جي درياهه ۾ ٽوٻا ڏيڻ لڳو پڇيم: ”سرپرائيز! ڪهڙو سرپرائيز شائستہ...مونکي ٻڌايو پليز؟ “

”اُهو اِهو تہ مان توهان سان ملڻ لاءِ تيار آهيان. پر هڪ شرط آهي تہ ملڻ ڪانپوءِ توکي پويان موٽڻو نہ پوندو. جيئن چاهين ٿو تيئن ئي مونکي چاهيندو رهندين. ايئن نہ ٿئي تہ مون کي ڏسڻ کان پوءِ تنهنجو پيار هوائي قوڪٽو ثابت ٿئي، ۽ اُن مان عشق جي هَوا نڪري وڃي. تنهن ڪري مون سان پليز سوچي سمجهي ملجانءِ.“

هن جڏهن مون کي خبردار ڪندي مون کان وچن ونئي چڏيو پر آئون عشق جي جهاز ۾ يرغمال هُيس. مون تي ڪابہ خبرداري اثر نہ ڪري رهي هُئي. مون وراڻيو

”شائستہ چري آهين ڇا؟ منهنجي پيار تي شڪ ٿي ڪرين. شاباس اٿئي .... اهو سوچ جيڪو ماڻهو تنهنجي اڻ ڏٺي توتي ايترو فدا آهي، ۽ هو ڏسڻ کان پوءِ......“

هن منهنجي ڳالهہ ڪٽيندي ناز مان وراڻيو

” الائي ! مون سوچيو ڪٿي توتان عشق جو نشو لهي نہ وڃي. ڇا ڪاڻ هن دؤر جي عاشقن جي سرڪشي نشي تائين هوندي آهي، جيستائين خمار هوندا اٿن تيستائين آسمان تان چنڊ لاهڻ جون ڳالهيون پيا ڪندا آهن. جڏهن نشو لهندو اٿن تہ ذميوارين جي ڄار ۾ ڦاسي يا تہ چريا ٿي ويندا آهن، يا وري موالي ٿي ويندا آهن. ان لاءِ ئي مان چوندي آهيان حقيقتن تي ويساهہ ڪري انسان کي حقيقت پسند ٿيڻ گهرجي، تہ جيئن هو مُعاشري جي اُهنجن پيچرن تي زندگي جي گاڏي صحيح ڊرائيوِ ڪري سگهي.“

هوءَ جيتري منهنجي خيالن ۾ حسين هُئي اوتري ذهين بہ هُئي. جڏهن بہ ڳالهائيندي هُئي تہ گُل وِرڪيندي هُئي. ڪڏهن ڪڏهن مان هن اڳيان پاڻ کي ٻار محسوس ڪندو هوس .

اسان ۾ ٻي ڏيهاڙي 4 بجي Sea view تي ملاقات طئہ ٿي. ملڻ جي خوشي ۾ منهنجو من ڪارونجهر جو مور بڻجي ويو هو. ڇاڪاڻ تہ منهنجي ٿر جهڙي ڏڪاريل سيني تي پهرين ملاقات جي برسات وسڻ جي اُميد ٿي هُئي.

اهو اسان جي 7 مهينن جي پيار ۾ پهريون موقعو هو. ان کان اڳ مون هن تي ملڻ لاءِ ڪيترا ئي زور ڀريا پر اُهي سڀ بي اثر ثابت ٿيا هُئا. هن چئي ڇڏيو هو تہ

” اسان فقط ڳالهائڻ جي حد تائين رهنداسين، مون ۾ وڏيڪ ڪا بہ اُميد نہ رکجو.“

پر تنهن ڪانپوءِ ڪجهہ عرصي کان شروع ٿيل منهنجي ديوانگيءَ هن جو من ميڻ جيان پگهاري ڇڏيو هو. نيٺ هوءَ ملڻ لاءِ راضي ٿي وئي. آئون هن کي بي بيحد ۽ بي عقل ٿي چاهي رهيو هُوس. اهڙي چاهڻ ۾ هن جي ديد مون لاءِ عيد کان گهٽ نہ هُئي.

اڄوڪي رات تہ انتظار ۾ 21 ڊسمبر واري رات ڪان بہ ڊگهي ٿي وئي هئي. هن سان ملڻ جي مُسرت ۾ نيٽن بند نہ ٿيڻ جو وچن ڪري ڇڏيو هيو. جيئن فجر جي اذان ٿي، تہ آئون تياري ۾ لڳي ويس. تيار ٿي 7 بجي اهو چئي گهران نڪتس تہ منهنجو اڄ ڪراچي ۾ انٽرويو آهي. دُعا ڪجو ڪامياب ٿي اچان.
سفر ۾ انتظار جي بيچيني سهندي آخر 3 بجي ڪراچي پهتس. سمُنڊ جو فطري رنگ ڏسي آئون اکين جو نور وڃائڻ لڳس. تيستائين هن جي ڪال آئي

''توهان ڪٿي پهتا آهيو؟''

مون خوشيءَ خوشيءَ مان وراڻيو

''شائستہ آئون ڪلاڪ ڪان سمنڊ ڪناري تي آهيان سمُنڊ جون لهرون ڏسي........''

هن منهنجي ڳالھ ڪٽيندي وراڻيو

''اوڪي آئون بہ پهچي وئي آهيان. توهان هيئن ڪريو درگاہ عبدالله شاہ غازي جي سامهون Play Placeمان انٽر ٿي سڌو پارڪ ۾ اچو. پارڪ جي گيٽ مان داخل ٿي ساڄي پاسي موڙ ڪائيندي سڌو هليا اچو.''

مون پُڇيو

'' پر شائستہ توهانکي آئون ڪيئن سُڃاڻيندس؟''

هن چيو

''اهو توهان مون تي ڇڏي ڏيو توهان جلد اندر اچو.''

آئون سي ويو تان موٽي درگاہ عبدالله شاہ غازي جي سامهون پارڪ ۾ آيس ، پارڪ ۾ داخل ٿي سڌي طرف وڃي رهيو هُيس. هن کي منهنجا نيڻ ڳولي رهيا هُئا، هتي ڪيئي حسينَ جلوہ افروز ٿيا هُئا. پر منهنجي نظر صرف شائستہ کي ڏسڻ لاءِ آتي هُئي. ٻي ڪا بہ گهور مون کي گهائي نہ پي سگهي. ڪجھ قدم اڳيان وڌيس تہ مونکي پويان سڏ ٿيو

''سُڪار......سُڪار.''

جيئن ئي پويان ڪنڌ ڦيريم تہ منهنجا ڪن ئي ڪڙا ٿي ويا. هن تي هڪ نگاھ وجهڻ سان ئي منهنجي سوچن ۾ احساسن تان وير وري وئي، ڇڙ پيار جا سپ ليڪا لهرن جي تڪ سان مٽجي ويا. ڇاڪاڻ منهنجي دل ۾ جيڪو پيار جو خاڪو ٺهيل هو هيءَ ان جي بلڪل ابتڙ هُئي. سانورو رنگ، ٻي ڊولو جسم، ۾ بي معنيٰ اکيون هُيس .هوءَ مون کي منهنجي دل جي ڪينواس تي چٽيل شائستہ جي تصوير سان مسخري ٿي لڳي.

منهنجي دل ۾ اتفاق سان اهو تاثر پيدا ٿيڻ لڳو تہ واقعي انسان ٻي جي معرفت پاڻ سان ئي پيار ڪندو آهي. انتظار، اقرار، ناز سڀ ماڻهو جا پنهنجو پاڻ سان ئي هوندا آهن. نہ تہ هن کي ڏسي منهنجي سوچ جو لاڙو نہ بدلجي ها. جڏهن هوءَ منهنجي دل ۾ وينل شائستہ کان مونکي مختلف لڳي تہ آئون هن کي قبولڻ کان انڪار ڪرڻ لڳس. ڇا ڪاڻ اِهي احساس ۾ پيار سڀ مون هن جو تصور رکي پاڻ سان

ڪيا هُئا. آئون سوچن جي ڪشمڪش ۾ هُيس تہ هن ٻيهر سڏ ڪيو "سُڪار، ڇا پيا سوچيو...هيڏانهن اچو؟"

مون پاڻ کي جار ۾ ڦاسندي محسوس ڪيو پاڻ کي شڪار ٿيندو ڏسي پچي، لُچي، ڪامي رهيو هُوس. دل و دماغ ۾ ڇڪتاڻ هُئي. هن سان گڏ پارڪ جي لان ۾ ويهي رهيس.

هن پُڇيو

'' توهان پريشان ڇو پيا لڳو. هاڻي پنهنجي زباني ٻُڌايو تہ اڄ جي هن مُلاقات ۾ ڇا پيا محسوس ڪريو؟"

مون ڪوڙ جو سهارو ورتو

"زبردست! تمام سُٺو... ۽ توهان بہ ڪافي سُٺا آهيو.''

هن جي چهري تي مُرڪ وري آئي .

''شڪريہ جناب''

ڳالهہ اڳتي وڌي، تنهن کان اڳ آئون پير پويان ڪرڻ جو سايو ڪرڻ لڳس

''شائستہ! هتي هرڪو اسان کي ڇتائي رهيو آهي. هاڻي پاڻ کي هلڻ گهرجي، مونکي بہ ڳوٺ وڃڻو آهي.''

هن وراڻيو

"ڇو سُڪار؟ ايترو جلدي، تو تہ ڇيو هو تہ گڏجي ڊنر ڪنداسين.. گهمنداسين .''

مون وراڻيو

''ها....... ها شائستہ پر.......!''

هن منهنجي بيزاري محسوس ڪري ورتي. چيائين

''پر ڇا.....؟ مونکي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي تہ مان توهان کي پسند نہ آيس. توهان تان عشق جو نشو لهي ويو.''

مون صفائي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

''نہ ..... نہ شائستہ! اهڙي ڪا ڳالهہ ناهي، توهان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو. عشق ٿوري ايترو آسان.''

هن منهنجي ڳالهہ ڪٽيندي وراڻيو

''ڇا....ڇا ... مان ڇا پئي ٻُڌان! توهان جو عشق نہ هو پوءِ توهان جون وڏيون وڏيون ڳالهيون.''

آئون پنهنجي ڪيل ڳالهين ۾ ڦاسي پيو هوس، پريشان ٿيڻ لڳس. هن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندي وراڻيم

''ڏس شائستہ ! اسان ساٿي آهيون، هڪ ٻئي مان ڪافي سکيو اٿئون. پر يار عشق ٻي چيز آهي، منهنجون ڳالهيون جذباتي هُيون. مڃان ٿو تہ آئون تو سان قول ۾ ڪوڙو رهيو آهيان، پر جي اعتبار ڪريو تہ منهنجو مڱڻو بہ ٿيل آهي. پاڻ سُٺا دوست آهيون.''

مون هن کي قائل ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪئي، لهجو رُکو ٿيندي ويو. هن جي چهري تي احتجاج جون لڪيرون صاف صاف نظر اچي رهيون هُيون، هن وراڻيو

’’تون وڏو مڪار آهين....ڀهروپيو آهين.... انسانيت تي داغ آهين.‘‘

آئون پاڻ کي ڪريل محسوس ڪرڻ لڳس

’’سوري شائسته، اوهان کي جيڪو وٽي چئو. آئون ڪجهه به نٿو چئي سگهان. بس...بس آئون هلان ٿو.‘‘

هن کان اڳ مون پاڻ کي ڪڏهن به ايڏو ڪنور محسوس نه ڪيو هو اصل ۾ مون پاڻ کي هن تي مڙهڻ نه ٿي چاهيو. هونئن به اُهي رشتا بي مقصد هوندا آهن جن ۾ روحن جو پاڻ ۾ جوڙ نه هُجي. مون هن سان ڪال تي ڪيل ڳالهين تي پاڻ کي شرمندو محسوس ڪيو. آئون هن کان ڪجهه قدم اڳتي وڌيس ته مونکي پويان کان سڏ ٿيو

“سُڪار’’

پر هي ته آواز شائسته جو هو پوءِ آئون ڪنهن سان ملي رهيو هُيس. منهنجو دماغ ڦرڻ لڳو ته ڪٿي خواب ۾ ته ناهيان. ڪنڌ ڦيريم ته دنگ رهجي ويس. ناز و حُسن سان سرشار ڪا اپسرا پنهنجن نفيس هٿڙن سان تاڙيون وڄائي رهي هُئي. افسوس ظاهر ڪندي چوڻ لڳي “ويري سيڊ! مسٽر سُڪار......، ويري سيڊ... مونکي ڏاڍو افسوس آهي، ته توهان هارائي چُڪا آهيو چي ....چي آئون منجهي پيس

’’آئون هارائي ويس، اهو ڇا.. مون کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه پيو اچي هي سڀ ڇا..!؟”

هن وراڻيو

’’ توهان مرد آهيو ئي اهڙا ...پنهنجو مُنهن آئيني ۾ ڏسڻ بدران ڳاڙهي ڪنوار حاصل ڪرڻ چاهيندا آهيو. اهو ته سُنو ٿيو مون پنهنجي نوڪرياڻي کي ڍال بنائي تنهنجي دل جي ڪاراڻ ڏٺي، ته ڪيترو تنهنجي اندر ۾ چاهه آهي. تو دل جي خوبصورتي ڏسڻ بدران ظاهري حُسن کي اهميت ڏني. اڄ جيڪڏهن منهنجي نوڪرياڻي جي جڳهه تي مان هُجان ها، ته هڪ مرد جي سطحي سوچ جي سبب ڪيڏو نه بروٺي ها مون سان.... تون نالي جو مرد آهين. جيڪڏهن تو ۾ ٿورا به مردانگي جا ڪڻا موجود هُجن ها ته تون هر حال ۾ پنهنجي پيار کي تسليم ڪرين ها. پُني نه ڏين ها، نه ڄاڻ هن مُعاشري ۾ تو جهڙا ڪيترا احساسن جا قاتل پلجندا هوندا. جيڪي پنهنجي پيار کي سبز باغن جا خواب ڏيکاري سندن عصمتن جا گُل لُٽيندا هوندا. توکي ياد آهي نه، ته مون تو سان ملڻ کان اڳ واعدو ورتو هُوته توهان مون سان ملڻ کان پوءِ پويان نه ڏسجو........ پنهنجي چاهت ختم نه ڪجو. مونکي پڪ آهي اڄ جيڪا توکي لَپاٽَ لڳي آهي. سا توکي پُٺ تي مڙهڻ به نه ڏيندي..... پر مان وڃان ٿي ....... ۽ ٻُڌ آئينده ڪنهن سان ايئن نه ڪجان... باءِ.‘‘

آئون پٿ تي ويو هيس، هوءَ وڃي رهي هُئي. ڪيڏي نه اوچائي تان ڪريو هوس. هن مونکي آئينو ڏيکاري ڇڏيو. هوءَ واقعي سوا سير هُئي.

# ٻوڙ

اڪرم جيئن ئي صبح سوير اکيون چنييون، تيئن ئي گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ ٻڌي اوڏانهن ڏٺائين. صبح جا ست ٿيا هئا، اکيون مهٽي برش تي پيسٽ لاهي ڏند صاف ڪندي در مان ٻاهر نڪري آيو.

گهٽيءَ ۾ هلڻ لڳو ته سندس پويان نظام تيزيءَ سان ڊوڙندي آيو. ۽ هن جي پرمان لنگهي ويو. هي هراسجي ويو بنا سوچڻ جي هن جي پويان ڊوڙڻ لڳو. ڊوڙ سان گڏ گهٻرائي رهيو هو.

”پتو ناهي پويان ڪهڙي مصيبت آهي، جو هو ڀڄي رهيو آهي..ها ها سر بچائڻ گهرجي.“

نظام جون وکون وقت گذرڻ سان تکيون ٿي رهيون هيون. جڏهن ته اڪرم جا قدم سست هئا. وقت سان گڏ اڪرم جي ڳڻتي پڻ وڌي رهي هئي. پوءِ به هن بيهڻ مناسب نه سمجهيو اڳيان ڊوڙندڙ نظام کي سڏ ڪيائين. پر هُن جي ڪنن تي ايئر فون لڳل هو، تنهن تائين هن جا سڏ نه پهتا. بس هي هن کي پڄڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪري رهيو هو.

هي شهر جون گهٽيون ڇڏي مين روڊ تي نڪري آيا. نظام ڪافي اڳيان نڪري ويو هو. روڊ تي هڪ نوجوان فون تي ڳالهائي وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي رهيو هو. ته اوچتو اڪرم سامهون تيز ايندڙ سوزوڪي ڏٺي. هو پاڻ بچائيندي اچي فون تي ڳالهائيندڙ نوجوان سان ٽڪريو. هن جا ڇرڪ نڪري ويا، اڪرم تي اکيون ڪڍندي چيائين

”انڌو آهين ڇا؟“

اڪرم وڏو ساهه کڻندي چيو

”اڙي انڌي کي ڇڏ......ڀڄ، ۽ ڀڄي جان ڇڏائي!“

اڪرم هن کي ڇڏي ڀڄڻ لڳو

”ڀڄان، پر ڇو ڀڄان... مون ڇا ڪيو آهي؟“

نوجوان به هراسجي ويو هو هي به اڪرم جي پويان ڊوڙڻ لڳو. نظام هنن کان ڪافي اڳيان نڪري ويو هو. نوجوان جڏهن هنن ٻنهي کي ڊوڙندو ڏٺو ته سندس سمجهه موڪلائڻ لڳي هئي. پنهنجي منهن ڀٽڪڻ لڳو :

”آخر هي ڇو ڀيا ڀڄن، پر هاڻي آئون به ته ڊوڙان پيو... آخر هن ڊوڙ جو ڪو مقصد.؟“

هن جيستائين سوچيو تيستائين وٽانئس اڪرم به ڪافي اڳيرو ٿي ويو هو.

اڪرم ۽ هن جي ڊوڙ ۾ فقط اها هڪجهڙائي هئي، ڇو جو هي خوف ۽ عدم اعتماد ۾ ڊوڙي رهيا هئا. ڊوڙ سان گڏ منجهن بيچيني به وڌي رهي هئي. هنن ٽنهي جي وچ ۾ ڪافي فاصلو هو نظام هنن ٻنهي کان بنهي بي خبر هو. پر هي ضرور هڪ ٻئي کي ڏسي ڊوڙي رهيا هئا. نوجوان وڏي واڪي اڪرم کي چيو

”اڙي بيهه! ڪا شامت اسان جي ڳچيءَ ۾ نه پوي......!“

اڪرم وٽ هن جي اڌوري ڳالهه پهتي

’’اڙي شامت کي ڇڏ، قيامت اچي وئي آهي ......پڇي جان ڇڏائي.‘‘
نوجوان دل هاري ويٺو روئڻهارڪي لهجي ۾ وراڻيائين
’’اڙي نياڳا! تو مون مسڪين کي ڦاسايو آهي، قيامت جي ڏينهن ابتو ٽنگائيندس ني. آهه آهه آهه....مري ويس ابا.‘‘
نوجوان ساهه مان پرجي پيو هو ۽ وڏيڪ روئڻهارڪو ٿي پيو هو. پر بينو ڪونه. سندس ذهن ۾ هڪ لالچ جنم وٺڻ لڳي.
’’پڪ سان هي ڪنهن دولت جي پوپان پيا ڊوڙن، نه ته ائين چريا ٿوري آهن جو مفت ۾ پڇن.‘‘
هي مين روڊ تي ڪافي اڳيان نڪري آيا هئا. روڊ جي ٻنهي پاسن ساوڪ ئي ساوڪ هئي، ٻنين ۾ هاري پنهنجي ڪرت ۾ لڳل هئا. روڊ تان هڪ اڌوڙت عمر جو همراهه واڪ ڪندي آيو. هُن جڏهن هنن کي هڪ ٻئي جو پويان ڊوڙندي ڏٺو ته پريشان ٿي ويو. نظام ۽ اڪرم کان سبب پڇيائين، پر هو هن کي نظر انداز ڪري اڳيان نڪري ويا. نيٺ هو نوجوان آڏو پٽ تي ٻيهي رهيو
’’ڪيڏانهن منهن واهه ڪري ڀڳا آهيو.‘‘
نوجوان پگهر اگهندي وڏا وڏا ساهه کڻندي چيو
’’ڪيڏانهن کي ڇڏ، پڇ.‘‘
هن نوجون سان گڏ گڏ ڊوڙندي چيو
’’اڙي ڊوڙي ڊوڙي ته آيو آهيان.‘‘
نوجوان حيرت مان پڇيس
’’ڪيڏانهن وئين هئين..!؟‘‘
چيائين
’’ڊائبٽيز ۽ دل جو مريض آهيان، روزانو ٻه ڪلوميٽر پنڌ ڪندو آهيان. تڏهن شگر ۽ بلڊ پريشر ڪنٽرول ۾رهندو آهي.‘‘
’’اڇا ته تون بيماريءَ کان پڇي جان پيو ڇڏائين.‘‘
’’ها ابا، نه ته چريو ٿوري آهيان. جو صبح صبح ائين رڻ ۾ رُلان.‘‘
هن اڪرم ۽ نظام کي پاڻ کان پري ٿيندو ڏسي جهوني جي ڳالهه کي نظر انداز ڪندي چيو
’’خير آ، تڪو ڊوڙ هو ٻئي اسان کي ڇڏي ويا آهن.‘‘
’’پر آئون ڇو ڊوڙان؟‘‘
’’اڙي سون جي ديگ جي پويان گڏجي ڊوڙون پيا.‘‘
’’مون وٽ مولا جو ڏنو گنج آهي، آئون ڇو پڇان.؟‘‘
نوجوان هڪ نظر هن تي وجهي طنزيه لهجي ۾ چيو
’’ها ها، اهو پيٽ مان نظر اچي پيو.‘‘
’’ڇو؟ ‘‘

‘‘ڇو ڪي ڇڏ، بس تڪو ڊوڙ ’’

نوجوان هن ڪي نظرانداز ڪري تيز ڀڄڻ لڳو هو ٻئي هن کان ڪافي اڳيان نڪري ويا هئا. هي پوءِ بہ ڊوڙي رهيو هو. هاٽي اڪرم صفا ٿڪي پيو هو. سندس پير هلڻ کان نابري واري رهيا هئا، پوءِ بہ هن رُڪڻ مناسب نہ پيي ڀانيو. مسلسل اڻ ڏٺي ماڳ تي رسڻ لاءِ ڊوڙي رهيو هو. هونئن بہ زندگي هڪ ڊوڙ آهي، ماڻهو سڄي عمر ڊوڙي ٿو. هر ڊوڙ پنهنجي ڪنهن نہ ڪنهن دڳ تي پهچڻ لاءِ هوندي آهي. انهيءَ ۾ اڪثر ماڻهو پير پنون ڪري پوئتي موٽي ويندا آهن. چاڪاڻ ڪين اهو پتو نہ هوندو آهي، تہ اڃا دڳ تي رسڻ لاءِ ڪيترو ڊوڙڻو پوندو. اڪرم جي ذهن ۾ بہ اهڙن احساسن جي اُڻ تڻ هئي.

ڪنهن مهل واپسي جو سوچي رهيو هو پر وري سندس ذهن ۾ اهو خيال پيدا ٿي رهيو هو

‘‘ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو منزل جي بلڪل ويجهو پهچي واپس ٿيندا آهن، ڪٿي مون سان بہ ائين نہ ٿئي. ڪهڙي خبر منزل اڳين چوٿين قدم تي هجي.’’

اهو سوچي وڪون وڌائڻ لڳو. پر ساڻ گڏ سندس اکين جي اڳيان ڪيترائي سوال ڊوڙي رهيا هئا،

‘‘آخر هن ڊوڙ جو دڳ ڪهڙو آهي، ۽ اسان ڇو پيا ڊوڙون. ڇا دنيا ۾ سڀ ماڻهو اسان جيان ئي ٻين جي پويان ڊوڙندا آهن، جيئن آئون هن اڳين همراه جي پويان ڊوڙي رهيو آهيان ۽ هو ڇو ڀڄي رهيو آهي اها بہ مونکي ڄاڻ ناهي.!’’

نظام ۽ اڪرم جي وچ ۾ وڏو فاصلو هو جڏهن تہ نوجوان ڪجهہ ڦڙتي سان ڊوڙي اڪرم جي ويجهو اچي ويو هو. تنهن ٻيهر اڪرم کان پڇيو

‘‘يار ٻڌاءِ تہ صحيح، اسان ڇو پيا ڊوڙون.......؟’’

اڪرم بيزار ٿيءَ مان نظام ڏانهن اشارو ڪندي چيو جيڪو هنن کان ڪافي اڳيان نڪري ويو هو

‘‘ڇاڪاڻ هو ڊوڙي رهيو آهي!’’

هن اڪرم ڪي حيرت سان ڏسندي چيو

‘‘ڇا مطلب، هو ڊوڙي رهيو آهي.....پر ڇاجي لاءِ ڊوڙي رهيو آهي.؟’’

نوجوان جي سوال اڪرم کي وڌيڪ چيڙائي ڇڏيو تنهن هن تي تڪڙ ڪندي چيو.

‘‘تيز ڊوڙ هُن کي پڇون تہ وٺائنس پُڇون.’’

نوجوان ڪاوڙ جو اظهار ڪندي وراڻيو

‘‘ڇا پيو بڪين.......؟ هن کي ڏسي ائين ئي اٿي پڳو آهين، ڪمال جو پوڪ آهين!’’

اڪرم کي چڙ هو ويچارو ويچارو محسوس ٿيو تنهن وري فلسفي انداز ۾ وراڻيو.

‘‘اڙي هتي سڀ اسان جيان هڪٻئي کي ڏسي هڪ ٻئي جي پويان ڊوڙي رهيا آهن، سندن ڪا بہ منزل مقرر ڪونهي. شاباس تڪو ڊوڙ هاڻي هو اکين کان پري ٿي رهيو آهي.’’

نوجوان مايوس ٿي بيهي رهيو، ڪاوڙ مان وراڻيائين

‘‘وڃي ڏوڙ پائي، آئون وڃان ٿو.’’

هن ڪيس نظرانداز ڪندي چيو

''ها ها وچ! دنيا تو جهڙن بيوقوفن مان پري پئي آهي. جيڪي محنت ڪري جڏهن ڪاميابيءَ جي ويجهو ايندا آهن، تہ همت هاري ويهي رهندا آهن. تون بہ بي همت ۽ بيڪار آهين، تون زندگيءَ جي ڪاٻہ ڊوڙ ڪٽڻ جي قابل ناهين.''

نوجوان تي هن جي تبليغ ڪوبہ اثر نہ ڪيو تنهن هيڪاندي مٿس چٿر ڪندي وراڻيو

'' اڙي فيضو فلاسفر جا پٽ، اهو تہ ٻڌاءِ هن ڊوڙ جو ڪهڙو مقصد آهي. تون تہ هن کي ڏسي ائين ئي ڇتي ڪتي جيان گگون واهيندو پڳو آهين. اها بہ خبر نہ اٿئي وچان ڪيڏانهن پيو. ڪهڙي خبر اڳيون همراه ڪو ڏوهہ ڪري ڀڳو هجي، ۽ اسان هن سان گڏ لوڙي وڃون.......!''

اڪرم کي هن تي ڪل آئي

''اڙي گدڙ هاڻي ڏوهہ ڪري ڀڄڻ واري روايت ختم ٿي وئي آهي. تنهنجي هٿن تي ڪيترا بہ داغ ڇونہ هجن، اسان وٽ انهن جي صاف ڪرڻ جو جوڳو بندوبست آهي.''

هن اڪرم جي ڳالهہ تي ڪو بہ خاص تاثر نہ ڇڏيو، هاڻي نظام هنن جي اکين کان اوجهل ٿي ويو هو. هي ٻوءِ بہ نڪ جي سڌائي تي ڊوڙي رهيا هئا. ٿورو فاصلو هلي جڏهن اڳيان آيا تہ ڏٺائون، نظام رستي جي پاسي ۾ ڪنهن وڻ وٽ بيهي رهيو هو. ڪجهہ گهڙيون بيهڻ ڪانپوءِ پٺ تي ويهي ٽڪ ڀڄڻ لڳو. هنن جڏهن هن کي وينل ڏٺو تہ جڻ سندن پيٽ ۾ ساهہ پئجي ويو. هي ڊوڙي ڊوڙي جڏهن سندس ويجهو پهتا، تہ نظام نراڙ تان پگهر اگهندي هنن ڏانهن حيرت مان ڏٺو ۽ سندس منهن تي هلڪي مرڪ وري آئي. جڏهن تہ هنن جي چهرن تي ڪو خاص تاثر نہ هو نظام هنن کي خاموش ڏسندي پڇيو

''ڏيو خبر ادا، اوهان بہ پوليس ۾ اپلائي ڪيو آهي ڇا.؟''

هنن حيرت مان وراڻيو

''نہ نہ، ڇا مطلب؟ ''

''ٻوءِ هيڏي ڊوڙ اڃا اڃا شايد فٽنيس جي لاءِ...سٺي ڳالهہ آهي.''

هنن ٻنهي ڪنڌ لوڏي هاڪار ڪئي. نظام ڳالهہ جاري رکي ''يار آئون تہ مسلسل ٽي ڀيرا پوليس جي فزيڪلي ٽيسٽ ۾ فيل ٿيو آهيان. هن ڀيري پڪوپهہ ڪيو اٿم. هاڻي ڊوڙ ۾ هر حال ۾ پاس ٿيڻو آهي، تنهن لاءِ روز ڊوڙ جي پريڪٽس ڪندو آهيان.''

هُنن ٻنهي جو حيرت مان هڪٻئي ۾ وات ڦاٽي ويو

***

# ڏنڀ

’’جي.......جي بيگم! توهان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو هن عيد تي پاڻ پارٽي نہ ٿا ڏئي سگهون. او شبانہ........شبانہ منهنجي شبي ڊارلنگ ڇا توهانکي مون تي بہ اعتبار ناهي. يار گاڏي جي قسط ٻارن جون فيون ۽ ٻيا خرچ. پگهار تہ پوري ئي نٿو پوي.......ڪاوڙ نہ ڪر شبو... مڃ تہ سهي شبو.‘‘

جيئن ئي سندس زال شبانہ ڪال ڪٽي، تہ هن ڪاوڙ ۾ زور سان موبائل ٽيبل تي ڦٽي ڪئي، فائيل اچي پٽ تي ڪريا.

ٻاهر ماڻهن جو گوڙ شور لڳو پيو هو. گوڙ تہ ڄڻ سندس ميجالي مان تير جيان گُذري رهيو هو. ڪال تي زال جي رد عمل، ٻاهر ماڻهن جو گوڙ ۽ گرميءَ سبب هي سخت دٻاءَ جو شڪار ٿيڻ لڳو هو. روينيو ۾ جونيئر ڪلرڪ طور جوائننگ ڪانپوءِ جلد ڪجهہ سالن ۾ اسسٽنٽ مختيارڪار ٿي ويو هو. تعلقي جي اقتداري ڏُر جي مهر سبب سڄي تعلقي جو ڪاروهنوار وٽس هو.

اڄڪلهہ تہ مختيارڪار جي اضافي چارج بہ وٽس هُئي. جيئن ئي ترقي ٿيس تہ اباڻو شهر ڇڏي فيملي ڊفينس ڪراچي ڏانهن منتقل ڪري ڇڏيائين. شادي بہ شوق مان اُتان ئي ڪئي هُئائين. پگهار ۽ نذرانن جي رقم ملائي بہ پوري نہ ٿيندي هُيس.

مٿان وري هن پيري سندس زال فرمائش ڪئي، تہ هن عيد تي سيني ڄاڻ سڃاڻ وارن کي پنهنجي گهر ۾ شاندار پارٽي ڏئي ساڻن قد ٻُت ۾ برابر ٿينداسين.

زاليس کي تہ خوشيءَ ڪنيو هو. پر هن جڏهن خرچن جو ڪاٿو ٻڌو تہ جون جو پگهر وٺي ويس. ڪُتو جواب ڏئي ڇڏيائينس. گهران تہ مُنهن ڦٽائي نڪري آيو هو پر جڏهن ورڻ جو سوچيائين تہ واهون بند نظر آيون هيس .سوچيائين تہ زال سان فون تي ڳالهائي ماحول ٺڏو ڪري وٺندس، پر بيگم مٿس ڪو بہ ترس نہ ڪيو.

هن سگريٽ ڌُڪائي ڪش هنيو تہ نائب قاصد پيراڻي در کولي کيس آگاهي ڏني .

’’سائين ٻاهر ماڻهن جي رش ٿي وئي آهي، توهان سان ملڻ چاهين ٿا.‘‘

هن کي پيراڻي جي ڳالهہ نپ ڪونہ وڻي، رُڪائپ سان وراڻيائين

’’کين جواب ڏي، تہ صاحب ضروري ميٽينگ ۾ آهي. هونئن بہ ماڻهن کي ڪو ڏنڊو ڏاڙي آهي ئي ڪونہ........ ٿوري ٿوري تي پڳا بينا آهن.‘‘

هن مُظاهرين کي صاحب جو نياپو ڏنو تہ هو تپي ٿانڊو ٿي پيا. ڇتي نعريبازي ڪرڻ لڳا: ’’ڪرپٽ ڪامورو هٽايو...... مهنگائي گهٽايو.... راشي مختيارڪار هٽايو.... مهنگائي گهٽايو.‘‘

نائب قاصد پيراڻي پاڻي مٿي ڪان چڙهندي ڏٺو تہ سڌو ٻيهر صاحب وٽ آيو .

’’سائين هو صفا ڏمريو بينا آهن. توهان ساڻن ملو نہ تہ ڪو نقصان ڪندا. هاڻي تہ توهان جي نالي بہ گهٽ وڌ ڳالهائين پيا.‘‘

استنٽ مختيارڪار تپي رک ٿي ويو. هُنن جي ڪاوڙ پيراڻي مان ڪيڻ لڳو

’’گھٽ وڌ ٿا ڳالھائين، سندن اھا جُرئت ...تون بہ سڀ ٻُڌي ھليو آئين.‘‘

پيراٽي ڏڄندي وراٽيو

’’پوءِ سائين آءٌ ڇا چوان، اُنھن باھ لڳن کي......؟‘‘

پيراٽي ڪجھہ گھڙيون چُپ رھي سوچي وراٽيو

’’ پر صاحب ھڪ ڳالھہ ٻُڌ. روزي ھلي آئي آھي. ھلي آيل روزي ورائڻ سُنو سئنون ڪونھي.‘‘

پيراٽو تجربي وارو ماڻھو ھو. وڻ وڻ تان ماڪي چاٽيل ھُيس. پر صاحب کي سندس ڳالھہ ٺول ۾ ڪونہ وڻي. سوچيائين

’’شھر جا سڀ سچا ماڻھو گڏجي پيا دانھين انھن ۾ ڪھڙي اُميد؟‘‘

سوچي رهيو هو تہ ٻيھر نائب قاصد پيراٽي چيو

’’صاحب ھميشہ ٿڌي دماغ سان سوچيندا ڪريو ڪاوڙ ۾ ماڻھو پنھنجا ئي پير ڪيندو آھي.‘‘

اسسٽنٽ مُختيارڪار ٻيھر ذھن تي زور ڏنو

تيستائين ٻاھران ٺوڙ ڦوڙ جا آواز آيا. پيراٽو جھڙپ ڏئي ٻاھر نڪري آيو. مظاھرين جي اڳيان ھٿ ٻڌندي وراٽيائين

’’اڙي بابا! ٿڌا ٿيو صاحب اچي ٿو. اوھان جو مسئلو حل ٿي ويندو.‘‘

مظاھرين مان ھڪ نوجوان جوشيلي لھجي ۾ وراٽيو

’’ڪڏھن ايندو صاحب؟.......اسان لُٽجون پيا، ھتي ڪوبہ اسان جو ڌڻي سائين ڪونھي. سڀ ڌاڙيل، لُٽيرا، ڦُورو........‘‘

ايتري ۾ اسٽنٽ مختيارڪار ٻاھر آيو تہ مُظاھرين مان وچولي عمر جي ھمراھ اسسٽنٽ مُختيارڪار جي اڳيان ھٿ ٻڌندي چيو

’’سائين توھان اسانجي واھر ڪريو جيئن رمضان آيو آھي. واپارين تہ رات ڪري ڇڏي آھي، سندن مھانگن اگھن جي اڏي تي اسان روز پيا ڪُسجون. توھان انصاف ڪريو.‘‘

صاحب جي ذھن ۾ ڳالھہ وڻي، پيراٽي ۾ نھاري مُرڪيو. پيراٽو اڳيان آيو ۽ مظاھرين سان مخاطب ٿيو

’’توھان صبر ڪان ڪم وٺو.

وقار صاحب تمام سخت آفيسر آھي، اڄ ئي واپارين کي ٽانڊو ڏيندو. پينسان مانگر مانگرن جا ٻچا ...‘‘

اسسٽنٽ مُختيارڪار وقار ھمدرديءَ سان ڳالھہ اڳيان وڌائي

’’توھان سان مان پورو پورو انصاف ڪندم. جيستائين آءٌ آھيان، تيستائين واپارين کي جُرئت بہ نہ ٿيندي جو اوھانجو رت چوسين.‘‘

مظاهرين ڪجهه تسلي محسوس ڪئي، هن پيراڻي کي چيو “چاچا پيراڻا! تپيدار يعقوب کي چئو ته ٺاڻي تي فون ڪري صوبيدار کي چوي ته اجهو عملو موڪلي. اڄ ڏسون ٿا قارون جي خزاني جي وارثن کي.’’

مُظاهرين تي جڻ ماڪ پئجي وئي. وقار کي دُعائون ڏيندي ‘‘سائين الله توهان کي واڌائيندو.’’

گهرن ۽ شهر ڏانهن موٽي ويا.

ڪجهه دير ۾ نندي صوبيدار سميت ڪجهه پوليس جو عملو مختيارڪار آفيس پهچي ويو. هو پوليس ۽ ڪجهه آفيس عملي سان گڏ شهر ۾ ڪاهي پيو.

دوڪانن تي هن پاران چاپن واري خبر سڄي شهر ۾ باهه جيان ڦهلجي وئي. واپارين ۾ خوف ۽ بيچيني وڌي وئي. واپاري تڪڙ تڪڙ ۾ شين جي اگهن واري لسٽ ڪنهن برڪتن واري دُعا جيان چنبڙي ڦوڪي دوڪانن جي مهاڙ ۾ ٽنگڻ لڳا.

اسسٽنٽ مختيارڪار وقار شهر ۾ فلمي هيرو جيان اسٽائل هڻندي، جڻ ولين جي تلاش ۾ هو . ڪيترن ئي لُٽيرن ۽ وياجي واپارين تي ڇاپا هڻي مٿن ڏنڊ وڌائين.

سڄي شهر جي غريب ماڻهن لاءِ ته صاحب پرجهلو ثابت ٿيو. ماڻهن جي مُنهن مان ته صاحب جي لاءِ واهه واهه جا ٻول ته بنا روڪ ٽوڪ جي نڪري رهيا هُئا.

باقي واپارين جا تاثرات وقار صاحب لاءِ ڪي چڱا ڪونه هُئا. سي هُن به دليان سمجهيا پي ته واپارين جي من مان هن لاءِ ڪهڙا نيڪي جا گُل ڇڻي رهيا هُئا.

وقار واپارين مان ڪافي ماڻهن جي رت چوسڻ جي ڏوهه ۾ ڏنڊ اوڳاڙي آفيس موٽي آيو. شام جو سنڌس ڪراچي واپسي ٿي، ڇاڪاڻ اڄوڪو ڏينهن هفتي جو آخري ورڪنگ ڊي هو.

جيئن ئي گهر موٽيو ته زال مُنهن ۾ پئجي وئيس. هوءَ مُنهن ڦٽائي ڪمري ۾ هلي وئي، نه ته هونئن وقار جي واپسيءَ تي هن جا ناز انداز مختلف هوندا هئا .

پر هن جي اڄ واري اوپري رويي کان وقار بخوبي واقف هو تنهنڪري هو مطمئن هو.

زال جي نخرن تي هن کي وڏيڪ پيار اچڻ لڳو سوچيائين چڙهندڙ عمر جي نازن جي سونهن جوانيءَ جي نخرن ۾ ڪٿي ليپي...... ڪمري جو دروازو کولي اندر آيو زالينس ٻي طرف منهن ڦيري ڇڏيو. هي وڃي بيڊ تي سنڌس پر ۾ ويٺو. هوءَ جهڙپ پائي اُٿي، هن ڪيس ٻانهن ۾ جهلي ڇڪ ڏني، ته بيگم ست سان اچي سنڌس هنج ۾ ڪري. شبانه ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر وقار ويتر ڪيس چيلهه جي مٿان پاڪر وجهي مضبوطي سان جهليو.

‘‘ڇڏيو مونکي، مان توهان سان هاڻي هڪ گهڙي به نه رهنديس.’’

وقار ٻانهون ڍريون ڪري ڇڏيون. هوءَ اُٿي وڃڻ لڳي. وقار اڳ ڪري دروازي جي مُهاڙ جهلي ورتي، ۽ منٿ ڪيائين

‘‘بيگم آئي ايم سوري، مان.’’

هوءَ ڪاوڙ ۾ صفا ڳاڙهي هُئي، تنهن چيو

”مون کي تو سان اُف بہ ناهي ڳالهائڻو توکي تہ اسان جي Social Status کان متي ناٽو آهي. دنيا کي چوان تہ منهنجو مُڙس تعلقي جو بادشاهہ آهي، اسسٽنٽ مُختيارڪار آهي. ۽ مڙس پارٽيءَ جو ٻُڏي ڪنگال ٿي پيو.“

بيگم جي لهجي ۾ وڏيڪ تلخي محسوس ڪندي وقار پيار مان وراڻيو : ”مُنهنجي شبو راڻي! پارٽي تہ پاڻ ڏيون پيا، تون تہ صفا ٻارن وارا انگل پئي ڪرين، مون تہ تنهنجي دل پئي ڏٺي.“

پارٽي جو ٻُڌي شبانہ جي ڪاوڙ جو پارو ڪجهہ گهٽيو هن وقار تي پاڻ کي حاوي ٿيندو ڏسي چيو

”نيڪ آهي، پر هاڻي پارٽي پهرين جيان گهر ۾ ناهي ڏيڻي.“

وقار جي هانءُ ۾ نوان هورا کورا اُٿڻ لڳا، جهٽ ۾ چيائين

”تہ .... تہ پوءِ پارٽي؟“

شبانہ وقار ۾ پوري شوخيءَ سان ڏسندي وراڻيو

”تو پهرين پارٽي ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو انهيءَ انڪار جي سزا ۾ هاڻي توکي ڏنڊ ڏيڻو پوندو.“

ڏنڊ جو ٻُڌڻ سان ئي وقار جي اکين آڏو شهر جي واپارين جا ٽپيل ۽ بيوس چهرا تروا ڏيڻ لڳا، ۽ هاڻي سندس منهن زال جي آڏو انهن جهڙو ٿي پيو هو. اڃا سوچڻ ۾ هو تہ شبانہ ٻيهر وراڻيو

”چو وري ٻُخار تي پيو اٿئي ڇا، ٻُڌاءِ نہ ڏنڊ ڏيندين يا نہ؟“

هن ڪنڌ ڌوڻي هاڪار ڪئي

”جي ها بيگم صاحبہ! مان هر قسم جو ڏنڊ ڀرڻ لاءِ تيار آهيان. تون ٻڌاء توکي ڏنڊ ۾ ڇا گهرجي؟“

بيگم شبانہ جون خوشيءَ ۾ واڇون ٽڙي پيو

”ڏنڊ اهو آهي تہ هيءَ پارٽي هاڻي گهر بدران ڪنهن سُٺي هوٽل ۾ ٿيندي. تہ جيئن سڀن کي پتو پوي تہ بيگم شبانہ وقار جو ڇا سوشل اسٽيٽس آهي.“

وقار وراڻيو

”جي.......جي بيگم صاحبہ. بندو غلام آهي.“

شبانہ جي من ۾ جڻ خوشي جا ڪنول ٽڙي پيا، وڏي وڇي وقار کي ڳراٽي پاتائين.

***

# گلن سان تعزيت

''جيترو بہ هن جي پويان ڊوڙيس، اوترو ئي اڪيلو ٿي ويس. اڄ جڏهن هن ڪان پري اڪيلو ويٺو آهيان، تہ سانت محسوس ڪري رهيو آهيان. اڪيلائي بہ آئيني جيان هوندي آهي، جنهن ۾ ماڻهو جي گهٽ ۾ گهٽ پنهنجو پاڻ سان ملاقات ٿيو وڃي!''

منصور ڪافي دير ڪان سمنڊ جي ڪناري تي ويهي سوچي رهيو هو. سمنڊ تي گرميءَ سبب شهر اُٿليل هو پر اُتي هي سمنڊ جيان اڪيلو هو. سندس اندر ۾ هڪ وڏي اُٿل هئي .

واريءَ تي آڱرين سان پريت گل لکيائين، لهرون آيون ۽ سڀ مٽائي هليون ويون. پنهنجي منهن پٽڪيو

''اڪيلائي تہ سمنڊ آهي، جنهن جي لهر لهر واريءَ تي ليڪن جهڙن ناتن ڪي پل ۾ ناس ڪيو ڇڏي!''

لهرن سان هن جي من مان بہ ڪا لهر اُٿي، جنهن جڙ پريت ڪي مٽائي ڇڏيو. پريت جي ڪري ئي سندس ملاقات اڪيلائيءَ سان ٿي هئي. هوءَ ۽ هي هڪ سماجي اداري ۾ ڪم ڪندا هئا. وقت گذرڻ سان گڏ پريت هن جو مزاج پرکي، هن ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌايو هيو. پر آخر تائين هو پريت جو مزاج سمجهي نہ سگهيو هو.

هميشہ هن جي حوالي سان منصور ٻڌتر جو شڪار رهيو. هڪ دفعو آفيس ۾ ويٺل هئا، تہ پريت پنهنجي آڱرين مان ننڍا ڏيئا ڪڍيا. هن وراڻيو

''واهہ! پريت تون تہ ان ۾ ماهر پئي لڳين....پر مون ڪان اهو ڪونہ ٿئي.''

پريت هن ڏانهن شوخيءَ سان ڏسي مرڪي ڏنو. ڪيس پيلي رنگ جو وڳو پهريل هيو. جنهن جي ڳلي تي ڳچ جي ڊزائين وارو پرت پيريل هيو. چپڙن تي هلڪي گلابي رنگ جي لپ اسٽڪ لڳل هيس. پريت جي هن ۾ گهور هئي، پر هو هن سان گهڻي دير اکيون ملائي نہ سگهيو.

پريت سامهون ويٺل ڪمپيوٽر آپريٽر ڏانهن نهاريندي وراڻيو ''جيڪڏهن هتي ڪو ٻيو ويٺل نہ هجي ها، تہ تنهنجي آڱرين مان ننڍا آئون ڪڍي ڇڏيان هان.''

پوءِ هن پريت ڏانهن هٿ وڌايو هو. پر هوءَ جلدي ۾ اُٿي هلي ويئي، ۽ هي خوش فهمين جو رڻ جهاڳڻ لڳو هو.

هن سان محبت جي حوالي شعور ۽ لاشعور جي وچ ۾ ڀٽڪندو رهيو. ڪيس ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ اچي رهيو هو. فقط من ۾ خدشن اچي گهر ڪيو هئس.

ڪڏهن ڪڏهن اسان تي قسمت وڌيڪ مهربان ٿي پوندي آهي، ۽ اسان غير يقيني واري صورت الحال جو شڪار ٿي ويندا آهيون. اها صورت الحال وڏي ظالم ٿيندي آهي. جنهن ۾ اسان گهڻو ڪجهہ وڃائي ويهندا آهيون. جنهن جو وڏو سبب احساس محرمي هوندي آهي، محروميون سمجهہ ۽ اعتماد

جون دشمن ٿين ٿيون. هي بہ گهٽو ڪجهہ وڃائي وڃائي هُن تائين پهتو هو سو سندس ذهن ۾ هن کي حاصل ڪرڻ کان اڳ وڃائڻ جو خوف هيو.

تنهنڪري ئي هن جي رويي ۾ تبديلي اچڻ شروع ٿي وئي هئي، اهو ڪل مذاق چپ جي چادر ۾ ويڙهجي ويو هيو. بس هن کي هن کان لڪي تڪيندو هو ۽ اڪثر هوءَ هن جي اهڙي چوري پڪڙي وٺندي هئي. هن جو ڪنڌ هيٺ ۽ هن جي چپڙن تي مرڪ رقصان ٿي ويندي هئي. نيٺ هن هڪ ڏينهن چيو هئس

''پنهنجا پير سنڀالي کڻ منصور. جيڪڏهن ڪري پوندين تہ تو کي ڪير بہ سهارو ڪونہ ڏيندو.''

هن روايتي انداز ۾ وراڻيو هيو

''تون آهين نہ پريت! مون کي ٻي ڪنهن جي سهاري جي ضرورت ناهي.''

پريت چيو هيس

''منهنجي حوالي سان ڪنهن بہ خوش فهمي ۾ نہ رهجانءَ. اسان فقط دوست آهيون. هاڻي اهو تو تي آهي تہ ان جو ڪيئن ٿو ڀرم رکين.''

هن کي پوءِ بہ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي هئي،اچي بہ ڪيئن !.

هوءَ ڪا عام روايتي ڇوڪري نہ هئي. رياضيءَ جو ڪو منجهيل درجو لڳندي هئي، جنهن جو حل هن جي وس ۾ نہ هيو.

هو جڏهن گڏ ويهندا هئا، تہ ائين لڳندو هو تہ هي ٻئي صدين جا ڪي ڀٽڪيل روح هجن. جن هتي ملي جڻ سڪون ماڻيو هُجي. پهرين ڳالهين ۾ ويجهڙائي، پوءِ سوچن ۾ ويجهڙائي، ۽ پوءِ احساسن ۾ ويجهڙائي...... ۽ آخر هنن ۾ ويجهڙائي. ويجهڙائي بہ ايتري جو روايتي دوستيءَ جون حدون اڪري آيا هئا.

پوءِ بہ جڏهن هوءَ هن جي پر مان اٿندي هئي تہ ڪيس پاڻ سنڀالڻ لاءِ هوشيار ڪندي هئي

''مون وٽ احساسن جي ڪا بہ اهميت ناهي، مون لاءِ اهو سڀ ڪجهہ راند آهي. جيستائين ڪيڏنديس. باقي جنهن وقت مون کي تو ۾ عاشق نظر آيو پوءِ جوڳيءَ نہ ڪنهن جا مٽ.....!''

هو هميشہ جيان پريت جي ڳالهہ کي کلي ٽاري ڇڏيندو هو. ٻيو تہ هي جنهن منزل تي پهتو هو. تنهن جي موٽ ۾ ديوانگي ئي نصيب ٿيندي آهي.

ساڳي جڳهہ تي هوءَ ڇوڪري ڳجهارت کان گهٽ نہ هئي، گڏ هوندي بہ جڻ هن سان گڏ نہ هوندي هئي. هن هن جي ويجهو وڃي بہ پريت جي دل جو دڙڪو محسوس نہ ڪيو هو.

جڏهن تہ منصور هن جي سحر ۾ گم هو. هڪ ڏينهن هن کي هن ۾ ڪجهہ نظر آيو ۽ پوءِ هوءَ ڏور ٿي ويئي.

هي هن آڏو مڇيءَ جيان پڻ تڙپيو پر هن وٽ هن جي جيئندان جو پاڻي باقي نہ بچيو هو. تہ جيترو بہ هن ڇوڪريءَ هن تي ترس نہ کاڌو. جڻ هوءَ پنهنجي قول سان سچي هئي، ۽ هن جڻ پنهنجو پاڻ سان جٽ ڪئي. اڪيلائي منصور جو مقدر بڻي، ۽ هي تنهائين جو رولاڪ مسافر ٿي ويو هو.

اڄ جڏهن سمنڊ تي اڪيلو اچي وينو هو جڻ هن کي وسارڻ ۾ ڪامياب ويو هو. اهڙي نموني هو اڳ به ڪافي ڀيرا ڪامياب ٿيو هو. وري جي هن جي ياد جي هير گهلندي هئي، ته هن جو روح تڙپي پوندو هو.

اهڙين ڪيفيتن ۾ هن جي زندگي جا ڇهه مهينا گذري چڪا هُئا، پر هي پريت گُل جي ياد کان غافل نه رهيو.

سمنڊ جو منظر....جنهن تي ٻار ٻچا، وڏا ننڍا ۽ جوڙا....هر پاسي گوڙ.. موج مستي.... پر هي سمنڊ جيان تنها تنها.. سمنڊ جي سيني جيان هن جي ذهن ۾ سوچن جون لهرون لهرون.

گهر موٽي آيو سيني کان لاتعلق. من ۾ جڏهن ڇڪتاڻ هوندي آهي، تڏهن ماڻهو بظاهر چپ نظر ايندو آهي. هن جي وجود تي هڪ اهڙي موسم ڇانيل هوندي آهي، جنهن کي لاتعلقي جي موسم چئبو آهي، سيني کان لاتعلق، پاڻ کان به لاتعلق. ڪمري ۾ آيو.

ليپ ٽاپ آن ڪيائين. هن جون تصويرون، ۽ هي تصويرن ۾ گم. تصويرن ۽ تصويرن مان هن جي تصور ۾ گم ...ڪجهه گهڙيون ڀڙيان جيڪو واريءَ تي ناتو سمجهي مِٽائي آيو هو. تنهن ٻيهر من ۾ آس موڙي هيس، ۽ هي پاڻ کي وڃائڻ کان بچائي نه سگهيو .

آفيس جي ڪاريڊور ۾ هن جو انتظار پيو ڪيائين، خوبصورت آفيس، جديد طرز سان ٺهيل فرش تي اعليٰ معيار جو لائيٽ پنڪ ڪلر جو ٽائلز ڪاريڊور ۾ ديوارن جي ٻنهي پاسي ڪونڊين ۾ خوبصورت گلن جڻ هر آئي وئي جي آجيان پئي ڪئي .

هن اُتي ويهي پريت جي انتظار ۾ بار بار ٽائيم پي ڏٺو به ڀيرا ڪيس ٽيڪسٽ ميسيج به فارورڊ ڪري چڪو هو.

نيٺ هوءَ آئي .

”سوري منصور، سر واجد ڪجهه ڪم سمجهائڻ لاءِ روڪي ڇڏيو انهيءَ لاءِ دير ٿي ويئي. “

”اٽ از اوڪي، اهي سر ته هوندا ئي ....“

ڪجهه چوڻ ٿي چاهين، پر درگذر ڪيائين .

چاهت جي سفر ۾ معمولي رڪاوٽ به پهاڙن جيان محسوس ٿيندي آهي. ڪاريڊور مان ٻاهر نڪري آيا. سامهون گل ڏٺائين، پاڻ کي روڪي نه سگهيو. انهن ڏانهن هليو ويو. پريت هن کي روڪيندي چيو.

”اڙي بابا هيڏانهن اچ، مون کان بک برداشت ڪونه پئي ٿئي.“ پريت جي وڏي ڪمزوري بک هوندي هئي. جڏهن لڳندي هيس، ته ڪنهن جي به ڪونه ٻڌندي هئي. صفا مٿجي پوندي هئي، وري ڪائيندي تمام گهٽ هئي. پر هو نه مڙيو هيءَ به منصور ڏانهن وڌي ويئي

”پريت! هي ڏس...... گُلَ.“

”ها ڏسان ته پئي، انهن ۾ ڪا نئين ڳالهه ته ناهي.“

پريت جي لهجي ۾ رڪاٽ هئي، منصور نفاست سان وراڻيو

”گُلن سان منهنجو فطري عشق آهي، جنهن جو هڪ خاص سبب آهي.“

پريت تجسس محسوس ڪندي دلچسپي ورتي.

”ڪهڙو سبب منصور....!؟“

منصور جي چهري تي هلڪي مرڪ رقصان ٿي پئي .

پريت جو هن کي منصور چوڻ ڪيس پسند هوندو هو. چاڪاڻ مخدوم بلاول، سرمد، شاهه عنايت ۽ منصور هن جا آئيڊيل هئا. هي چاهيندو هو آئيڊيلز جا نالا روايتي انداز ۾ نه وٺڻ گهرجن. هنن جا نالا نزاڪت ۽ شائستگيءَ سان وٺڻ گهرجن، ۽ اهي نالا يا ته پريت وٽي سگهي ٿي. يا وري جنهن جي من ۾ پريت هجي. چاڪاڻ هو سڀ پريت جي پنڌن تي هلڻ سبب قتل ٿيا هئا. حق سان پريت، سچ سان پريت، انسانيت سان پريت.

”ته بابا ٻڌاءِ گلن سان فطري عشق جو سبب...گم ڪيڏانهن ٿي ويو آهين.؟“

”او سوري، انهيءَ جو وڏو سبب تون آهين پريت گل....!“

پريت جو چهرو هڪ پل تڙپيو ۽ ٻي پل منهن جو رنگ بدلجي ويس. وراڻيائين

” اڙي بابا ٿورو خيال سان، ڪٿي سياڻي روٺو نه پوي اوهان کي.“

هميشه جيان هن وري به منصور کي خبردار ڪيو ۽ منصور ڳالهه کلي ٽاريندي چيو

”منصور روئندا ناهن پريت.......!“

پريت هاڻي بک ۾ صفا ساڻي ٿي پئي هئي، جسم ۾ ڪمزوري پانيائين. پر منصور پريت جي پريم ۾ گم هو.

ڪافي دير کان آفيس جي گيٽ جي پرسان پارڪ وٽ ويٺل هئا. هنن کي ته هر آيو ويو ڏسي رهيو هو پر هي سين کان بي خبر پنهنجي دنيا ۾ هئا. منصور چيو

”پيو پتو اٿئي پريت ، مون پنهنجي گهر جي پڌر تي به ڪيترائي گل پوکيا آهن. هي ڏس..“

پريت کي هن پنهنجي موبائل جي فوٽو گيلري مان پنهنجي گهر جي اڱيان ٻيٺل مختلف گلن جا ٻوٽا ڏيکاريا، هوءَ گل ڏسي ٽڙي پئي.

”واهه منصور! هي ته تمام پيارا گل آهن. پر پليز منهنجي ڪڏهن به انهن سان پيٽ نه ڪجان.“

هڪ ڀيرو وري به پريت هن کي خبردار ڪيو پر هن پنهنجي ڳالهه ڪئي.

”پريت مونکي پڪ آهي، جنهن مٽي مان تون نهي آهين، تنهن ۾ ناهڻ واري گلابن جو پاڻي ملايو هوندو، چاڪاڻ تنهنجي ڳالهائڻ ۾ خوشبوءَ ۽ کلڻ ۾ گلابن جو ٽڙڻ محسوس ٿيندو آهي.“

پريت سوچن جي گهرائي ۾ هلي ويئي. سمجهه ۾ نه آيس ته منصور کي ڪهڙي ورندي ڏيان. منصور ڳالهه اڳيان وڌائي

”پريت مونکي ڏاڍو برو لڳندو آهي،جڏهن گل قبرن تي وڌا ويندا آهن. گل ته روحن جا اصل وارث ٿيندا آهن! انهن کي پٽڻ نه گهرجي، پتو اٿئي گلَ روح واسيندا آهن، من معطر ڪندا آهن. انهن کي چنڻ نه گهرجي...اهي جڏهن چنيا ويندا آهن، ته فقط ٻوٽي جي ٽاري اُداس ۽ خالي ناهي ٿيندي. پر انهن سان گڏ روح به روڙيا آهن پريت.“ پريت آهستگيءَ ۽ شائستگيءَ مان وراڻيو

’’منصور! تون ته گلن جو سچو عاشق آهين، ايڏو قدر ته مالهيءَ کي به گلن جو ڪونه هوندو جيترو توکي فڪر آهي.‘‘

منصور وراڻيو

’’واقعي انهن مالهين کي قدر نه هوندو جيڪي گل وڪڻڻ لاءِ پوکيندا ۽ سنڀاليندا آهن. هاڻي هلو ته هلي پيٽ جي ڪريون، وري چوندينءَ مان ميل نيوٽريشن پيشنٽ...مون تي رحم ڪريو.‘‘

ٻنهي جا ٺهڪ هوا ۾ وکري ويا، فضائون معطر ٿي ويون. ڪينٽين تي آيا، منصور چيو

’’پريت توکي هڪ وصيعت ڪريان ٿو.‘‘

’’وصيعت! ڇاجي وصيعت...!؟‘‘

پريت تعجب مان پڇيو منصور وراڻيو.

’’اتفاق سان جيڪڏهن منهنجو موت ٿي وڃي، ته تون تعزيت جي لاءِ منهنجي گهر نه وڃجانءِ. گلن سان ئي تعزيت ڪري وٺجان، مونکي حقيقي سڪون ملندو....‘‘

پريت جي منهن جو رنگ ڳاڙهو ٿي ويو بيگ کنيائين. جذباتي ٿيندي وراڻيائين

’’اهو تون ڇا چئي وئين منصور!؟ مون توکي ڇا چيو هو ته مون کي جذباتي ڳالهيون ۽ جذباتي ماڻهو ناهن وڻندا. مون توکي اهو به چيو هو ته منهنجي دل جو در بند آهي. ان ڏانهن ڪڏهن به وڃڻ جي ڪوشش نه ڪجان، نه ته توکي تڪليف ٿيندي. تنهنجو اهو هڪ جملو گهڻو ڪجهه چوي پيو. آءٌ انهيءَ ماڻهو کان پري ٿي ويندي آهيان. جيڪو منهنجي ويجهو اچڻ جي ڪوشش ڪندو آهي......!‘‘

۽ هوءَ وڃڻ لڳي، روڪڻ جي منصور ۾ همت نه هئي. هن کي ائين لڳو هو ته ڄڻ هن پريت جي ٽڙپندڙ رڳ تي هٿ رکي، هن کي وڌيڪ تڙپائي ڇڏيو هو.

ٻي ڏينهن ڪانپوءِ پريت آفيس نه آئي، سڀ رابطا ختم. پڇا تي ڪنهن موٽ ئي نٿي ڏني...۽ منصور جو پيار تان اعتبار کڄي ويو. ماضي جي گهٽين مان موٽي آيو لئپ ٽاپ بند ڪيائين. من ۾ پڙڪيو

“هاڻي تون ڪيڏو به پريت! منهنجي ويجهو ايندينءَ. پر آئون توکي ڏور ڏور تائين نظر نه ايندس. ٿي سگهي ته منهنجي گلن سان تعزيت ڪري ڇڏجانءِ.‘‘

ڄڻ دل جو بار هلڪو ٿيو هُيس.

ايتري ۾ موبائل فون تي واٽس ايپ ڪال جي ٽون وڳي، اٽينڊ ڪيائين

’’توهان منصور آهيو؟‘‘

عورتاڻو آواز هو

’’جي..جي...مان منصور...توهان......؟‘‘

’’مان سوپ سنڌو واشنگٽن مان پئي ڳالهايان‘‘

منصور کي ياد آيو. هڪ ڀيرو ڪيس پريت ٻڌايو هو ته سندس هڪ سهيلي سوپ سنڌو آمريڪا ۾ رهي ٿي، هو سوپ سنڌو جي نالي مان ڏاڍو متاثر ٿيو هو

’’جي سوپ ٻڌايو.‘‘

’’منصور مون کي توهان جو نمبر پريت ڏنو هيو. هن توهان سان ناراضگي جو سبب بہ مون کي ٻڌايو هو. توهان سان هڪ ڳالهہ ونديان ٿي، تہ پريت يونيورسٽي جي زماني ۾ سارنگ سان محبت ڪئي هئي. سارنگ ڏاڍو جذباتي ڇوڪرو هو. هڪڙي ڏينهن سارنگ معمولي ڳالهہ تان پريت سان ڪاوڙجي خودڪشي ڪري ڇڏي هئي. ان ڏينهن کانپوءِ پريت کي پيار کان نفرت ٿي ويئي هئي، وري محبت ۾ جيڪڏهن ڪو موت جي ڳالهہ ڪري تہ هوءَ صفا متجي پوندي هئي. توهان سان بہ هن جي رسامي جو سبب اهو بڻيو هو. هونئن هوءَ توهان سان بي پناهہ پيار ڪندي هئي، پر پيار ۾ جذباتي ٿيڻ هن کي پسند نہ هو. مون سان پريت هر ڳالهہ ونديندي هئي. پر منهنجو توهان کي ڪال ڪرڻ جو مقصد!‘‘

منصور جو اکيون پرجي وبون هيون، پريت جي پيار مان کيس پوترتا محسوس ٿي رهي هئي

’’جي سوپ ٻڌايو هوءَ ڪٿي آهي؟‘‘

سوپ ڳالهہ جاري رکي

’’پريت هڪ ٻي ڳالهہ بہ سيني کان لڪائي هئي، هوءَ برين ٽيومر جي پيشنٽ هئي. جنهن جي خبر فقط هن ۽ روبينہ کي هئي. توهان کي ڪيئن ٻڌايان منهنجو حوصلو اهو سپ ٻڌائڻ لاءِ منهنجو ساٿ ڪيئن پيو ڏي. هوءَ هفتو اڳ وفات ڪري ويئي آهي.‘‘

منصور هوش وڃائي وينو. هن تي اهڙو سڪتو طاري ٿي ويو هو. جو سندس اکين مان ايندڙ ڳوڙها بند ٿي ويا. سيني تي ايڏو بار پانئي رهيو هو. جڻ ڪنهن لتاڙيو هجيس، سوپ جي ڳالهہ جاري هُئي

’’آءٌ توهان جو ڏک سمجهي سگهان ٿي، توهان تان جيڪو ڪجهہ گذري پيو. تنهن کان آءٌ بخوبي آگاهہ آهيان، پر پنهنجي سهيلي جي آخري وصيت توهان کي ٻڌائڻ مون لاءِ اهم آهي. منصور پليز ٻڌو پيا......؟‘‘

دل تي وڏي سهپ جو پٿر رکي ٿتل قتل لفظن ۾ وراڻيائين

’’جہ جہ جي جي......پ ٻڌايو.‘‘

سوپ وراڻيو:

’’پريت ساهہ جي سڳن جي ٽٽڻ کان اڳ هڪ وصيعت ڪئي هئي، تہ منصور کي چئجو منهنجي مغفرت ڪرڻ لاءِ منهنجي گهر يا منهنجي قبر تي نہ وڃي. منهنجي تعزيت گلن سان ئي ڪري ڇڏي. ان سان ئي مونکي سڪون ملندو. گل ئي روحن جا اصل وارث ٿيندا آهن....‘‘

***

# ويلنٽائن وِش

”هڪ هو گُلدستو، هڪ هو لورز ڪپل وارو شوپيس ۽ ها هڪ سنو ڪو پرفيوم پيڪ ڪر.“
ڪاشان زيب شاپنگ مال ۾ گفٽ سينٽر تي شاپ ڪيپر کي مختلف گفٽس ڏانهن اشارا ڪري وٺي، ۽ پيڪ ڪرڻ لاءِ چئي رهيو هو. زين حيرت ۾ پوڻ لڳو پڇيائين
”ڪاشان يار! ايترا سارا گفٽ؟“
ڪاشان هن تي طنزيہ مُرڪ مُرڪندي وراڻيو
”ها ها ها ها! زين تون اجان ٻار آهين. انهن ڳالهين کي نہ سمجهندين. ماٺ ڪري ڏسندو وڃ...“
زين چُپ ٿي ويو هو شرميلي طبيعت جو نوجوان هو. ڪيس زماني جو اجا واءُ ڪونہ لڳو هو. جڏهن تہ هن جا دوست سوا سير هُئا. هو جڏهن هن جي اڳيان ڇوڪرين جا قصا ڇيڙيندا هُئا، تہ هن جي اکين جا پلڪَ شرم ٻوٽي جي پنن جيان جهُڪي ويندا هُئا.
اڄ جڏهن هن جي دوست ڪاشان ويلنٽائن جي مُناسبت سان هڪ ڪان وڌيڪ گفٽ خريد ڪيا تہ هن کي حيرت وٺڻ لڳي. ٻيهر پُڇيائين
”يار ڪاشان! وش ڪرڻ لاءِ هڪ گفٽ ڪافي آهي. ڇو وڌيڪ خريد ڪري فضول خرچ پيو ڪرين؟“
هن کي سندس ٻئي دوست وسيم ورندي ڏني
”اڙي پوڪ، جيترا گفٽ اوترين محبوبائون...... ڪاشان ايترو سخي ڪٿي آهي، جو ڪنهن هڪ تي پاڻ کي ائين مفت ۾ لُٽائيندو.“
ڪاشان ۽ وسيم ٽهڪ ڏيڻ لڳا. شاپ ڪيپر بہ کلڻ لڳو. هن جڻ پاڻ کي هنن آڏو ويچارو پئي محسوس ڪيو. ڪاشان چيو:
”زين يار! ليليٰ مجنون وارو وقت گُذري ويو. وقت ۽ حالتن سان سڀ ڪجهہ بدلجي ويندو آهي ۽ هاڻي جهڙو زمانو تهڙو پيار.“
زين جذباتي ٿيندي وراڻيو
”پوءِ اِهو پيار نہ چئبو ان کي وقتي ضرورت ئي چئي سگهجي ٿو.“
وسيم وراڻيو:
”مِنا اسان ڪڏهن چيو آهي، تہ هڪ ڇوڪريءَ جي پويان سڀ ڪجهہ وساري ڇڏجي..... ڇوڪريون فقط اسان جون ضرورتون آهن، ۽ اُن ڪان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ....... ضرورت ختم سڀ ڪجهہ ختم......!“
هو اجا بہ وڌيڪ جذباتي ٿي ويو

’’ڏوڙ آهي اوهان جي مُنهن تي، ڪي اخلاقي قدر بہ ٿيندا آهن. پر اوهان تہ مونکي صفا جانور لڳو پيا.....‘‘

ڪاشان چيو:

’’ها ٺيڪ آهي اسان جانور ئي صحيح، اسان کي خبر آهي تہ وقتي تقاضائن کي ڏسي ڪيئن جيئڻ گهرجي. هونئن بہ جواني آهي چار ڏينهن جي... پوڙهو ٿي گگون ئي واهٽيون آهن. تون بہ پيو سڪ....... اسان کي ڇا آهي؟‘‘

هو گفٽ سينٽر تان گفٽ کڻي شاپينگ سينٽر مان ٻاهر نڪري آيا. گاڏي ۾ ويٺا ۽ گهر ڏانهن موٽڻ لڳا. وسيم گاڏي ڊرائيو پئي ڪئي، ڪاشان ۽ زين پوئين سيٽ تي ويٺل هُئا.

زين جي ذهن تي هڪڙي خيال ڪڙڪو ڏنو، هِنَ هنن کي ٻُڌائڻ پي گهريو. پر طبيعت ۾ شرمساري جي سبب ڇئي نہ پي سگهيو. نيٺ رکي رکي چيائين

’’ وسيم هڪ ڳالهہ تہ ٻُڌ.‘‘

وسيم پڇيو:

’’جي جي ٻُڌاءِ.‘‘

’’سپ کان پهرين آءِ ايم سوري....‘‘

’’زين شرمائيندي وراڻيو

’’ يار جي غلط نہ سمجهو تہ اڄ رات مونکي شمع بيگم.‘‘ وڌيڪ ڪجهي نہ سگهيو، ڪاشان طنزيہ لهجي ۾ وراڻيو

’’ها ها ها! عجيب قسم جو ٻوڪ آهين. چڪلي تي هلڻ چاهين ٿو ۽ غلط نہ سمجهڻ لاءِ........‘‘

وسيم ڪاشان جي ڳالهہ ڪٽيندي وراڻيو

’’اڙي ڪاشان چُپ ڪر، مس مس واري ۾ آيو آهي. يار زين حڪم ڪر رُڳو شمع بيگم نہ. پر آءٌ تو کي تڙ تڙ جو پاٽي پيارينديس.‘‘ زين لڄي ٿيندي وراڻيو

’’نہ مونکي فقط اڄ رات.‘‘

ڪاشان ٻيهر طنزيہ انداز ۾ چيو

’’ٺيڪ آهي پُٽ! پڪي سمجهہ. باقي ڪڙائون تڪيون ڪري هلجانءِ، متان هلي ماٺهو ڪلائين.‘‘

هنن زين کي گهر جي گهٽيءَ ۾ ڇڏي پنهنجو سفر جاري رکيو. ڪاشان پُڇيو: ’’ وسيم! زين کي يلا اڄ ڇا ٿي ويو؟‘‘

وسيم وراڻيو

’’يار آءٌ پاڻ اهو پيو سوچيان، تہ هن جي ذهن ۾ اها ڳالهہ ڪيئن آئي. هو تہ صفا چڙي پوندو آهي.‘‘

ڪاشان چيو

’’ها نہ، هُت ڏس..... گفٽ سينٽر تي صفا مَتجي پيو هو. خير اڄ رات ڏسون ڪٿي ٿو پهچي. آهي تہ صفا ڇَڙ.‘‘

وسيم ڪاشان کي گهر وٽ ڇڏي، ۽ پاڻ پنهنجي گهر ڏانهن موٽي ويو. ٻئي تيار ٿي پنهنجي محبوبائن سان ملي ڪين ويلنٽائن وش ڪرڻ لڳا، ۽ زين رات ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو.

جڏهن شهر ۾ رات ٿي، تڏهن شمع بيگم جي پاڙي ۾ جڻ سج اُڀري پيو هو. سڀ ڪجھ جاڳي پيو هو. هي ٽئي به اهڙي ڏينهن ۾ رات ڪرڻ لاءِ شمع جي بزم ۾ داخل ٿيا.

زين جي هٿ ۾ هڪ ڪاري رنگ جي ٿيلهي هُئي. شمع هنن کي ڏسي ٺري پئي، ڇاڪاڻ هنن سان هن جي خاص واقفيت هُئي. هي هڪ ٻئي جو خاص خيال رکندا هُئا. دُعا سلام کان پوءِ شمع ڪاشان پُڇيو

’’ اڄ هي نئون ڇهرو.......!؟‘‘

هن جو زين ڏانهن اشارو هو. ڪاشان وراڻيو

’’هي اسان جو يار زين آهي. نئون آهي.‘‘

زين شرمائي رهيو هو. شمع سندس اکين ۾ حجاب محسوس ڪندي وراڻيو.

’’جناب هتي اچڻ کان پهرين ماڻهو حجاب ۽ شرم ٻاهر ڦٽو ڪري ايندا آهن. هتي انهيءَ جي ڪا به گُنجائش ناهي.‘‘

ڪوٺي ۾ وسيم سُڄ محسوس ڪندي شمع کان پُڇيو

’’شمع بيگم! زين هوريان هوريان سڀ ڪجھ سمجهي ويندو. پر اڄ ڇو توهان جي بزم سُڃي سُڃي لڳي پئي آهي، نه ته هتي اڳ اسان اهڙو ڪجھ.؟‘‘

وسيم جي ڳالھ ڪٽيندي شمع وراڻيو

’’ها! ڇون پيا ته اڄ ماڻهو ويلنٽائن ڊي ملهائين پيا، اڄ هنن کي ڪائڻ ڪندي ڪا به ٻُڪ ڪونهي. ڇو جو اڄ سڀ ڪجھ جائز ٿي پيو آهي، پارڪ ۽ هوٽلون وسڻ لڳا آهن. تڏهن ته هتي سُڄ لڳي پئي آهي. هونئن به جيڪڏهن ڪاڏو مفت ۾ ملي پوي ته پوءِ پئسن پرڻ جي ڪهڙي ضرورت!؟‘‘

شمع ڇڻ پيٽ جي ٻاھ ٻاهر ڪيڏي ٿڌو ساھ کنيو ۽ هنن کان پُڇيو

’’ڇا توهان کي مفت ۾ گوشت نه مليو جو هتي؟‘‘

وسيم وراڻيو

’’نه شمع اهڙي ڳالھ ڪونهي، بس زين چيو تڏهن.‘‘

شمع خوش ٿيندي وراڻيو

’’ انهيءَ جي معنيٰ ته اها عنايت زين جي آهي .‘‘

ڪاشان وراڻيو

’’جي ها شمع، هاڻي هن کي هتان خوش ڪري روانو ڪرڻ تنهنجو ڪم آهي.‘‘

شمع نيڻن سان تسلي ڏيندي وراڻيو

’’انهيءَ جو توهان فڪر ئي نه ڪريو. بس حڪم ڪريو.‘‘

هنن پاڻ ۾ ڪجھ پل صلاح ڪئي، وسيم چيو

’’ شمع بيگم! اسان جي مزاج کان ته تون باخبر آهين، باقي هن دوست لاءِ.....‘‘

شمع جانو کي سڏيندي وراڻيو
’’ٺيڪ آهي، جانو او جانو.‘‘
’’جي جي بيگم صاحب.‘‘
جانو کي هن ڪجھ ڪن ۾ چيو هو اندر ويو. ڪجھ دير ڪانپوءِ چار ڇوڪريون وٺي آيو. ٽي اڳيان هليون آيون، هڪ پويان بيهي رهي. شمع چيو
’’اوهان جو جانو ڪمرن ۾ انتظام ڪري ڇڏيو آهي. باقي زين هنن مان جيڪا پسند ڪري.‘‘
زين هنن تي نظر وڌي، پر ڪنهن به سندس من نه موهيو. هن پريان بيٺل ڇوڪري ڏانهن اشارو ڪندي چيو
’’هي نه، او هوءَ جيڪا.......‘‘
شمع حيرت ۾ پئجي وئي
’’ اوهان جو دوست ته وڏو خفتي آهي، بابره هيڏانهن اچ ۽ هن سان وڃ.‘‘
پريان بيٺل بابره ويجهو آئي، سندس چهري تي پريشاني پريشاني هُئي. هُن شمع کي ڪن ۾ ڪجھ ٻُڌايوءِ شمع زين کي چيو
’’زين تون هنن مان ڪا پسند ڪر، بابرا سان مسئلو آهي. نٿي هلي سگهي.....‘‘
زين انڪار ڪندي چيو
’’نه مون سان گڏ بابره هلي، ٻي نه.‘‘
شمع وراڻيو
’’اڙي ڇريا سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. ڪجھ پيچيدگيون ٿينديون آهن، جن ۾.......‘‘
زين شمع جي ڳالھ تي ڪوبه توجهه نه ڏنو. پير ٻڌي بيهي رهيو. ڪاشان ۽ وسيم شمع تي زور پريو. ۽ هن بابره کي زين سان گڏ ڪمري ۾ روانو ڪيو. هو به ڪمرن ۾ هليا ويا .
ڪمري ۾ ڪافي دير ڪان بابره ۽ زين خاموش ويٺل هيا. زين خاموشي ٽوڙيندي وراڻيو
’’توهان شايد مون کي غلط سمجهي رهيا آهيو......‘‘
بابره طنزيه انداز ۾ مُرڪندي وراڻيو
’’صحيح يا غلط جو تصور توهان جهڙن شريف ماڻهن جي مُعاشري ۾ هوندو آهي. اسان وٽ جيڪو به آهي، جيئن به آهي، سيني جي سامهون آهي. ها ٻي ڳالھ هتي اچڻ ڪانپوءِ به توکي شرافت بابت صفائي پيش ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿئي پئي، ته پوءِ آءُ ايترو ئي چونديس ته تون عجيب قسم جو ماڻهو آهين.......!‘‘
زين جو چڙ اعتماد وڌيو. ورڻيائين
’’ توهان بلڪل مون بابت صحيح اندازو لڳايو آهي، آءُ عجيب ئي آهيان.‘‘
بابره وراڻيو

’’تہ پوءِ عجيب عجوبن ۾ هُئڻ گهرجن. انهن جو هتي ڇا؟ هتي تہ راتين کي جاڳائڻ وارن مردن جو کم هوندو آهي. عجيبن جو نہ...!‘‘

زين وراڻيو

’’آءُ ڄاڻان ٿو هيءُ دنيا آهي. هتي ڪن لاءِ ڏينهن راتين جهڙا ۽ ڪن لاءِ راتيون.‘‘

بابره هن جي ڳالهہ بيزاريءَ مان ڪٽيندي وراڻيو

’’ اوهان هي ڇا پيا چئو مون کي اوهان جي ڪابہ ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي.‘‘

زين وراڻيو

’’ اوهان ٿي تہ چيو پئي تہ آءُ عجيب آهيان. عجيب ماڻهو جي ڳالهہ سمجهڻ لاءِ عجيب ذهن هئڻ گهرجي.‘‘

بابرا هن جو خيال پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لاءِ پنهنجي ڇاتي جي اُڀار واضح ڪندي وراڻيو

’’ڪهڙي قسم جا خريدار آهيو جو پاڻ کي بين ڳالهين ۾ اُلجهائي پنهنجو وقت ضايع ڪري رهيا آهيو. ڳالهيون ئي ڪندا رهندا يا.......؟‘‘

زين وراڻيو

’’مون زندگي ۾ ڪجهہ بہ ضايع نہ ڪيو آهي، نہ ئي هاڻي ڪجهہ ضايع ڪري رهيو آهيان. منهنجو پل پل سجايو ٿي رهيو آهي. منهنجي خريد ڪيل پلن جو اوهان فڪر نہ ڪريو. مونکي ڇا ڪرڻو آهي، سو آءُ ڀلي پت ڄاڻان ٿو‘‘

بابره کي زين جي ڳالهين مان خوداري محسوس ٿي. ڪجهہ گهڙيون اطمينان محسوس ڪيائين. ڇاڪاڻ تہ هن کي زين جڳ کان الڳ لڳو هو نہ تہ هن وٽ جيڪي ماڻهو ايندا رهيا هُئا، سي پل بہ ويهڻ پسند نہ ڪندا هُئا. اڄ هيءَ تيار بہ نہ هُئي. شمع کي ڪن ۾ مجبوري بہ ٻڌائي هُئائين. پر زين جي ضد سبب پاڻ تي ٿيڻ واري متوقع جبر ۾ پنهنجي ڀلائي سمجهي هُئائين. اهو سڀ سوچي رهي هُئي تہ زين وراڻيو

’’ڪهڙن خيالن ۾ گُم ٿي ويا آهيو......؟‘‘

بابره خيالن مان موٽندي وراڻيو

’’ڪجهہ بہ نہ، اوهان ٻڌايو.‘‘

هن زين ڏانهن گهور ڪئي، تہ زين هن ۾ اکيون کپائي ڇڏيون. بابره هن ۾ گهٽي دير نهاري نہ سگهي، ۽ نيڻ جهڪائي ڇڏيائين. ڪجهہ الڳ الڳ محسوس ڪري رهي هُئي. زيـــن ۾ نهاريندي سندس جسم ڪانڊارجي ٿي ويو. نيٺ چيائين

’’مون کي ايئن ڇو پيا ڏسو مونکي ڪجهہ ٿئي پيو.‘‘

زين هن جي ڳورين ٻانهن ۾ پنهنجا هٿ وجهندي وراڻيو

’’ڪجهہ تہ آهي تو ۾، جيڪو آءُ ڏسڻ چاهيان ٿو.‘‘

بـــابره پنهنجون ٻانهون ڇڏائيندي چيو

’’سچ پُڇو تہ مون ۾ ڪجهہ بہ ناهي. وڏي ڳالهہ تہ آءٌ پاڻ بہ پاڻَ ۾ ناهيان. منهنجي ذات منهنجا احساس منهنجا جذبات لتاڙجي چُڪا آهن. وقت مون کي پيلي ڇڏيو آهي. آءٌ مري چُڪي آهيان. مري ويل ماڻهو ۾ ڇا ڏسي حاصل ڪندا.....!؟‘‘

هن جي اندازِ بَيان زيـــن کي موهي وڌو واتَ مان واهہ ڇڏائي ويس

’’واهہ! ايترو گهرو ڳالهائڻ ڪنهن کان سکيا آهيو توهان تہ مون کي درد جي مَس سان لکيل ڪنهن ناول جا جيئرا جاڳندا ڪردار ٿا لڳو......‘‘

بـــــابره ٽهڪ ڏيندي وراڻيو

’’ها ها ها. ڇئبو تہ هاڻي ماڻهو طوائفن کي بہ مکڻ هڻندا. مونکي گهڻو نہ وٺو. متان وجائجي نہ وڃو.‘‘

زين هن ۾ وڏيڪ گهوريندي وراڻيو

’’نہ آءٌ ڪونہ وڃائبس، نہ ئي پٽڪندس. پٽڪندا اُهي آهن جيڪي اکيون بند ڪري نڪرندا آهن. مون کي منهنجي هر احساس جو شعور آهي.‘‘

هو لاڳيتو بابره کي ڇتائي رهيو هو. بابرا منجهي پئي هُئي، تہ آخر ڪيس ڇا ٿي رهيو آهي. ڪنهن ڪنهن ويل هُن پاڻ کي وڃائيندي ٿي پاتيو. بـابره وراڻيو

’’مونکي ايئن نہ ڏسو سچ ۾ مونکي ڪجهہ ٿئي پيو.‘‘

زيـن پُڇيو

’’ڇا پيو ٿئي اوهان کي؟‘‘

بـــابرا وراڻيو

’’جي ڪجهہ ٿئي پيو...... پتو ناهي ڇا آهي!؟‘‘

بـابره ڪجهہ چوندي چوندي رُڪجي وئي. احساسن کي لفظن ۾ سميٽي نہ سگهي، پيهر چيائين

’’مون سان پهريون ڀيرو ايئن پيو ٿئي، مون کي اڳ ڪڏهن بہ ڪنهن ائين نہ ڏٺو آهي‘‘

زيـن وراڻيو

’’جيڪو ٿئي پيو، تنهن کي ٿيڻ ڏيو ڪجهہ بُرو تہ نہ پيو ٿئي نہ؟‘‘

بـابره کي پگهر وٺي ويو هو

’’ نہ نہ، بُرو تہ ڪجهہ بہ نہ پيو ٿئي. توهان پهريان ماڻهو آهيو جنهن جون اکيون منهنجي اکين ۾ آهن. نہ تہ هتي.‘‘

زيـن وراڻيو

’’ڇڏيو انهن کي، هُنن کي نيڻن جي مَدّ جي ڪهڙي ڪَل؟‘‘

بـــابره هن تي طنز ڪندي چيو

’’ چو جناب سڄي جمار اکيون ئي تاڙيندا رهندا ڇا؟ جيڪڏهن اوهان هڪ ڀيرو چوکو چکي ورتو. تہ پوءِ اوهان تان نيڻن جا سڀ نشا لهي ويندا.‘‘

''زيــن وراڻيو

'' ان جو صحيح حل موجود آهي. ضروري ته ناهي ماڻهو جانورن جيان جنهن تنهن ۾ وات وجهي.''

بــابره هن جا احساس سمجهي ورتا هُئا. تنهن ڳالهه جو رُخ موڙيو:

'' ٻڌو آءٌ هڪ پيشاور ڇوڪري آهيان. مونکي انهن ڳالهين ۾ نه وٺي وڃو. مونکي هاڻي انهن ڳالهين ۾ ڪابه دلچسپي نه رهي آهي. توهان جا خريد ڪيل پل هاڻي ختم ٿي رهيا آهن. جي ختم ٿي ويا ته پوءِ توهان هتي هڪ پل به نه.''

زين هن جي ڳالهين ۾ آيل اوچتو تبديلي سمجهي ورتي. ۽ چيائين

''توهان جي مزاج ۾ اوچتو آيل تبديلي آءٌ سمجهان پيو. توهان منهنجي پلن جو فڪر نه ڪريو. آءٌ هت اهڙو ڪجهه به نه ڪرڻ آيو آهيان. جيڪو توسان ٿيندو رهيو آهي.''

بــابره جيڪا ڳالهه ڪجهه دير پهرين سمجهي رهي هُئي. اُن جو اعتراف زيــن جي زُباني ٻڌي خوشي محسوس ڪيائين. پُڇيائين

''ته پوءِ توهان جو ارادو ڇا آهي؟

هتي ڪجهه به لڪل ناهي. جنهن جي توهان کي تلاش آهي. لڪل ڳالهيون سُفيد پوش ماڻهن جي مُعاشري ۾ هونديون آهن. اسين عام آهيون. تڏهن ئي ته بدنام آهيون.''

بابره به ٿي قدم اڳيان به پويان هٽي وئي. زيـــن وراڻيو ''توهان صحيح جڳهه تي پهچي موٽ ڪاڏي آهي. مان توهان آڏو واضح ڪرڻ چاهيان ٿو ته منهنجو هتي اچڻ جو مقصد اهو هو ته توهانکي پنهنجو پاڻ سان مِلهايان.''

بــابره منجهي پئي

''ڇا مطلب؟''

زيــن وراڻيو:

'' توهان چيو پئي ته آءٌ پاڻ ۾ نه رهي آهيان. منهنجي ذات منهنجا جذبات لتاڙجي چُڪا آهن. آءٌ توهان کي توهان جي ذات سان ملائڻ آيو هوس. ۽ آءٌ اُن ۾ ڪافي ڪامياب ويو آهيان. آءٌ دعويٰ سان چوان ٿو ته ڪجهه گهڙيون ئي سهي پر توهان احساسن جو نج ذائقو محسوس ڪيو هوندو. ڪجهه پل ئي سهي پنهنجي وجود کي لتاڙ کان آجو پانيو هوندو. بس منهنجو اِهو ارادو هو ۽ مقصد بہ!''

بــابره جي من ۾ ڄڻ گُلاب ٽڙي پيا. هن پنهنجي پاڻ کي انهيءَ ماحول کان جُدا محسوس ڪيو پئي. بگهڙن سان ملي ملي اوچتو انسان جو چهرو ڏٺو هُئائين .سوچي رهي هُئي. انهيءَ اتفاق کي ڪهڙو نانءُ ڏجي. تيستائين زين ڪاري ٿيلهي مان گُلدستو ڪڍيو ۽ بابره ڏانهن وڌائيندي چيو

'' هيپي ويلنٽائن ڊي.''

هوءَ حيرت ۾ پئجي وئي. دل پرجڻ لڳيس. اکين جا بند ٽُٽي رهيا هيس. پاڻ کي سنڀاليندي پُڇيائين:

'' پر..... پر هي سڀ ڇا...... مون جهڙي ڇوڪريءَ کي ويلنٽائن وش. توهان ته سچ ۾ عجيب آهيو!؟''

زيــن جي اکين ۾ به لُڙڪ پرجي آيا. تنهن چيو

’’ها اُهو تہ آءٌ آهيان. بس خواهش هُيم تہ آءٌ ويلنٽائن وش ڪنهن اهڙي ڇوڪري کي ڪريان، جنهن کي وقت جي ستم ظريفيءَ پيار کان پاسيرو رکيو هُجي.‘‘

ايتري ۾ دروازي تي ٺُڪ ٺُڪ ٿي. زين بابره جي هٿن ۾ گلدستو ڏنو ۽ چيو

’’ لڳي ٿو تہ منهنجا پل ختم ٿي چُڪا آهن. چڱو آءٌ هلان ٿو. ڪجھ بُرو لڳو هُجي تہ پليز مُعاف ڪري ڇڏجو.‘‘

زيـــن هن کي پُٺ ڏئي دروازي ڏانهن وڃڻ لڳو. بـــابره جون اکيون پاڻي تي چُڪيون هيون، تنهن سڏ ڪيو

’’ ٻُڌو.‘‘

زيـــن هن ڏانهن مُڙيو بـــابره وراڻيو

’’توهان واقعي عجيب آهيو.‘‘

زيـــن ڪنڌ سان هاڪار ڪئي، سندس اندر ۾ جي چُڪو هو. ڪُڇي نہ سگهيو. بـــابره وڌي وڃي زيـــن کي ڀاڪُر ۾ ڀريو ۽ زور زور سان روئندي وراڻيو

’’توهان سچ ۾ اڄ مون کي پاڻ سان ملائي ڇڏيو. مون تہ ڪافي وقت پهريان پاڻ کي وڃائي ڇڏيو هو.... توهان تہ...‘‘

دروازي تي ٻيهر ٺُڪ ٺُڪ ٿي. زيـــن بـــابرا کي پيشاني تي مِٺي ڏئي ٻاهر نڪري آيو .

***

# ٻه قبرون

پارس کي گهر جي در جي چانئٺ اورانگهڻ کي هفتو گذري ويو هو. سندس واپسيءَ جو آسرو پري کان ٻه نظر نه اچي رهيو هو. پارس جو والد لوڪ جي مهڻن کان بچڻ لاءِ گهر کان ٻاهر نه نڪري رهيو هو. ڪاڏو پيٽتو وڃي ٿي پيو هيس. گهڙي گهڙي ڏائڻ ٻڻجي سندس رت چوسي رهي هئي، ساهه سوڙهو ٿيندي ٿي پانيائين.

باقي جيڪو عزيز قريب سندس گهر آيو ٿي، سو آڏيون ابتيون خبرون ڪري سندس جيءُ جهوري ٿي ويو اهو سڀ ٻڌي ٻڌي هاڻي هي ٿڪي پيو هو.

جڏهن هن هر طنز جي تير جو رُخ پنهنجي پاسي ايندو ڏٺو ته روح صفا ڇڄي پيو هيس.جنهن ڏُر سندس ٻانهن ڦٻائي هئي، تن جڻ ڪو وڏو تير هنيو هو.جهالت جي اهڙن ساٿارين خوشيءَ ۾ جهمريون پي هنيون، انهن کي انهيءَ ڳالهه جو ڪوبه فڪر نه هو ته ڪو گهر رسوائيءَ جي باهه ۾ ٻري رهيو آهي، ۽ ان گهر جا ڀاتي قيامت جهڙي ذلت مان گذري رهيا آهن.

آخر هو تر جي پوتار وٽ داد رسائيءَ لاءِ ويو. پوتار آڏو ڏيءَ ورائڻ لاءِ ڪٽي جهولي وڏائين. تنهن چيس

''مننار توکي مون پهريان ٻه چيو هو ته تنهنجي ڇوري ڇتي ٿيو بيٺي آهي....گهاٽي واڏي رات جي پيٽ ۾ لاهينس، پر تو نه مڃيو.....''

وڏيري جڻ مننار کي ڏسٽ بن سمجهي ڪچرو ڦٽو ڪيو هو هن هيٺائي مان وراڻيو

''سائين هوءَ منهنجي نياڻي هئي، ڍڳو ڍور ٿورئي هو جو ائين لاهيانس...!!؟"

وڏيرو جڻ وڄ ٿي پيو هو. تنهن مٿس وراڪو ڪري وار ڪيو

''اهڙي ڇوري مئي ڀلي...جيڪا پٽ جي ڏوڙ منهن ۾ وجهي...نه مڃيئي هاڻي ٿي خوار...راڄ ٻه ڪلايو اٿئي.....''

وڏيري جي ڳالهه هن جي زخمن تي پاهه رکڻ بدران لوڻ ٻرڪڻ ۾ ڪامياب وئي هئي، مننار بي عزتيءَ جو ٻار مشڪل سان سهندي وراڻيو. ''سائين جمعون توکان ڏاڍو ڪونهي، منهنجي عزت بچايو.''

وڏيري هن کي ٻيءَ نوڪر هٽندي وراڻيو

''مڃان ٿو! جمعون مونکان ڏاڍو ڪونهي، پر مننار آخر تنهنجي ڪني آهي، جمعون...! تڪي جهڙو جمعون.... ڪاڇي ڇا سان....!؟ ڇا ڪجي هو تنهنجي ڇوريءَ جي ڏڄ تي پيو ڪيڏي.....''

مننار وڏيري جو زهر ڀريل لهجو مشڪل سان هضم ڪيو.

مسڪين ماڻهو جي زندگي جڻ فوٽ بال جيان هوندي آهي. دنيا جا سڀ رانديگر پنهنجي فتح لاءِ هن کي ٿُڏا پيا هڻندا آهن. ۽ هڪ ڏينهن هو ختم ٿي ويندو آهي، مننار کي ٻه هنڌان هنڌان اهڙا ٿُڏا لڳي رهيا هئا. هن شڪ ظاهر ڪندي وراڻيو

''سائين....راڄ ۾ اها ڳالهه پئي هلي ته جمعي جا وڏيرو پنا پيو نپري..!''

هن انهيءَ هڪ جملي سان جڻ وڏيري جي چوري پڪڙي ورتي هئي، تنهن اُنهيءَ تي چادر چاڙهيندي منٺار کي هيسائيندي چيو

’’راڄ ۾ ته اها به ڳالهه آهي، ته منٺار جي زال هٿ سان ڏيءَ پڄائي آهي...! پوءِ ائين آهي چا.....!؟‘‘

هن جو ڪنڌ پهريان ئي رسوائي سبب هيٺ هو وڏيري مٿس پيو الزام هٽي سندس منهن جو پاڻي وٺي ڇڏيو.

منٺار جي ڏيءَ پارس وڏيري جي خاص ماڻهو جمعي جي پٽ ڪنئي هئي، منٺار تمام شريف ماڻهو هو. پر جمعي جن جا لڇڻ سڄي راڄ کان ساريا پيا هئا. پارس جو جمعي جي پٽ سان ڪيئن ۽ ڪٿي پيچ پيو ان جي منٺار کي لکا ڪانه هئي.

منٺار ٿڪل قدمن سان گهر موٽي آيو سوچيائين زال کي آٿت ڏئي وقتي طور تي سندس پريشاني ختم ڪرڻ لاءِ ڪوڪوڙ هڻندس. زالينس وڏي اچي وٺائنس حال ورتو هن چيس

’’رحيمان وڏيري خاطري ڪرائي آهي، تون پريشان نه ٿي.‘‘

هُن جڻ رحيمان جي هانءَ تي ٿڌي پاڻيءَ جو ڇنڊو هڻي ڇڏيو هو تنهن خوش خوش ٿيندي چيو

’’اي مرشد پلائي ڪجان.‘‘

زال کي خوش فهميءَ ۾ ڏسي منٺار جو ارادو بدلجي ويو. شڪسته لهجي ۾ چيائين: ’’پلائي لاءِ بچيو چا آهي رحيمان. وڏيري ته سڄو جمعي جن جو پاسو ڪنيو آهي، هو چون ٿا ته پارس جي وڃڻ ۾ تنهنجي زال شامل آهي.‘‘

رحيمان جڻ پيت ٿي وئي، گهڙيءَ لاءِ هن پنهنجو ساهه ويندي پانيو هو منٺار جي ڳالهه جاري هئي

’’پر ڪا به ماءُ پنهنجي اولاد کي چور دروازي مان پچڻ نه ڏيندي آهي، ها ڪافي عورتون اهڙا قدم کڻنديون به آهن، پر انهن جون زميني حقيقتون کين ائين ڪرڻ لاءِ مجبور ڪنديون آهن.‘‘

رحيمان جي ذهن ۾ اچا به وڏيري واري تهمت جي ولوڙ هئي، تنهن چيو: ’’پر منٺار مون نه‘‘

ايترو ئي ڪُڇي سگهي، منٺار کيس آٿت ڏيندي چيو

’’مون ته توکي ڏوهه ڪونه ڏنو سڄڻ، ماڻهو ته هميشه پنهنجن ڪيل ڏوهن جا هٿ پراون ڪپڙن سان اگهندا آهن، تون فڪر نه ڪر.‘‘

منٺار اٿيو ڪمري مان پلاسٽڪ جو ڪٿو ۽ ڪوڏر ڪنيائين. جنهن ۾ هن رات جي وقت ڪجهه بند ڪري رکيو هو. ٻاهر وڃڻ لڳو ته رحيمان چيس

’’ڪوڏر ڪٿي ڪيڏانهن پيو وڃين.......جا ڏس آرام ڪر‘‘

درد سان ٻڏل لهجي ۾ منٺار وراڻيو

’’پارس جو درد وڏيڪ مون کان سَنو نٿو ٿئي رحيمان، مونکي انهيءَ سور کي نڪاڻي لڳائڻو آهي!‘‘

رحيمان کي خوف ورائي ويو سوچڻ لڳي،

منٺار جيڪو اڪثر پارس کي ڏڙڪي ڏيڻ تان مون سان وڙهندو هو پلا اهو ڪيئن ڏيءَ کي ماريندو. پر ڏيءَ به سندس کهڙو پرم رکيو آهي, جو هو هن سان رعايت ڪري..هن ڊوڙي وڃي دروازو بند ڪيو ۽ در جي آڏو ديوار ٿي بيهي رهي

''رحيمان ڏس منهنجو گس نه بند, مون جيڪو فيصلو ڪيو آهي سو ئي ٿيندو!''

ڪيس روڪڻ لاءِ هُن ڪيئي سندس مانڌان جهول وڌا, پر هو نه رُڪيو. گهر مان نڪري گهٽين مان گذرندي سڌو قبرستان تي آيو. ڪيس اهڙي حالت ۾ ڏسي سندس اوڙي پاڙي جا ماڻهو سندس پويان پويان اچڻ لڳا, هي مقام ۾ قبر کوٽڻ لڳو پهريان هڪ قبر پوءِ ٻي قبر.... سندس اهڙي حالت ڏسي بيٺل ماڻهن مختلف ڳالهيون پي ڪيون, ڪنهن چيو

''لڳي ٿو ته خواريءَ ڪيس چريو ڪري ڇڏيو آهي.''

وري ٻي سوال ڪيو:

''ڪٿي ائين ته ناهي چوري کي مارائي ڇڏيو اٿس.....۽ هاڻي....!؟''

''اڙي نه نه.....اهڙي جي غيرت هجيس ها ته ڇوريءَ جي پيچڻ کان اڳ ئي ڪيس کهاڙو هٽي ميچالو ڪڍي ونيس ها.......هون.''

جيترا وات, اوتريون ڳالهيون, جهڙا ذهن تهڙيون سوچون.....

پر منٺار جو ڪنهن ڏانهن به ڌيان نه هو, زور زور سان قبر کوٽي رهيو هو.جڏهن قبرون کوٽي بس ڪيائين, ته هڪ قبر تي ڪاٺ جا ڏڪ رک خالي بند ڪري ڇڏيائين ۽ ٻي قبر ۾ ڪتو چنبڻ لڳو, جنهن مان رانديڪا ۽ ڪپڙا قبر ۾ ڪِري رهيا هئا.

اهو ڏسي سڀني کي حيرت وٺڻ لڳي, ڪين هن جي چريي هئڻ جو جڻ سرٽيفڪيٽ ملي ويو.

هن ٻي قبر تي به ڏڪ رکي قبر بند ڪري ڇڏي, ڪوڏر ڪلهي تي رکي واپس وڃڻ لڳو ته بيٺلن مان ڪنهن طنز ڪندي ٽهڪ ڏنو

''ها ها ها....چريو ڪنهن جاءِ جو!''

منٺار جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي رهيا هُئا. هن بيٺل ماڻهن ڏانهن مڙندي چيو:

''آئون چريو ناهيان, هيءَ قبر منهنجي ڏيءَ پارس جي آهي, جيڪا گهر جي در جي چانئٺ اورانگهي مون لاءِ مري وئي, ۽ ٻي اُن جي پيءُ منٺار جي آهي جيڪو پڻ ان سان گڏ مري ويو........!''

***

# پوندو

”ماڻھو خواھشن جو غلام ھوندو آھي. ھو خواھشن پُٺيان ڊوڙي ڊوڙي حياتي کپائي ويھندو آھي, پر خواھشون کُٽنديون ئي ناھن. ماڻھو جي اندر ۾ خواھشن جو گھرو ساگر ھوندو آھي.“

ڪلاس ۾ پروفيسر جميل ساگر پنھنجي ليڪچر ڪانپوءِ خواھشن تي ڳالھائيندي اھا راءِ ڏني. سيني جي واتان واھ واھ نڪري وئي, پر آءٌ انھيءَ سان سھمت ڪونہ ٿيس. اھو ضروري تہ ڪونھي تہ ماڻھو خواھشن جي ڪڍ پوي, اھو خيال پروفيسر ساگر جو ذاتي تہ ٿي سگھي ٿو پر ھر ڪنھن جو نٿو ٿي سگھي .

ڪجھہ وقت ڪانپوءِ جڏھن آءٌ ڳوٺ واپس آيو ھوس, تہ مون سان بہ عجيب اتفاق ٿيڻ لڳو ھو عيد جون موڪلون ھُيون. عيد جي ڏينھن شام جي وقت چاچا عارب جي گھر ويو ھُيس, ھن جو گھر اسانجي گھر کان ٿورو پرڀرو آھي.

سندس ٻني ٻارو بابا کان جدا آھي. ڏاڏا جي حال حيات ۾ ئي ھو ملڪيتون ورھائي الڳ ٿي ويا ھُئا .

چاچا عارب جي گھر ۾ منھنجي نظر اوچتو سندس ڌيءَ صدوري تي پئي ھُئي. صدوريءَ ۾ مون سندس شادي کان پھرين اھڙي چِڪ ڪڏھن بہ محسوس نہ ڪئي ھُئي .ھن کي ڏسڻ سان ئي منھنجو انگ انگ پڙڪي اُٿيو ھو. لڳن مان ڪاندار اندر رھڙي ٻاھر نڪتي ھُئي, اڳ ڪڏھن بہ مون تي ايئن جبلتن جا بند ڪونہ ٽُٽا ھُئا. جھڙي طرح ھاڻي بيچينيءَ ۾ منھنجو من ويچارو ويچارو ٿي پيو ھو.

ھوءَ ٽن ٻارن جي ماءُ ھُئي. سند وَر جوان جماڻ ھو. ھو بہ ساڻن گڏ گھر نائي تي رھندو ھو. پوءِ بہ آءٌ حوس جي ھٿان مات کائي ھن جي طرف پاڻ کي ڇڪي ورتو ھوس. اُن وقت مون تي پروفيسر جميل ساگر جون ڳالھيون اثر انداز ٿيڻ لڳيون ھُيون, مون ۾ اخلاقي قدرن جي بلڪل اُبتڙ ھڪ خواھشن جاڳي پئي ھئي. جنھن جي پورائي لاءِ مون مان رشتن جو تقدس قائم رکڻ وارو پاٽي سُڪڻ لڳو ھو.

اڄڪلھہ مون بہ چاچا جن جي گھر اچڻ وڃڻ تي گھڻو زور ڏنو ھو. ھوءَ جڏھن بہ پنھنجين ڪجلين ڪارين اکين سان مون ڏانھن ڏسندي ھُئي تہ پوءِ آءٌ ھوش مان نڪري ويندو ھوس. من چوندو ھو تہ آئون باز جيان ھُن جھرڪي کي جھٽي وٺان .ھن جي قربت حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف بھانا ڳولڻ لڳس. خانگي ڏسن ۽ ٽوٽڪن ۾ ھوئن بہ ڀھراڙيءَ جون عورتون پڙ ھونديون آھن. آءٌ بہ ھن کي ويجھو ٿيڻ لاءِ مختلف ترڪ تال ڪرڻ لڳو ھوس.

”صدوري اڪ ۾ ڪتر پيو آھي ڪڍي ڇڏ.“

يا وري

”صدوري پيٽ ۾ سور پيو ٿئي, پيٽ تي ھٿ ھڻي ڇڏ.“

مطلب تہ اھڙيون حرڪتون پيو ڪندو ھوس. تہ جيئن ھوءَ مون کي ڇُھي سگھي, ۽ آئون ڪيس پاڻ ڏانھن ڏيان ڇڪائڻ ۾ ڪامياب وڃان.

چاچا جي گھر گھڻو اچڻ وڃڻ تي امان کي شڪ وٺي ويو ھو. تنھن چيو

‘‘پٽ خادم! اڄڪلهہ چاچين عارب جي گهر مان نڪرين ئي نٿو. خير تہ آهي پُٽ؟’’
امان جي ڳالهہ تي مونکي چڙ آئي
‘‘ڇو امان، ان ۾ ڪو هرج آهي ڇا... چاچا جو تہ گهر آهي. تنهنجو مطلب نہ وڃان ڇا؟’’
مونکي جذباتي ٿيندو ڏسي امان مرڪي پئي، چالاڪي سان وراڻيائين
‘‘نہ پُٽ، اهڙي ڪا ڳالهہ ناهي. ڪنوارين نياڻين وارو گهر آهي. تنهنڪري اتي اڪيون سنڀالي ويندو ڪر.’’
مون کي پڪ ٿي وئي، تہ امان کي شايد ذهن ۾ اهو آهي تہ آئون چاچا عارب جي ڪنوارين ڇوڪرين مان ڪنهن جي ڪڍ آهيان. هن کي يقين ڏيارڻ لاءِ چيم
‘‘ امان اهڙي ڪابہ ڳالهہ ناهي، چاچا جون ڪنواريون ڏيئون مون کي ڀيڻن جيان آهن. آئون تہ خالي صدوريءَ جا ٻار کيڏائڻ ويندو آهيان، هو مون سان ٺهي ويا آهن. تون ئي تہ چوندي آهين، تہ ٻار قُرب جا مِٺ هوندا آهن.’’
‘‘صدوريءَ جا ٻار! هوندو ابا....!’’
امان چپ ڀيڪوڙي هلي وئي، شايد منهنجي ڳالهہ تي هُن ويساهہ نہ ڪيو. پر مون سندس ڳالهہ جو ڪو خاص اثر نہ ورتو. منهنجو تہ صبح سانجهيءَ هنن جي گهر چڪر ٻڌو پيو هو.
جڏهن هنن جي گهر ويندو هوس تہ سيني کي اکين ۾ جهلي صدوريءَ جي ويجهو ويجهو ٿيڻ جي پوري ڪوشش پيو ڪندو هوس. جڏهن هوءَ پنهنجي ننڍڙي کي ٿڃ ڏيندي هُئي، تہ پوءِ آئون هن جو پاسو ئي ڪونہ ڇڏيندو هوس. ٻار جي بهاني هن سان پيو ڪينچل ڪندو هوس.
منهنجي اندر ۾ هڪ اهڙو احساس جاڳي پيو هو جنهن جي اظهارڻ لاءِ منهنجي زبان منهنجو ساٿ نہ پئي ڏنو. جڏهن بہ دل تي وڏو پٿر رکي هن کي ڪجهہ چوڻ چاهيندو هوس، تہ لفظ زبان ۾ اٽڪي پوندا هُئا. آئون ٻئي موضوع جو سهارو وٺي چالاڪي سان ڳالهہ بدلائي ونندو هوس .
اڄ جڏهن هن جي ننڍڙي کي گهمائي واپس سندن گهر ڇڏڻ آيس، تہ ڏٺم صدوري نم جي گهاٽي وڻ هينان چولي تي ٽڪون ٺانڪي رهي هُئي. باقي گهر ڀاتي نظر نہ پئي آيا، هن کي اڪيلو ڏسي جڻ مان شينهن ٿي پيو هوس. مون اڳيان وڌي وچي کيس ننڍڙو ڏنو. جيئن هن ٻانهون وڌائي منهنجي هٿن مان ننڍڙو ورتو تہ منهنجا هٿ هن جي ڇاتي تي لڳي ويا. پهريان تہ مونکي تمام گهڻو خوف ٿيو پر پوءِ محسوس ڪيم تہ هن تي ان عمل جو ڪو بہ اثر نہ ٿيو هو. جڻ لاشعوري ۾ اهو ٿيو هُجي، پر منهنجي پياسي روح کي جڻ سڪون ملي پيو هو. هن چيو
‘‘ سئوٽ ويهہ.’’
آئون سندس سامهون پيل ڪاٺ جي ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. من ۾ خيال آيو تہ هن جهڙو شايد ٻيو موقعو نہ ملي، تنهنڪري ڪوشش ڪري هن کي پاڻ ڏانهن مائل ڪرڻ لاءِ ڪجهہ ڪريان. پڇيومانس
‘‘ صدوري تنهنجو گهر وارو ڏسڻ ۾ نہ پيو اچي ؟’’

هن وراڻيو

’’ توکي وريام جي خبر ناهي ڇا سوٽ؟‘‘

مون حيرت مان انڪار ڪندي پڇيو

’’نہ نہ، ڇا ٿيو هن کي!؟‘‘

صدوريءَ وراڻيو

’’نہ، هن کي تہ ڪجھ بہ ناهي ٿيو. بس ڪمائڻ لاءِ عربن جي مُلڪِ ويو آهي.‘‘

مون وراڻيو

’’ اڇا......اڇا تہ سعودي ۾ ڏنڊو ڪرڻ ويو آهي‘‘

هن ڪنڌ لوڏي هاڪار ڪئي، مون وراڻيو

’’صدوري جيڪڏهن دل ۾ نہ ڪرين تہ هڪڙي ڳالھ ڇوانءِ؟‘‘

صدوري چيو

’’ها سئوٽ ٻُڌاءِ. ‘‘

’’تون سدا ملوڪ آهين، تنهن ڪري توکي بہ تو جهڙو شهزادو ملڻ کپي ها. ڪو پڙهيل لکيل.‘‘

صدوريءَ وراڻيو

’’بس سئوٽ لکيي جو ليک! لکيو ائين هو. وريام بہ صحيح آهي مون لاءِ.‘‘

’’مون ڳالھ اڳيان وڌائي

’’ صدوري آءٌ توکي ڪيئن ٿو لڳان...؟‘‘

هوءِ شرمائي وئي، مون چيس :

’’ اڙي ڇري ڪنڌ تہ مٿي ڪڻ‘‘

هن چيو

’’سُٺو آهين. اخلاق وارو آهين سئوٽ.‘‘

رکي رکي چيو مانس

’’ صدوري هڪ ڳالھ ڇوان، جي تون. ‘‘

هن پڇيو

’’ جي جي، ڇئو سئوٽ ڪهڙي ڳالھ.؟‘‘

هن ڳالھ ٻُڌڻ لاءِ دلچسپي ڏيکاري، مون سپ وهم وساري چيو ’’صدوري ڳالھ اها آهي تہ........آءٌ چاهيان ٿو تہ تہ‘‘

اهي لفظ اُچارڻ سان ئي منهنجي دل جي دڙڪو وڌي ويو. اندر ۾ باھ ٻري اُٿي، چوڻ جو حوصلو باقي نہ رهيو. منهنجي مُنهن تي شايد هُن ڳڻتيءَ جون لڪيرون ڏسي ورتيون. سنجيدگيءَ سان وراڻيائين ’’سئوٽ، تنهنجو منهن ڇو ائين ٿي ويو آهي. اهڙي ڪهڙي ڳالھ آهي ڇئو نہ.....ڇُپ ڇو آهين.؟‘‘

مون هڪ ڀيرو ٻيهر ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر زُبان مان اُف بہ نہ نڪتو. ٿوري دير پهريان جيڪو شينهن ٿي هن جي آڏو آيو هُوس، سا منهنجي بهادري پوري ٿي وئي هُئي. جهڙپ ڏئي اُٿيس، پُٽ ڏنم تہ ڏنم چاچا عارب اسان ڏانهن اچي رهيو هو. گهبرات گهٽجڻ بدران ويتر وڌي وئي هُئي. هُن وراڻيو

’’ سئوٽ، ڪيڏانهن.... ڳالهہ تہ پوري ڪر.‘‘

مون اڃان هن کي مُڙي جواب نہ ڏنو تہ چاچا اچي مونکي پاکُرَ وڌا

’’ خادم پُٽ پلي ڪري آئين.‘‘

مون بہ پليڪار جو جواب ڏئي وراڻيو

’’پلائي چاچا، صدوريءَ جي ننڍڙي کي گهر وني ويو هُوس، تنهنکي ڇڏڻ آيو آهيان.‘‘

چاچا جي پُڇڻ بنا پنهنجي صفائي پيش ڪيم

’’ چڱو چاچا هاڻي آءُ هلان ٿو.‘‘

ڪن پل لاءِ تہ پاڻ کي چور جيان سمجهڻ لڳس.

چاچا وراڻيو

’’نيڪ آهي پُٽ، پر شام جو ياد سان اچج. پاڻ واري مُرشد ولايت شاھ جو ميلو آهي، يڪي گاڏي پاڙي اٿم. تون بہ اسان سان گڏ زيارت لاءِ هلجان.‘‘

چاچا ڳالهہ تہ منهنجي مَن جي ڪئي هئي، پڪائي ڪندي وراڻيم:

’’ چاچا، نہ مهرباني. توهان ٿي اچو اسان لاءِ بہ دُعا گهرجو.... آءُ نٿو هلي سگهان.‘‘

صدوري پنهنجو ننڍڙو ڪٽ ۾ ٻڌل رئي جي لوڏ ۾ وجهندي وراڻيو

’’ اهو وري چا... توکي هر حالت ۾ هلڻو پوندو. جيڪڏهن تون نہ هلندين تہ پوءِ آءُ بہ ڪونہ ويندس.‘‘

چاچا ٽهڪ ڏيندي وراڻيو

’’ها ها ها، ڏاڍو سئوٽن جو پاڻ ۾ رسِ آهي، هاڻي تہ پُٽ ضرور هلڻو پوندوني.‘‘

منهنجي انڪاري فيصلي تي هن جي انڪار جڻ منهنجي من ۾ هن بابت پيدا ٿيل خواهش کي پاڻي ڏئي ساوڪري ڇڏيو. آءُ هنن سان گڏ ميلي تي هلڻ جو واعدو ڪري گهر موٽي آيس.

مُنهنجي ذهن ۾ هن جو تصور گهر ڪري ويهي رهيو هو. هن جو جملو ’’جي تون نہ هلندين، تہ آءُ بہ ڪونہ ويندس.‘‘ هر هر ڪنن ۾ گونجي رهيو هو.

دل ۾ اهو گُمان پڪ جي دڳ تي رُسڻ لڳو تہ شايد هُن جي من ۾ بہ مون جيان ڇِڪ آهي. پر عورت هُئڻ ڪري هوءَ پهل ڪرڻ بدران منهنجو اوسيئڙو ڪري پئي. سوچيندي سوچيندي شام ٿي وئي. آءُ تيار ٿي پرفيوم لڳائي رهيو هوس، تيستائين صدوريءَ جي ڏيءَ آئي. مون کي ڏسي چيائين

’’چاچا چاچا هل، گاڏي بيٺي آهي. دير پئي ٿئي، امان توکي گهرائي پئي.‘‘

امان سوير کان منهنجي لُچ پُچ سمجهي ورتي هُئي. بس چئي نہ پي سگهي. وڃڻ وقت چيومانس

’’ امان آءُ چاچا جن سان گڏ سائين ولايت شاھ جي ميلي تي وڃان ٿو گهر اچڻ ۾ دير ٿي سگهي ٿي.‘‘

امان جواب ۾ وراڻيو

’’ٺيڪ آهي پُٽ، سُٺي مُهاڙ ڏانهن وڃين پيو. من ۾ ڪا کوٽ هُجي تہ ختم ڪري وڃجانءِ، نہ تہ خطا ڪائيندين.‘‘

امان جي ڳالهہ ٻُڌي اڻ ٻُڌي ڪري صدوريءَ جي ننڍڙيءَ سان گڏ سندس گهر ڏانهن آيس.

گهر ۾ چاچا عارب جي تڪڙ لڳي پئي هئي. گهر جي ٻاهران بہ سندس آواز هڪ جهڙو ٻُڌڻ ۾ پئي آيو

’’ هلو ڊيئڙيون هلو....سج لهي ويندو، دير پئي ٿئي. وڪاري اچو.‘‘

گهر اندران ڪيس ورندي ملي

’’ها بابا ها تون هلي گاڏي ۾ ويهہ. اسان اچون پيون‘‘

آءٌ هنن جي گهر جي دروازي وٽ پهتس، تہ صدوريءَ جو آواز ڪنن تي پيو

’’بابا اچا هو ڪونہ آيو آهي.‘‘

مونکي جيڪا خوشي ٿي، تنهن جي حد نہ هُئي. هن کي منهنجي ايتري فڪر هُئي، جو منهنجي پر پُٽ منهنجو پُڇي رهي هُئي. من ۾ اهو تاثر اُڀري رهيو هو تہ هن ميلي کان پوءِ منهنجو ۽ صدوريءَ جو روز ميلو ٿيندو. چاچا پُڇيس

’’صدوري هو ڪير.....اچا ڪير رهجي ويو آهي.؟‘‘

صدوريءَ وراڻيو

’’ بابا هو ادا خادم....چا سمجهندو تہ پيڻ ۽ چاچا مون کي سڪٽي صلاح هنئي هئي.‘‘

هن جي زُبان مان ادا چڻ پونبو ٿي نڪتو. جنهن جو رُخ سڌو منهنجي منهن ڏانهن هو.

***

# اڇو منهن

گهٽن ڏينهن کان ريشم پاران هن کي ’’سر... سر...‘‘ چوڻ ڇڏي رهيو هو.

هو دل ئي دل ۾ متس اکن چڪن تي پيو هو.

جڏهن ته ريشم عمر ۾ سندس ڌيءَ صائمه کان به ڪافي ننڍي هئي. پوءِ به هن کي ريشم کي ڏسندي، صائمه جون اکيون سامهون نه آيون هيون. هن کي ڏسي سندس شودو روح کيس چنبڙڻ لاءِ آتو ٿي ويندو هو.

ساڳي جاءِ تي کيس اهو خوف به هو ڪٿي ريشم هنگامو مچائي کيس خوار نه ڪري وجهي. ريشم وٽس فيس بوڪ تي ايڊ هئي، ريشم جي هن سان مختلف موضوعن تي چيٽنگ ٿيندي هئي.

نيٺ هڪ ڏينهن پروفيسر وجاهت صبر جا سڀ پيمانا لبريز ڪندي هن کي فيس بوڪ تي چيٽ ڪندي چئي ڏنو

’’اڙي ريشم جان....هاڻي ڇڏ ’سر... سر‘ کي....ڪا رنگين ڳالهه ڪر يار!‘‘

ريشم هيسجي وئي.

’’هي سر اوهان کي ڇا ٿي ويو، مان ته اوهان کي ڊيڊي جيان سمجهندي آهيان. آئي ڊونٽ بليو‘‘

پروفيسر کي پگهر وٺي ويو. ڪجهه گهڙيون سوچيندي، هن اسٽيٽمينٽ ۾ پنهنجي اڇي منهن جو ثبوت پوسٽ ڪيو

’’سوري فرينڊس! منهنجي آئي ڊي جو ڪو فراڊي ماڻهو مس يوز ڪري رهيو آهي. جيڪڏهن توهان کي منهنجي اڪائونٽ پاران ڪا تڪليف پيش آئي هجي ته ان لاءِ مان شرمندو آهيان.‘‘

***

# ذميوار

شهر ۾ ڇڪتاڻ وارو ماحول هو. ڪنهن مسئلي تي سياسي ڪارڪنن شٽربند هڙتال جو سڏ ڏنو هو. پر واپاري لڏي انهيءَ کي رد ڪري ڪاروبار بند رکڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. پوءِ به سياسي ڪارڪن دابي دڙڪي سان جزوي هڙتال ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويا هئا. شهر جي مختلف چوڪن تي هو ٽولن جي صورت ۾ ڏنڊا ۽ جهنڊا کڻي نعريبازي ڪري رهيا هئا .

شهر جي جنهن به حصي مان هي گشت ڪري روانا ٿي ٿيا، ته دوڪاندارن شٽر مٿي تي ڪري ڇڏيا. وري جڏهن واپارين کي مظاهرين جي اچڻ جو پتو ٿي پيو ته هو تڪڙ تڪڙ ۾ شٽر هيٺ ڪري مظاهرين سان گڏ هئڻ جو شاندار مثال ڏيئي رهيا هئا .

اهڙي ڇڪ ڇڪان ۾ قاصر ۽ وقاص شهر ۾ داخل ٿيا. قاصر بيروزگار ۽ شاعر آهي، جڏهن ته وقاص انٿروپولاجي جو شاگرد آهي. پنهنجي جڳهه تي ٻئي سلجهيل نوجوان آهن. هي ٻئي شاهي بازار ڇڏي جڏهن چوڪ تي آيا، ته اتي دوڪان بند نه ڪرڻ تي دوڪاندار ۽ سياسي ڪارڪنن جي وچ ۾ منهن ماري لڳي پئي هئي. جڏهن دوڪاندار تي شهرين زور وڌو، تڏهن هن ٻري سور مان دوڪان بند ڪيو. هنن جڏهن اها حالت ڏٺي، ته کين سخت افسوس ٿيو. قاصر افسوس ڪندي چيو

’’يار حالت آهي، هنن ماڻهن کي انفرادي مفاد عزيز آهن. کين پتو ناهي جيڪڏهن هنن اجتماعي مفادن لاءِ گڏجي ويڙهه نه ڪئي ته تڏو سجو تيل ٿي ويندو.’’

وقاص هن جي ڳالهه کي نظرانداز ڪندي وراڻيو

’’يار تون به ڪو درويش ماڻهو آهين، هي واپاري پيٽ جا پوڄاري تن کي ڪهڙي ڪل...هنن کي ته بس پنهنجو پيٽ ئي عزيز آهي. پر يار مونکي انهيءَ سڀ جو هڪ ڪارڻ نظر اچي پيو.’’

’’ڪهڙو ڪارڻ .......؟’’

قاصر حيرت مان پڇيو.

روڊ تي ٽائر سڙي رهيا هئا، ڪارڪنن پاران نعريبازي جاري هئي. هي ٿورو اڳيان ويا ته وقاص وراڻيو

’’يار منهنجي خيال ۾ موبلائيزيشن جي ڪمي آهي، رڳو روڊ بلاڪ ڪرڻ دوڪان بند ڪرائڻ مسئلي جو حل ناهي. شايد واپاري مسئلن جي نوعيت کان آگاهه ناهن، تڏهن ته هو موٽ نه پيا ڏين.’’

قاصر ڪجهه گهڙيون وقاص جي ڳالهه تي سوچڻ کان پوءِ وراڻيو.

’’يار تنهنجي ڳالهه ۾ پنهنجي جڳهه تي وزن ته آهي، پر هي دور تيز آهي. چوويهه ڪلاڪ ٽي وي تي وينا طوطا ٻولين...اسان ٻڌون ٿا، واپاري چونه ٻڌندا هوندا؟”

هي ٿورو اڳيان وڌيا اتان ڪارڪن نعرا هڻي لنگهي ويا هئا، ۽ اُتي دوڪاندارن ڪاروبار کولي ڇڏيو هو. هنن وڏي وجي هڪ دوڪاندار کي چيو

''سيٺ سڄو شهر بند آهي، پوءِ بہ تو دوڪان کولي ڇڏيو آهي''

دوڪاندار جذباتي ٿيندي وراڻيو

''اڙي ابا شهر جي انهن چئن پتي خور لوفرن مان اڇي قاتا آهيون. ڳالهہ ڳالهہ تي دوڪان بند، اهي سڀ بيروزگار انهن کي ڪهڙي خبر تہ هڪ ڪلاڪ دوڪان بند رکڻ سان ڪيترو نقصان ٿئي ٿو.''

هنن دوڪاندار سان وڌيڪ ڳالهائڻ مناسب نہ سمجهيو. هيٺ لهي آيا، وقاص چيو

''ٻڌئي هن قوم جا شاعر! اها آهي سوچ. . .تون ئي ٻڌاءِ هن هڙتال جو ڪارج ڇا ٿيندو. جيڪي ماڻهو ذاتي مفاد جي ڪلاڪ ڪلاڪ جو حساب ڪتاب رکن ٿا، سي ڇا ديس جي اجتماعي مسئلن تي اٿندا؟''

وقاص مايوس ٿي ويو. ٿورو اڳيان آيا تہ هڪ جهوپڙا هوٽل کليل هئي. جنهن تي ماڻهن جا هجوم وينا هئا، ائين لڳو پي تہ هنن جو هڙتال جي طرف ڪوبہ ڪن نہ هو. ٿڪ ۽ هوڪرا لڳا پيا هئا. وقاص هوٽل جي ناد مان پاڻي جو گلاس اوتيندي هوٽل جي مالڪ کان پڇيو

''چاچا اها خبر اٿئو اڄ شهر ۾ ڪهڙي مسئلي تي هڙتال ٿي آهي.؟''

هوٽل جي مالڪ لاتعلقي واري انداز ۾ چيو

''ابا ڪهڙي خبر! ڪلهہ آيا هئا، چيائون پي سڀاڻي ڪاروبار بند رکجو.''

قاصر اچرج مان پڇيو

''چو چاچا هنن ٻڌايو ڪونہ تہ دوڪان ڇاجي ڪري بند رکجو!؟''

هوٽل واري بيزارگيءَ مان وراڻيو

''ها ابا ڪجهہ چيائون تہ پي، پر مون ڪن ڪونہ ڌنو. هڙتالن مان ملي ڇا ٿو عام ماڻهو جو نقصان.....مٿي سڀ گڏيا وينا آهن.؟''

هوٽل جو مالڪ اهو چئي گراهڪ کان پئسا وٺڻ لڳو هي ٻاهر نڪري آيا .

وقاص چيو

''يار هنن ماڻهن مان واقع هاڻي مزاحمتي روح موڪلائي ويو آهي. پي ڳالهہ تہ هي عدم اعتماد جو بہ شڪار آهن، جنهن جون ذميوار سياسي ڌريون آهن. جيڪڏهن ماڻهن جي درست طريقي سان سياسي ۽ سماجي تربيت ٿئي، تہ هو هر شيءَ ۾ ذاتي دلچسپي وٺندا پي صورت ۾ هي حال.''

وقاص پراعتماد لهجي مان وراڻيو

''قاصر ڳالهہ تنهنجي صحيح آهي، ماڻهو جيستائين پنهنجي مسئلن جي بنياد کان آگاهہ نہ هوندا. تيستائين هو ان جي حل لاءِ سنجيده ڪيئن ٿيندا.؟ هن نوعيت جو احتجاج پلي ميڊيا تي هاءِ لائيٽ ٿئي، ذميوار ڌر تي پريشر بہ پوي...پر ان عمل سان اسان پنهنجا ماڻهو پنهنجي خلاف ڪري رهيا

آهيون. ان جي باقائدي پلاننگ ٿئي، سيني اسٽيڪ هولڊرز کي پوري ڄاڻ ڏئي کين اعتماد ۾ وٺجي. پوءِ ڏس تہ نتيجا ڇا ٿا ملن.''

قاصر سندس ڳالهہ تي حامي ڀريندي وراڻيو

''بلڪل صحيح يار، هنن کي تہ ڪارڪنن کلهہ ٻڌايو تہ سياڻي دوڪان بند رکجو. سبب بہ واضح ناهي، پوءِ نتيجي ۾ اهي منهن ماريون.....جهيڙا جهتا.''

هي شهر جو گشت ڪندي مين روڊ تي آيا، جتي مظاهرين ڊرٽو هٽي ويهي رهيا هئا. ڪجهہ صحافي ۽ شهري پڻ وينل هئا، روڊ تي ٽريفڪ جام ٿي رهي هئي .ڪنهن ڪنهن گاڏي واري سان هنن جي منهن ماري بہ ٿي رهي هئي. گرميءَ سبب گاڏين ۾ موجود ماڻهن جا چهرا خراب ٿي رهيا هئا، پر هو هنن جي اڳيان بيوس نظر اچي رهيا هئا. نفسانفسي ٿهلجي رهي هئي، پنهنجي منهن ماڻهو هنن جي حوالي سان گهڻو ڪجهہ چئي رهيا هئا. اهو سڀ ڏسي وقاص افسوس ۽ ڪاوڙ مان چيو

''جڏهن بہ بنا رٿابندي جي ڪم ٿيندا آهن، تہ انهن جا نتيجا هميشہ ڀلا نه ڪرندا آهن. اڄ جنهن جڳهہ تي همدرديون ملڻ گهرجن ها، تنهن جڳهہ تي مخالفت پيدا ٿي رهي آهي.''

قاصر ڌيرج مان وراڻيو

''يار مون کي تہ هن سڄي صورت الحال جا ذميوار پاڻ ئي نظر پيا اچون .''

وقاص حيرت مان اکيون ڦاڙيندي پڇيو

''پاڻ ڇا ڪيو آهي!؟

'' قاصر جي چهري تي مايوسي جا آثار چٽا نظر پئي آيا، ڏکارو ڏکارو محسوس ٿي رهيو هو. شڪستہ لهجي ۾ وراڻيائين

''اهو ئي تہ ڏوهہ آهي، اسان ڪجهہ نہ ڪري رهيا آهيون. هي ويچارا عام ڪارڪن جيڪي سياسي تربيت کان بہ محروم آهن. سي ڇا ماڻهن جا ذهن تبديل ڪندا !؟ آئون ادب جو شاگرد، ۽ تون انٿروپولاجسٽ. پر اسان مصلحت پسنديءَ جو شڪار آهيون. سڀ ڪجهہ خراب ڏسي بہ مخالفت جي خوف کان ان کي "سڀ ڪجهہ ٺيڪ آهي...." تسليم ڪري وڏو قومي ڏوهہ ڪري رهيا آهيون. اسان عام ماڻهن جيان هِن هُن جا تبصرا ٻڌي تنقيد تہ ڪري رهيا آهيون، پر پنهنجو ڪوبہ ڪردار ادا نہ ڪري رهيا آهيون. جيڪڏهن اسان تبديليءَ جي آس رکون ٿا، تہ اسان کي پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. ٻي صورت ۾ هن قسم جون حالتون ڏسڻيون پونديون، جن ۾ عام ماڻهو پنهنجن مسئلن کان ئي بي خبر نظر اچي رهيا آهن''

هو ڳالهائڻ وقت ڪنهن بہ ڪامريڊ کان گهٽ نظر نہ اچي رهيو هو. وقاص کي سندس ڳالهہ دل سان لڳي.

ايتري ۾ هڙتال ڪرائيندڙن جي اڳواڻ کي ڪا ڪال آئي. فون تي ڳالهائڻ ڪانپوءِ هن مظاهرن کي آگاهي ڏني

''ڌرڻو ختم ڪريو سرڪار اسان جا مطالبا مڃي ورتا آهن.'' مظاهرين نعريبازي ڪندي جيت جو جشن ملهائڻ لڳا. وقاص وراڻيو ''خير هي ته ڪامياب ويا''

قاصر افسوس ڪندي وراڻيو

''هيءَ ڪاميابي ناهي يار هي ڪنهن به وڏي بيماري جو وقتي علاج سمجهه. علاج بند ٿيندو ته پيهر بيماري ظاهر ٿيندي.ائين سمجهه ان سان مرض اڃا به خطرناڪ حالت اختيار ڪري رهيو آهي. حل اهو آهي ته ان جو صحيح ۽ مڪمل علاج ڪجي، ۽ اهو آهي ماڻهن ڪي جاڳائڻ. منجهن مسئلن بابت احساسِ ذميواري پيدا ڪرڻ.....هي سڀ تماشا آهن، ۽ اسين تماشائي''

مظاهرين خوشيءَ ۾ جهومندي روانا ٿي ويا، ماڻهو به پنهنجي پنهنجي ڪمن ۾ لڳي ويا. وقاص ۽ قاصر صورت الحال جو اصل ذميوار پاڻ کي سمجهي رهيا هئا.

***

# ڪُرسي

اڄ ننڍڙي ياسر هڪ سوال ڪري مون کي منجهائي ڇڏيو هو. ڇاڪاڻ ھن جي اڃا ايڏي عمر ئي نه هئي، جو وڏيون ڳالهيون ڪري، نه ته هتي اڪثر وڏن جي واتن مان ننڍيون ڳالهيون نڪرنديون آهن. پر ڪنهن ننڍي جي وات مان وڏي ڳالهه نڪري، اها منهنجي لاءِ واقعي وڏي ڳالهه هئي .آءٌ پيڻ جي گهر پيرو پيڇڻ آيو هوس، سندس پٽ ياسر اسان سيني جو لاڏلو آهي.

پيڻ چانهه تيار ڪرڻ وئي هئي، تيستائين مون فيس بوڪ استعمال پي ڪيو .ايتري ۾ ياسر اسڪول مان موٽيو بيگ رکي سڌو مون وٽ آيو. سنجيدگيءَ مان چيائين

’’ماما ماما ڪرسيون ڳالهائينديون آهن!‘‘

آءٌ سوچ ۾ پئجي ويس، ته هن کي ڪهڙي ورندي ڏيان. اڃا سوچي رهيو هوس، تيستائين هن پيهر ڳالهه اڳيان وڌائي

’’ماما ماما اڄ سائينءَ ٻڌايو ته ڪرسيون به ڳالهائينديون آهن!‘‘

مونکي ڪتا سمجهه ۾ اچي وئي، هن اهڙو ذڪر اسڪول مان ٻڌو هو.

’’ها ياسر! سائين ته برابر صحيح چيو آهي.‘‘

پر هو مطمئن نه ٿيو ڪجهه ته هو جيڪو هن پڇڻ ٿي چاهيو. پر اڃا سندس ذهن ۾ سوال نه جڙي رهيو هو. مون فيس بوڪ جي جهان ۾ جهاتي پاتي، تيستائين هن سوچي پڇيو

’’ماما، سائينءَ چيو ڪي ڪرسيون خراب به ڳالهائينديون آهن.‘‘

مون هڪ دوست سان فيس بوڪ تي چيٽ شروع ڪري ڇڏي هئي. سوچيم ته ياسر کي مٿي ۾ ڪا اهڙي ڳالهه هٽان جو هو اُن ۾ لڳي وڃي. ڪيس چيم

’’ياسر هڪ ڳالهه ٻڌ. ڪرسين ويچارين کي نه وات نه زبان. پوءِ ڪيئن ڳالهائينديون. سائينءَ مڙئي اوهان کي سمجهاڻي ڏني هوندي.‘‘

هن نڙڪ ورندي ڏيندي مون واري ارادي تي پاڻي وجهي ڇڏيو

’’نه نه ماما! ائين نه. سائينءَ ٻڌايو هو ته اصل ۾ ڪرسيون ماڻهن جي زباني ڳالهائينديون آهن. پر ماما مون ته ڪڏهن اهڙي ڪرسي نه ڏني آهي، جيڪا خراب ڳالهائيندي هجي.‘‘

ياسر اڃا پنجين ڪلاس ۾ پڙهي ٿو پر هو غير معمولي ٻار آهي. ڪافي پيرا مون هن ۾ هڪ خاص ڳالهه ڏٺي آهي. هو جيڪو به ٻڌندو آهي، ڪيس ياد ٿي ويندو آهي. ٽي وي تي “طارق معمتا ڪا اُلٽا چشما” سندس پسنديده ڊرامو آهي. پر جڏهن گهر ۾ پٽس چينل بدلائي خبرون لڳائيندو آهي، ته هو پهرين چپ ڪري ويهي پٽس سان گڏ خبرون ٻڌندو آهي. پين ٻارن جيان گوڙ شور ڪونه ڪندو آهي. پر بعد ۾ سڄو ڏينهن پٽس جي منهن تي ٻڌل خبرون پيو ورجائيندو آهي. اهو ئي هن جي ڪاوڙ جي اظهار جو نرالو نمونو آهي، پوءِ پٽس ڪيس پرچائڻ جو سانيو ڪندو آهي.

اڄ بہ هن جيڪو ڪجھ اسڪول ۾ پڙهو هو سو ڪيس ياد ٿي ويو هو. هن ڳالھ اڳيان وڌائي وري پڇيو
''ماما پوءِ اُهي ڪهڙا ماڻهو هوندا آهن. جن جي زباني ڪرسيون خراب ڳالهائينديون آهن.؟''
مونکي تہ هن جڏهن امتحان ۾ وجهي ڇڏيو هو. بنا سوچڻ جي ئي چئي ڏنومانس
''ياسر پٽ اهي ڪرسيون وڏن ماڻهن جون هونديون آهن.'' ڪجھ گھڙيون چپ رهيو. سمجهيم هاڻي منهنجي جان ڇٽي. پر وري پڇيائين
''وڏن ماڻهن جون ڪرسيون. پوءِ ماما نانا جي ڪرسيءَ ڪڏهن خراب ناهي ڳالهايو. پلا اُن کان بہ ڪو وڏو ٻيو هوندو. هو تہ ايڏو وڏو آهي، جو لٺ تي ٽو هلي. پوءِ انهيءَ جي ڪرسيءَ ڇو ڪڏهن خراب ناهي ڳالهايو.؟''
''ياسر! نانين واري ڪرسي پڳل آهي، اُهي ڪرسيون ٻيون هونديون آهن''
هو وري بہ مطمئن نہ ٿيو پڇيائين
''ٻيون ڪهڙيون ڪرسيون! سائين بہ ڪرسي تي ويهي اسان کي سٺيون سٺيون ڳالهيون ٻڌائيندو آهي. هن کان بہ ڪڏهن ڪرسيءَ غلط ناهي ڳالهارايو.''
''ياسر سائين بہ اسان جيان شريف ماڻهو آهي، ٻيون ڪرسيون پاور رکن ٿيون...!''
''اڙي واھ پاور! يعني بجلي، ماما اڄ پاڻ بہ نانا جي ڪرسيءَ ۾ بجلي جو وائر لڳائينداسين. پاڻ کي بہ خبر پوي نانا ڪيئن ٿو پاور ۾ ڳالهائي.''
مونکي کل ڇڏائي وئي، اڄ تہ آءٌ بہ هن سان پار تي ٻيهي رهيو هئس. هاڻي آءٌ هن کي ڪيئن سمجهايان تہ پٽ اهو پاور جيڪو ماڻهو کان غلط ڪرائيندو ۽ غلط ڳالهرائيندو آهي. سو بجليءَ کان بہ وڌيڪ خطرناڪ هوندو آهي. بجلي کان تہ ماڻهو احتياط ڪري بچي سگھي ٿو پر ان پاور کان بچڻ ڏکيو هوندو آهي.
هو اڄا بہ منهنجي سامهون ويٺو هيو. ڪجھ پڇڻ تي چاهيائين. پر ڪيس هاڻي ڪجھ سمجھ ۾ نہ پي آهيو ۽ آءٌ سندس مونجهارو ختم ڪرڻ ۾ ناڪام پئي ويس. هو وڌيڪ سوالن ۾ الجهندو ويو. موبائل تي فيس بوڪ آن هيو. رفريش ڪيم تہ عاصم جو لکيل اسٽيٽس سامهون آيو عاصم جنهن ڪيترو ئي وقت مون سان گڏ مختلف اين جي اوز ۾ ڪم ڪيو. هو منهنجو ويجهو ساٿي هو تنهن لکيو هو
''سڀني دوستن ۽ مائٽن جي دعا سان مون کي ميرٽ تي فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ جو آرڊر ملي ويو.''
مون جيئن هن جو اسٽيٽس پڙهيو. خوشيءَ ۾ جهومڻ لڳس. جڻ هو نہ پر آءٌ مختيارڪار ٿيو هجان. فيس بوڪ تي ڪيس مبارڪ ڏيڻ کانپوءِ مون گرم جوشيءَ مان موبائل تي هن جو نمبر ڊائل ڪيو. هن ڪال اٽينڊ ڪئي
''هيلو السلام عليڪم.''
'' يار عاصم توکي لک لک وڌايون''

’’جي وعليڪم السلام. مهرباني.‘‘

هن جي آواز ۾ ڪا بہ ڪشش يا گرم جوشي محسوس نہ ٿي،جيتري منهنجي آواز ۾ هئي. اهو پهريون ڀيرو مون محسوس ڪيو هو نہ تہ هو منهنجو هُجاتي يار هو. اسان هڪٻئي سان مذاق ۾ گهٽ نہ ڪندا هئاسين .هاڻي مون پاڻ سنڀالي ڳالهايو

’’ڇا توهان منهنجو آواز ڪونہ سڃاتو.؟‘‘

منهنجي ڳالهائڻ ۾ بہ تون جي بدران توهان اچي ويو هو. هن وراڻيو

’’نہ‘‘

ڪجهه سيڪنڊ بہ ڪال تي رهي هن سان ڳالهائڻ مون لاءِ ممڪن نہ رهيو هو. عاصم جنهن سان ڪافي ڀيرا مون مختلف نمبرز تان ڳالهايو هو پر هو مونکي آواز مان سڃاڻي وٺندو هو. آواز تہ پري جي ڳالهہ هو تہ منهنجا ٺهڪ بہ سڃاڻي وٺندو هو. سو اچ ائين اوپرو ٿي ويو

’’ماما! وريءَ ڪنهن ڪرسيءَ ڳالهايو ڇا.‘‘

ياسر منهنجي چهري جي پريشاني پڙهي ورتي هئي، سندس سوال سان منهنجي خيالن مان موٽ ٿي

’’ها پٽ ڪرسيءَ ڳالهايو...حيثيت ڳالهايو عهدي ڳالهايو اسان وٽ ماڻهو گهٽ ڪرسيون وڌيڪ ڳالهائينديون آهن...‘‘

***

# پرَ ڪٽيل پکيئڙو

هن پڇيو
”تنهنجوءِ منهنجو ناتو ڪهڙو آهي.؟“
مون چيس
”جيڪو اُڃ جو پاڻيءَ سان هوندو آهي.“
چيائين
”هل ڪوڙ اجا بہ ٻُڌاءِ.“
مون وڏيڪ چيو
”جيڪو ٻج جو ڌرتيءَ سان هوندو آهي.“
هن پڇيو
”اجا بہ ٻڌاءِ.“
مون وراڻيو
”جيڪو پکين جو وڻن سان هوندو آهي“
هن پڇيو
”اُهو وري ڪيئن..؟“
مون پنهنجو ڪنڌ هن جي گوڏي تي رکي وراڻيو
”جيئن پکين جي وڻ پناهہ گاهہ هوندا آهن، تيئن ئي تنهنجا زلف مون لاءِ تتيءَ ۾ ڇانورو هوندا آهن.“

هن پنهنجن وارن ۾ منهنجو منهن لڪائي ڇڏيو. سندس ڇپڙا منهنجي منهن تي ڪجهہ ڳولي رهيا هئا. ڪجهہ گهڙين ڪانپوءِ هن وار هٽايا، ائين لڳو ڄڻ منهنجي ڇپن تان ڪنهن آب حيات جو پيالو ورايو هيو. پڇيائين

”تنهنجا جواب ايترا غير روايتي ڇو هوندا آهن.؟“
چيومانس
”جڏهن تنهنجي پير ۾ هوندو آهيان، تڏهن منهنجي ذات جي پکيئڙي جا ڪٽيل پرَ، ڪيس واپس لڳي ويندا آهن. پوءِ جيڪو ڪجهہ ڳالهائيندو آهيان. سو مونکان ڪا ٻي طاقت ڳالهرائيندي پئي آهي.“ هن مرڪندي چيو

’’منهنجي تعريف ڪر‘‘
مون انڪار ڪندي وراڻيو
’’مون ڪان ڪو نہ ٿيندي‘‘
هن جي چهري تي وڏيڪ ناز رقصان ٿيڻ لڳو هوڏ مان چيائين
”پوءِ تنهنجي اها ذات ڪهڙي ڪم جي، جنهن ۾ توڪان منهنجي تعريف نہ ٿئي.‘‘
مون ڏيرج مان وراڻيو
’’منهنجو هر ٻول تنهنجي خوبصورتي جو گواهه آهي، منهنجي روحاني قوت جي ڏيئي جو تون تيل آهين. تون ئي منهنجي سوجهرن جي سفر جو بنياد آهين. منهنجي خيال ۾ اهڙي سچ ڪي تعريف جي ڪابہ ضرورت ناهي.‘‘
هن چيو
’’تڏهن بہ.‘‘
مون چيس
’’تنهنجا نيڻ حيا جا حوالا آهن، تنهنجي مرڪ ۾ نئين چاول ٻار جي معصوميت آهي‘‘
هن مونکي روڪيندي چيو
’’بس بس‘‘
مون پڇيو
’’چو چا ٿيو تعريف نہ وڻين چا.؟
هن وراڻيو
’’وڻين ٿيون منهنجي اڄ ڏينهن تائين ڪنهن بہ ايتري تعريف نہ ڪئي آهي‘‘
چيومانس
’’تہ پوءِ پڪ سمجهہ، اڄ تائين توکي مونکان سواءِ ڪنهن چاهيو ئي ناهي‘‘
هن وراڻيو
’’ها شايد، پر هاڻي.‘‘
هوءَ ڪجهہ چوندي چوندي رڪجي وئي، مون عاجزي سان چيو
’’هڪ گذارش آهي.‘‘
هن ٿهہ پهہ وراڻيو
’’مونکي چڏي نہ وڃجانءِ.... جهڙي روايتي ڳالهہ نہ ڪجانءِ.‘‘
خبر ناهي ڪيئن هن منهنجي التجا ٻڌڻ کان اڳ ۾ سمجهي ورتي هئي. مون چيو
’’نہ نہ! گذارش اها آهي تہ تنهنجي ڪري منهنجي ذات جي پڪيئڙي ڪي اڄ جيڪي پر مليا آهن، تن جي توکي پارت آهي‘‘
هن ڪجهہ سوچي پڇيو

‘‘ڪٿي اهو پڪيئڙو توکي مون ڪان پري تہ نہ ڪٺي ويندو.؟” چيومانس

‘‘نہ...جي ڪٺي بہ ويو تہ انهيءَ جو سبب غير روايتي هوندو.’’

هن چيو

‘‘مطلب تہ ائين ٿي سگهي ٿو. منهنجي زندگيءَ ۾ تمام گهٽ اهڙا امڪان رهيا آهن. جيڪي نہ ٿيا هجن. هي پکي منهنجو دشمن آهي، مان هن کي پر نٿي ڏئي سگهان.’’

هن شايد مستقبل جو چهرو ڏسي ورتو هو ۽ موتي وئي. مون وٽ مون جيان ذات جو پر ڪٽيل پکيئڙو جي رهيو آهي.

***

# سبجي ويل چَپَ

سيما وڏي ياءُ جواد جي اڳيان چانهه جو ڪپ رکي، سامهون واري ڪرسيءَ تي ويهندي چهري تي اطمينان واري مرڪ مرڪندي چيو

''ادا مون کي هڪ نوڪريءَ جي آفر ٿي آهي، جيڪڏهن توهان اجازت ڏيو ته ڪريان.''

جواد اخبار مان اکيون ڪڍي پيٽس ڏانهن نهاريندي پڇيو ''نوڪري، پر ڪٿي؟ ڏسجان سيما ٽيچنگ ڪانسواءِ ٻي ڪنهن به نوڪري جي آئون اجازت نه ڏيندس''

سيما جي چهري تان مرڪ اُڏي وئي، پاڙس سندس پريشان چهرو پڙهندي ڌيرج سان ورائيو

''ڏس ادي! ماحول خراب لڳو پيو آهي، ادارن ۾ اهي اکين وارا ماڻهو ڪونه رهيا آهن.....اسڪول وري به ٺيڪ آهي''

سيما جي چهري تان اميد جون لڪيرون گم ٿي ويون هيون. بيزارگيءَ ۽ مايوسي جا تاثر چڙهي رهي هئي، ٻي ڳالهه ته سندس اظهار ڪان پهريان ئي جواد جڻ چپن تي ماٺ جو تالو هڻي ڇڏيو هو. هن ائين پي محسوس ڪيو ته جڻ هن اڳ ڪيترائي پيرا جواد جو اعتماد ٽوڙيو هجي. جو هو ڪيس اڳوات خبردار ڪري رهيو هو. جواد پيهر پڇيس ''ادي ٻڌاءِ ته سهي، ڪٿي جاب آهي....؟''

''بس ادا رهڻ ڏيو مون چاهيو پي ته منهنجي نوڪري ڪرڻ سان توهان تان ڪجهه بوجهه گهٽجي پوندو. مهوش جو ڏاج به ڪري وٺنديس، چاڪاڻ توهان جي آمدني ته گهر جي خرچ ۾ پوري ٿيو وڃي.'' هن اهو سڀ پروسي سان چئي ڏنو. پاڙس وراڻيو

''اهو ته ٺيڪ آهي. پر جاب ڪٿي آهي.؟''

سيما رکي رکي آهستگيءَ سان چيو

''ادا...ادا...هڪ اين جي او آهي، ان ۾ هڪ سهيلي به ڪم ڪري ٿي.''

جواد جو چهرو ڳاڙهو ٿي ويو، لهجي ۾ شعلا لهي آيس. جذباتي ٿيندي چيائين

''چپ ڪر ادي! چري ته ناهين، مونکي ايترو بي عزت سمجهيو اٿئي ڇا...جو اين جي او ۾ ڪم ڪندينءَ؟''

سيما جي جي اکين جا بند ٽٽي پيا، احتجاجي لهجي ۾ چيائين

"ادا هي تون ڇا پيو چوين....!؟ ڇا آئون ايتري ڪِريل آهيان جو توهانجي عزت خراب''

سيما ڪان اڳيان ڳالهائڻ نه ٿيو سندس اکڙيون پاڻي ٿي ويون هيون. لڙڪ موتين جيان سندس گلابي رنگت واري چهري تان هيٺ ڪرڻ لڳا. جواد ڳالهائڻ ۾ نرمي آڻيندي چيو

''ادي ڏس، ياڻرن جي لڄ پيٽن جي پوتي ۾ هوندي آهي، مونکي توتي يقين آهي پر.!؟''

سيما شڪي نظرن سان جواد جي ڳالهه ڪٽيندي روئڻهارڪي لهجي ۾ پڇيو

"پر ڇا ادا .؟"
جواد ڏيرج مان وراڻيو
''پيڻ اين جي اوز جو ماحول ڏاڍو خراب هوندو آهي. انهيءَ ۾ شريف ڇوڪري جي عزت جو بچڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. خبر اٿئي هڪ عام ڇوڪري پنهنجي سپروائيزر کان ويندي پروجيڪٽ آفيسر تائين بليڪ ميل ٿيندي آهي. آئون نٿو چاهيان....''
هو ڪجھ اهڙي انداز سان سيما کي خبردار ڪري رهيو هيو جڻ هوءَ ڪن خوني جانورن کي پاڻ سونپي رهي هئي. هن دل جو دل ۾ نوڪري ڪرڻ وارو ارادو ختم ڪري ڇڏيو. جواد گهر ۾ ٻن ڀينرن جو اڪيلو ۽ ننڍو ڀاءُ هو سندن ماءُ هنن جي ٻاروتڻ واري وهيءَ ۾ انتقال ڪري ويئي هئي. باقي سندن پيءُ هنن کي سنڀالڻ ۾ ڪا ڪمي نہ ڇڏي. تنهي ٻارڙن کي پڙهائڻ لاءِ بہ وڏا ڪشالا ڪاٽيائين. اهو بہ ٻہ سال پهريان وفات ڪري ويو.
هاڻي گهر جو ڪاروهنوار جواد جي ذمي هو. پاڻ شهر ۾ سگريٽ ڪمپنيءَ جو سيلزمين هو سندس ڪمائيءَ مان مشڪل سان گهر جو خرچ پورو ٿيندو هو. انهيءَ ۾ سندس مدد جو سوچي سيما سهيلين تي نوڪري جو بار رکيو هو. هاڻي جڏهن آفر ٿيس تہ سندس اندر ۾ هڪ اميد پيدا ٿي هئي. تنهن تي جواد جي سوچ پاڻي ڦيري ڇڏيو هو.
جواد ڇانھ پي رهيو هو تہ کيس ڪال آئي. اٽينڊ ڪيائين "هيلو جواد, هڪ گُڊ نيوز آهي."
فون تي سندس پريميڪا سحر هئي, سحر سان هن جي ملاقات مڪليءَ تي ٿي هئي. هنن اتي پهرين اکين کي اکين سان چاهت جا سنيها اربيا هئا, پوءِ سحر اڳڀرائي ڪري اچي هن سان اتي ڪنهن ڪنڊ ۾ حال احوال ڪيا هئا. ائين ئي هنن جو رشتو جڙي پيو هو جواد جي ڳالهائڻ جي انداز تي هوءَ وڏيڪ موهت ٿي پئي هئي, ۽ هوءَ جواد کي روشن خيال سمجهي ڏينهن و ڏينهن هن جي ويجهو ايندي رهي. ڇاڪاڻ سحر جو تعلق پڙهيل لکيل گهر سان هو سندس ڀاءُ وڪيل ۽ پيءُ ڪاروباري ماڻهو هو.
جواد ڪپ رکندي پڇيو
''چو خير تہ آهي سحر, ڪهڙي گڊ نيوز.؟"
سحر وراڻيو
''ها سڀ خير آهي, اصل ۾ ادا منهنجي جاب لڳرائي آهي. سندس دوست جي ڪا اين جي او آهي.''

جواد جو مٿو ڦرڻ لڳو
''تون اين جي او ۾ جاب''
سيما کي سامهون ويٺل ڏسي رڪجي ويو.
''ها يار! مون تہ ادا کي جام منع ڪئي, ڪير ٿو ان جهنجٽ ۾ پوي. بس ابو بہ ادا جي پاسي سو........هو چون ٿا گهر ۾ ويهي پنهنجا اسڪلز ضايع نہ ڪر ....''

جواد جا چپ سُبجي ويا هئا، پر سحر ڳالهائي رهي هئي. هو سامهون ويٺل پنهنجي پيڻ سان اکيون ملائي نہ پئي سگهيو.

***

# ايج ڊفرنس

“بابا بابا مون کي اسڪول ڇڏي اچ.”

جمال جي ڇاتيءَ تي جڻ عديل جي ڳالهه ٿڌي پاڻيءَ جا ڇنڊا هنيا. جنهن جو سبب اهو هو ته عديل جنهن جي اسڪول نه وڃڻ واري ضد تي هن جو ڪوبه وس نه هليو هو ۽ عديل مارڪٽ، دڙڪا ۽ گاريون سهسائي ڍاڍو ٿي ويو هو. آخر جمال کيس ڇوڙڻ ڇڏي ڏنو. پر عديل جو استاد اسلم جتي به جمال کي ملندو هو ته کيس سختيءَ سان عديل کي اسڪول موڪلڻ لاءِ چوندو هو. جمال ها ۾ ها ملائي هليو ايندو هو .عديل جيڪو ستين ڪلاس تائين پڙهائيءَ ۾ سڀني کان اڳيان اڳيان هو ۽ اٺين ڪلاس ۾ سندس پير اسڪول وڃڻ کان ڇو سست ٿي ويا.؟انهيءَ جو سبب نه ڪلي طرح عديل ٻڌايو نه ئي انهيءَ جي گهرائيءَ ۾ وڃي سوچڻ جي صلاحيت جمال ۾ هئي. بس عديل گسائيندو هو جمال کيس بي عزتو ڪري ڊورن جيان ڪٽيندو هو ۽ سائين اسلم کيس اسڪول موڪلڻ لاءِ جمال تي زور پريندو هو. بظاهر ڪهاڻي ايتري ئي هئي .پر عديل نه ويو سو نه ويو ۽ انهيءَ ڳالهه کي چار سال گذري ويا.

هاڻي جڏهن هو ڪجهه وڌيڪ سمجهه پريو ٿيو ۽ سندس خوبصورت چهري تي مُڇيون ظاهر ٿيڻ لڳيون، تڏهن اچ هن پٽس کي اسڪول ڇڏي اچڻ لاءِ چيو.

ٻي ڏينهن جمال هن کي سوير اسڪول ڇڏڻ ويو. هيڊماستر سان انهيءَ معاملي تي ڳالهايائين، پهريان ته هيڊ ماستر عديل جي مسلسل اسڪول کان غير حاضر رهڻ جو جواز ڏئي کيس ٻيهر اٺين ڪلاس ۾ داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. پر پوءِ کيس ترس آيو ۽ هن اٺين ڪلاس جي استاد سائين اسلم کي گهرايو اسلم جڏهن آفيس ۾ آيو ته جمال هن ۾ اميد ۽ پنهنجائپ سان نهاريو. پر هو کيس اوپري نگاهه سان نظر انداز ڪري هيڊماسٽر وٽ وڃي ويهي رهيو.

هيڊ ماستر اسلم سان مخاطب ٿيندي چيو

‘‘سائين اسلمَ! عديل کي ڪلاس ۾ ويهار.’’

اسلم لاپرواهيءَ مان وراڻيو

‘‘هيڊ ماستر صاحب! درويش ته ناهيو هي لوفر پڙهندو ڇا جو هن کي.؟’’

عديل جڻ پنهنجي منهن تي لپاٽ لڳندي پانئي، سندس ڳورو چهرو ڳاڙهو ٿي ويو. جمال منٿ ڪئي

‘‘سائين مهرباني ڪريو. توهان ئي ته چوندا هئا ته هن کي اسڪول موڪليو ۽ هاڻي’’

اسلم عديل ڏانهن ڪاوڙ ۾ ڏسندي ڪڙڪو ڪندي وراڻيو “ها ها چوندو هوس، پر چار سال اڳ....تڏهن هن نه سمجهيو. هاڻي هي وقت وڃائي چڪو آهي !..هيڊ ماستر صاحب ايج ڊفرنس جو مسئلو آهي، هاڻي هي پاڻ کان چار سال ننڍن ٻارن سان گڏ ويهندو ته هو خوف محسوس ڪندا.’’

هيڊ ماستر جي اسلم سان گهڻي ڪانه لڳندي هئي، هنن جو هميشه تڪرار رهندو هو. سياسي اثر سبب اسلم جو هنن تي رعب هو هيڊ ماستر پيهر چيو

”ڏس اسلم صاحب! اهڙو ڪجهه به نه ٿيندو هي ڇوڪرو پڇتاءُ جو شڪار ٿي آيو آهي. مونکي اميد آهي ته هي پڙهندو“

اسلم مغروريءَ مان وراڻيو

”ته پوءِ توهان ئي ڪيس هتي ويهي آفيس ۾ پڙهايو.“

عديل جيڪو ڪيتري ئي دير کان ذلت برداشت ڪري رهيو هو. تنهن چيو

“سائين اسلم! ڪلهه به ايڃ ڊفرنس جو ئي مسئلو هو. جو مون توهان جي دوستيءَ واري آڇ رد ڪندي پنهنجا چار سال ضايع ڪيا. اچ بابا.......!“

عديل ڦڙس سان گڏ روانو ٿي ويو. هيڊماستر نفرت جي نگاهه سان اسلم کي ڏسڻ لڳو.

اسلم کي ڏهين ڪلاس ۾ هڪ ڪلاس فيلو سان ڪيل بدتميزيءَ تي لڳل لپاٽون ڇڻ ٻيهر منهن تي لڳي رهيون هيون.

***

# نَرَجوپٽ

ميلي جي موج ڏسڻ وٽان هئي. ميلي بازار ۾ ماڻهن جي پيهه هئي. ميلي ۾ موجود دڪان سينگاريل نظر اچي رهيا هئا. هوٽلن ۾ منڊلين مان به انڊلٽي رنگ پيئي جرڪيا. موت جي کوهه جي ٻاهران نچڻين پنهنجي ناچ ۾ ناز جي دم سان بيئلن جا پگهر پي ڪڍيا. هنن پنهنجي اُپريل چاتين کي جيئڻ چڪي تاڻيو ٿي، ته تيئن ڳوناڻن تڏا ساهه ڪڍي پنهنجي سيني جي ٻاڦ ٻاهر ٿي ڪڍي. هو ايترا ته هنن ۾ موهه هئا ، جو ڪين جڳ جهان ٻار ٻچا وسري ويا هئا. هڪڙي همراهه ناچڻي ۾ گهوريندي پر ۾ بيٺل همراهه کي چيو

”ابو زائفائون ته هي، پاڻ جي ته عمر مفت ۾ ڪري وئي“

پر ۾ بيٺل همراهه پگهر اگهندي وراڻيو

”سچو آهين ابا، هنن کي ته ڏٺي ئي......ڪهڙيون ٿو خبرون پڇين، ميان ماٺ پلي آهي.! “

”ڪيڏي مهل جو بيٺل آهين.؟“

”لٽي ڪان بيٺو آهيان.“

همراهه ڏانهن هڪ ناچڻيءَ گهور ڪئي، هي اڳيان وڌي ويو. کيسي مان ڏوڪڙ ڪڍي کيس ڏيندي رهيو ۽ هوءَ هڪ هٿ ڳلي تي رکي جهڪي وٺائنس مرڪي پئسا وٺندي رهي. همراهه پئسا ڏيندي ڪوشش پي ڪئي ته ناچڻيءَ جو هٿ سندس هٿ کي ڇُهي، ۽ ان ۾ ڪامياب به پئي ٿيو. جڏهن ته ناچڻيءَ جي جُهڪڻ سان بيٺل سڀ ماڻهو ساڻا ٿئي ٿي ويا. ناچڻيءَ ضرور ڳلي تي هٿ رکيو ٿي، پر سندس چولي جو گلو ويڪرو ۽ چاتي پريل هئي. تنهنڪري هن لاءِ سڀ ڪجهه روڪڻ ممڪن نه هو. بيٺلن ته اهو سڀ چاهيو ٿي .

هونئن به ميلو هڪ اهڙو جنگ هوندو آهي، جتي شڪار ڪندڙ شڪار ٿيندڙ جي مزاج کان واقف هوندو آهي .هو پئسا ڏيندو رهيو ۽ هوءَ وٺندي رهي. جڏهن کيسو خالي محسوس ڪيائين، ته طريقي سان موٽي اچي پنهنجي ساڳي جڳهه تي بيٺو. همراهه پڇيس

”ڪيترو مال لُٽايو اٿئي.؟“

”ٻه هزار.“

هارايل لهجي مان وراڻيائين

”وڏو خفتي آهين، ڪجهه وريو سريو يا سڀ ويو پاڻيءَ ۾. “

”چوري هاڻي پاڻ جي ڏاڳي ۾ آهي، ٻاهر نه ويندي.“

جڻ پاڻ کي دلاسو ڏنائين، هُن چيس

”اڙي ميان فقير، بازار جي منائي آهي. انهيءَ تي گهٽو نه پاڙ ... متان گهر تي ڪانگ نه ويهاري ڇڏيني.“

هن منهن ڦيرائي ڇڏيو ائين ئي موت جي ڪوهه جي ٻاهران هر ٻيو ماڻهو پاڻ کي لُٽائي رهيو هو. رڳو موت جو کوهه نه پر ماڻهن کي ڪُهڻ جون ٻيون به ڪافي اڏيون لڳل هيون. جتي تقريبن هر ماڻهو پنهنجي رضا خوشي سان پاڻ کي ذبح ڪرائڻ لاءِ آيو ٿي، ۽ کيسو خالي ڪري روانو ٿي ويو ٿي.

ميلي جي اهڙيءَ موج ۾، وڏيرو موجن به سنگت سان لٿل هو. ساڻس سندس 14 سالن جو شهزادو پُٽ دلاور به گڏ هو. وڏيراڻو ٻار هو پڙهائي سان ڪو نه لڳندي هيس. پڙهس جيان ميلن ملاکڙن، رڇ ڪُتي جي ويڙهه، ڪڪڙن جي آکاڙن ۾ گهڻو من لڳندو هيس. وڏيرو به سندس اهڙي مزاج ۾ پنهنجي وڏائي محسوس ڪري چوندو هو:

’’ نر جو پٽ آهي ، نر ئي ٿيندو.‘‘

ميلو گهمي ڦري هڪ هوٽل تي اچي ويٺا. هوٽل جي محفل جاري هئي، محفل ۾ ڇوڪرا نچي رهيا هئا. هوٽل ۾ موجود شوقين ڇوڪرن تي پئسا گهوري رهيا هئا. ناچو ڇوڪرن جي پيرن ۾ ڇيرون ٻڌل هيون، جن جي ڪري هنن جي ناچ سان ڇن ڇن پئي ٿي. وڏيرو موجن به ڏاڍو خوش ٿي رهيو هو. هو به خوبصورت ڇوڪرن کي پاڻ ڏانهن سڏي کين پئسا ڏئي ساڻن ريجهي رهيو هيو. انهن جي سحر ۾ کيس پنهنجي پير ۾ وينل پٽ ئي وسري ويو هو.

ڪمدار جي نظر سامهون نچندڙ ڇوڪرن جي ٽولي تي پئي، ته سندس ڪن ئي ڪڙا ٿي ويا. وڏيري کي چيائين:

’’بابل دلاور ته ڏس...!‘‘

وڏيري ڪمدار جي ڳالهه تي پوري طرح توجهه نه ڏنو. چاڪاڻ ته هو ٻن خوبصورت ڇوڪرن کي پنهنجي پير ۾ ويهاري سندس ڳتا پٽيندي مٿن نوٽن جي ورکا ڪرڻ ۾ رڌل هو. جڏهن ڪمدار ٻيهر چيس:

’’بابل انهن کي ڇڏيو دلاور ته ڏسو...‘‘

هن بي خياليءَ منجهان وراڻيو

’’ڪمدار! دلاور نر جوپُٽ آهي، نر ئي ٿيندو ڇڏينس ته پيل موجون ڪري...‘‘

ڪمدار گهبرائيندي وراڻيو:

’’سائين معاف ڪجو پاڻ وارو شهزادو ته ....‘‘

ڪجهه چوندي چوندي رُڪجي ويو.

وڏيري سامهون ڏٺو ته کيس پگهر وني ويو. چاڪاڻ ته دلاور ناچو ڇوڪرن جي ٽولي جي وچ ۾ ڇمريون هڻي رهيو هو. وينل شوقين کيس ٻين ڇوڪرن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ تڪي اشارا ڪري رهيا هئا. ڪمدار وراڻيو:

’’سائين پريشان نه ٿيو... نر جوپُٽ آ.. نر ئي ٿيندو..!‘‘

***

# سرپرائيز

مير صاحب رٽائرڊ پروفيسر هو. درس و تدريس دوران هو ڪالم بہ لکندو هو. تنهنڪري سندس علمي توڙي ادبي فيلڊ ۾ چڱي موچاري سڃاڻپ هئي.

اڄ اڃا ننڊ مان سندس اک نہ کُلي هئي. تيستائين سندس موبائل جي ٽون وڳي ۽ هي سجاڳ ٿي ويو. اکيون مهٽيندي ڪال اٽينڊ ڪيائين تہ آواز آيو

''سر توهانکي مبارڪون.''

هي خير مبارڪ ڪري سوچڻ لڳو

''هي واڌايون ڇا جون هيون.!؟ اڄ نہ عيد نہ هولي... پليو هوندو پڪ سان.''

هي اٿيو، تيار ٿيڻ لڳو تہ ٻيهر ڪيس ڪال آئي. آواز ٻيو ڳالهہ ساڳئي.

''آخر هي سڀ ڇا پيو ٿئي. اڄ تاريخ.....پهرين اپريل. مطلب تہ مون سان ٻيا اپريل فول ملهائين. هون سڀ بيوقوف ۽ واندا......''

هن سان ائين ٿيندو رهيو ڪي ڄاڻ سڃاڻ وارا تہ ڪي اڻڄاڻ هن کي واڌايون ڏيندا رهيا. هي خوش اسلوبيءَ سان کين جواب ڏئي پنهنجي پر ۾ هنن کي بنائي رهيو هو.

منجهند تائين هن کي پنج ڪالز اچي چڪيون هيون. مارڪيٽ ڪان گهر وڃي رهيو هو تہ ڪيس ٻيهر فون ڪال آئي. گرميءَ سبب سندس مزاج ۾ ڪجهہ چڙ پيدا ٿي هئي، ڪال اٽينڊ ڪيائين

''واڌايون سر، توهانجي وڏي حياتي لاءِ دعاگو آهيان''

هن وراڻيو

''مهرباني پٽ، پر توکي حياءُ ڪرڻ گهرجي.''

ڪال تي نوجوان پريشان ٿي ويو

''حياءُ، ڇو سر مون ڇا ڪيو.!؟''

هن جذباتي ٿيندي وراڻيو

''پنهنجي پيءُ جيڏي سان مذاق ڪرڻ توکي زيب ڏي ٿو تہ پلي ڪر. باقي پٽ تون اپريل فول مون سان ڇا ملهائيندين، مون تو جهڙا ڪيئي اُٺ پڙهائي ڇڏيا.''

وش ڪرڻ واري نوجوان کي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي، تنهن چيو

''سر آئون اکين وارو آهيان، توهان منهنجا بزرگ آهيو. مون کي شرم نہ ٿيندو جو توهان سان''

پروفيسر سندس ڳالهہ ڪٽيندي طنزيہ لهجي ۾ وراڻيو

''پوءِ ڇا پٽين جو پيريءَ ۾ پٽ جائو آهي، جو واڌايون پيو ڏين'' نوجوان مسڪرائيندي وراڻيو

''او نو سر، اڄ توهان جو برٿ ڊي. فيس بوڪ تي ''

منهنجو پرٿ ڊي، فيس بوڪ.! او او سوري ينگ مين. ٿينڪ يو.'' پروفيسر کي ڪجھ افسوس ٿيو، سوچڻ لڳو

''پر آئون تہ فيس بوڪ تي ناهيان، پوءِ هي سڀ! پڪ سان مون واري پوٽي خرم جي شرارت آهي. بس گهر پهچان تہ ڪن پٽيانس.''

پروفيسر کي ڪالز تي واڌاين جو سبب ملي ويو. تڪڙو تڪڙو گهر ڏانهن ويو. هن دروازي تي بيل جي بٽڻ تي ڪلڪ ڪيو. نوڪر آيو جيئن دروازو کليو تہ اندران خوشيءَ مان آواز آيا

''هيپي پرٿ ڊي ڊيئر گرانڊ فادر، هيپي برٿ ڊي بيلوڊ ابو''

هن کان سرپرائيز جي خوشيءَ ۾ شڪايت وسري وئي.

***

# دير

اهو منهنجي خيال ۾ به نه هو ته هوءَ  ائين اوچتو منهنجي دل تي ديرو ڄمائي اندر ۾ گهر ٺاهي ويهندي. ساٿس ملڻ، ڪلڻ ۽ هلڻ جو تصور روح مان آرس موڙي اٿندو ۽ منهنجي سوچ مان فقط هن جي تصوير اُپري نڪرندي.  اڄ جيڪا منهنجي حالت هئي، تنهن بابت منهنجي ذهن ۾ ڪڏهن تصور به ڪونه اپريو هو.

ڪٿي دل سندو پکي هن جي نيٽن سندي ڄار ۾ ڦاسي ته نه پيو آهي، نه نه ائين ٿيلا ڪيئن هوندو...مون ته هن کي ڪڏهن پنهنجو مٽ ڀانيو ئي ڪونه هو. هن کي ڏسندي منهنجي دل مان ڏڪار جو احساس نڪرندو هو هوءَ  مونکي ڏٺي ڪونه وڻندي هئي...پر اڄ هي مون سان ڪهڙو لقاءُ ٿي رهيو هو ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه اچي رهي هئي. من جو سُٽ منجهي پيو هو جنهن کي ٺاهڻ منهنجي وس مان نڪري رهيو هو. مسلسل سوچي سوچي منهنجو ذهن سخت دٻاءُ جو شڪار ٿي رهيو هو .ڪجهه وقت ٻهريان جڏهن ٻنيءَ تان ڦيرو ڏئي گهر ڏانهن اچي رهيو هوس، ته هوءَ  ڳوٺ جي پرسان وهندڙ واٽر تان پاڻي ڀري رهي هئي. آئون هن کي ڏٺو اڻ ڏٺو ڪري اڳيان وڃڻ لڳس ته هُن مونکي پويان سڏ ڪيو ‘‘اياز.....اياز’’

مون هن ڏانهن ڪوبه ڌيان ڪونه ڌريو ته هن ٻيهر سڏ ڪيو  “اياز! مونکي گهڙو ته ڪڻائي ڇڏ”

نه چاهيندي به جڏهن هن جي ويجهو وڃي، هن کي گهڙو ڪڻائڻ لڳس، ته هن پنهنجون ڪجليون ڪاريون اکيون مون ۾ کُپائي ڇڏيون. دعائيه انداز ۾ چيائين

‘‘مولا وقت کي ڪو نيئر هڻ، ته آئون پنهنجو ...’’

مون چڙ مان گهڙي مان هٿ ڇڏائي ورتو منهن اٿلائي هليو آيس. هن پويان ڪيئي سڏ ڪيا. پر مون ڪيس ڪنهن به سڏ جو جواب نه ڏنو. هن کي هميشه ائين نظرانداز ڪندو رهندو هئس، منجهس مونکي ترجيتري به تمنا نه هئي. ڇاڪاڻ مونکي ڳوناٺين ڇوڪرين ۾ ڪا به دلچسپي نه هئي.

هونئن ته هوءَ  ڪا ايتري بي ڊولي به نه هئي، پورو پنو قد، گول مهانڊو، ڪاريون اکيون، مٿين چپ جي ساڄي ڇيڙي مٿان تر، اپريل ڇاتي ۽ رنگ ۾ نه گهٽي ڳوري ۽ نه ئي گهٽي ڪاري هئي. مطلب ته هوءَ  پاڻ ۾ ڪنهن کي به بيتاب ڪرڻ جو پورو پورو تاب رکندي هئي، پر منهنجو من هن تي موهت ٿيڻ کان نابري واريو بيٺو هو. پر اڄ مون سان سڀ ڪجهه الڳ الڳ ٿي رهيو هو.

ڪجهه مهينا شهر ۾ نوڪري ڪرڻ ڪانپوءِ ڪلهه جڏهن ڳوٺ آيس ته هوءَ  مون کي ڪٿي به نظر نه آئي، ۽ ائين پئي لڳو جڻ ڳوٺ ۾ مونکي ڪجهه به نظر نه پيو اچي. ڳوٺ جي ٻاڙي ٻاڙي مونکي کائڻ لڳي

رهي هئي. جڏهن هن جي ڪمي ائين محسوس ٿيڻ لڳي، تہ منهنجي اکين جي آڏو هن کي گهڙو ڪٽائڻ وارو منظر ترورا ڏيڻ لڳو.

ڪجهہ وقت اڳ هن جيڪي مون ۾ اکيون ڪُپايون هيون، تن جو اثر اج محسوس ڪري رهيو هوس، ساڳي جڳهہ تي هن سان ڪيل بدسلوڪي تي منهنجو من ندامت جا ڳوڙها ڳارڻ لڳو هو. پر اج هن کي ڏسڻ جي تانگ روح روڙي رهي هئي، ۽ هوءَ لڳاتار گم هئي. فقط هوءَ گم نہ هئي، پر هن سان گڏ آئون بہ گم هيس. جيڪڏهن آئون بابا کي چوان ها تہ هو مون کي زينت جو سڱ ڪاڪا گُلڻ کان وٺي ڏي ها. پر آئون انا جو شڪار هوس، شهر ۾ رهڻ سبب آئون ڳوناٺو مزاج وڃائي ويٺو هوس. هڪ ڀيرو بابا کي چيو هيم

”بابا اسان ڪيترو وقت رڻ ۾ زندگي گذاريندا سين، هلو تہ لڏي هلي شهر ۾ رهون.“

پر هو ڪاوڙ ۾ صفا رت ٿي پيو چيائين

”هي اسانجا اباڻا ڪک آهن، اسان جو راڄ هتي آهي، اسان جا ابا ڏاڏا هتي دفن آهن. تن کي ڇڏي اسان ٻي وطن ڇو وڃون.؟“

تڏهن مونکي بابا تي ڏاڍو افسوس ٿيو هو اها سوچ رُڳو منهنجو بابا نٿو رکي. پر اسان جي تر ۾ رهندڙ اڪثر ڳوناٺا اها ئي سوچ رکن ٿا. هنن کي پنهنجي ڳوٺ کان سواءِ باقي جڳ پرديس لڳندو آهي، اهو ئي سبب آهي جو اسان اج پنهنجي ئي ديس ۾ جڻ پرديسي هجون. پنهنجن ئي شهرن ۾ اسان سان گڏ اوپرائپ سفر ڪندي آهي.رُڳو ايترو نہ پر اسانجي ڳوٺ جي پر ۾ مهاڻن جو قديم ڳوٺ آهي، سندن گذر سفر مڇيءَ مارڻ تي آهي. جڏهن انگريزن جو راڄ هو تڏهن تن کين چيو هو تہ

” اوهان اچو تہ اوهان کي اسان سرڪاري زمينون الاٽ ڪريون، اهي آباد ڪري گذر سفر ڪريو.“

تن همراهن اهو چئي انڪار ڪري ڇڏيو هو

”نہ نہ اسان هن حال ۾ خوش آهيون ، زمينن سان اسان جي ٽنگ ڦڏجي ويندي.“

جڏهن مونکي شهر ۾ نوڪري جي آڇ ٿي هئي، تڏهن مون سان بہ ڪا گهٽ جٽ نہ ٿي هئي. امان کو مون مان هٿ ڪڍي، چوي تہ ”رُکو سُڪو ٽُڪر تڏي جو ڀلو.“

پوءِ ڪيس منٿون ڪري سندس مرشد جو قسم ڏئي اجازت ورتم. تنهن ڪانپوءِ بہ هُن مونکي روئي رڙي روانو ڪيو. جڻ نياڻيءَ کي رخصت ڪري رهي هئي .اهي ئي سبب هئا جو منهنجي ڳوٺ ۾ دل ڪونہ لڳندي هئي. ڪجهہ مهينا اڳ امان چيو هيو

”هڪڙو پُٽ آهين، توکي سڪي پني مرشد کان ورتم. هاڻي تيار ٿي تہ تنهنجي شادي ڪرايان، اميد ڏسان“

امان مونکي راضي ڪرڻ لاءِ گهڻي جذباتي ٿي وئي هئي، پر مون ڪنتار ڪري ڇڏي هئي. هن شايد ڳوٺ ۾ ڪا ڇوڪري پسند ڪئي هئي، پر ڪيس منهنجي ناپسنديگيءَ جو علم نہ هو.

پر اج زينت جي ڪميءَ منهنجي سوچ بدلائي ڇڏي هئي، منهنجي خوابن تي پاڻي وري ويو هو. منهنجي هر احساس تي هوءَ حاوي ٿي وئي هئي .ٻيهر سوچڻ لڳس

آخر هُن وٽ اهڙو ڇا هو جو هن جي ڳوٺ ۾ غيرموجودگي مون کي چريو ڪري رهي آهي. هوءَ ته هڪ اهڙي عام رواجي ڳوناٺي ڇوڪري هئي، جنهن جي خوابن جي دنيا محدود هوندي آهي. جنهن جي سوچ جي دائري ۾ بيوٽي پارلر، ٻاهر ڊنر، ٻاهرين طرز جي شاپنگ مال مان خريداري ڪرڻ نه هوندو آهي. پر هن جي دنياُ گهر ٻار جي سنڀال ۽ ٻني ٻاري جي ڪمن تائين محدود هوندي آهي.اها حقيقت آهي ته ڀهراڙي جون عورتون مردن سان گڏ هر ڪم ۾ پيو وهنديون آهن، پر اڪثر جاين تي ته سڀ ڪم عورتن کي ئي ڪرڻا پوندا آهن. مڙس ته مڇن کي تيل مَکي پيا هوٽلن جا بينچ جهوريندا آهن. هوءَ به هڪ اهڙي ذميوار ڇوڪري هئي. پر اڄ ڪان پهرين مون تي شهري شارٽ لباس پهرڻ وارين ڇوڪرين جو ڀوت سوار هو جن کي هرشيءِ هٿ تري تي ڪپي. تڏهن ته هن کي نظرانداز ڪندو رهيس .آخري ڀيرو مون هن کي تڏهن ڏٺو هو.

جڏهن آءُ ڳوٺان بيگ کڻي شهر واپس وڃي رهيو هوس، ته هن ڊوڙي اچي منهنجي ٻانهن جهلي وراڻيو

’’ايتري بي پرواهي سٺي ڪونهي اياز. وڃڻ کان اڳ موڪلائين ته ها.‘‘

مونکي هن تي تمام گهڻي ڪاوڙ آئي هئي، زور سان پنهنجي ٻانهن ڇڏائي ڪيس چيو هيم

’’جيڪڏهن توکي پنهنجي عزت جو ٿورو به خيال ناهي، ته گهٽ ۾ گهٽ ڪاڪا گلڻ جي لڄ جو احساس ڏار. وڏي ڪا بي حياءَ آهين.‘‘

مون هن کي جڻ لفظن ۾ لهجي سان ڏاڙهيو هو . هن جي نيڻن جا بند ٽٽي پيا هئا. اکين مان لڙڪن لار شروع ٿي ويس ۽ آئون نڪري آيس.

تڏهن ته مونکي هن جو تر جيترو به احساس نه ٿيو هو پر اڄ مونکي پنهنجي رويي تي شرمندگي ٿي رهي آهي. سوچيان پيو ته اڄ منهنجو روح ڪيترو نه بي چين ٿي پيو آهي، ۽ هن جي منهنجي بنا ڇا حالت ٿي هوندي؟ هن پتو ناهي ڪيئن منهنجي ياد جا ڏينهن ٻاري اجهايا هوندا، جيئن اڄ هن جي لاءِ آئون بيوس ٿي پيو آهيان. هن جي ياد جا سلسلا اڻ کٽ ٿي پيا آهن. تيئن ئي هن منهنجي غيرموجودگيءَ ۾ خبر ناهي ڪيئن پاڻ پليو هوندو؟هاڻي ائين لڳي رهيو هو جڻ زينت سان منهنجو جنم جنم جو ناتو هُجي. آءُ به عشق جي اڙانگن پيچرن تي پنڌ پورڻ لڳو هيس.

نيٺ مون اهو طئہ ڪيو ته اجايي سوچڻ کان سٺو آهي ته آئون امان سان ڳالهه ڪريان. ڪيس چوان ته مون کي زينت جو سڱ وٺي ڏي. ڇاڪاڻ منهنجو من هن لاءِ ماندو ٿي پيو هو منهنجي دل هن کي چاهي ويٺي آهي .سڀ سوچون ترڪ ڪري گهر موٽي آيس. امان رلي ناهي رهي هئي، آءُ خاموشي سان اچي سندس پير ۾ ويهي رهيس. هن شايد منهنجي ماٺ مان منهنجي من جي آنڌ مانڌ محسوس ڪري ورتي هئي، تنهن رلي کي ويڙهي هڪ پاسي رکندي مون کان پڇيو

’’پُٽ خير ته آهي، اباڻڪو اباڻڪو پيو لڳين. ڪنهن ڪجهه چيو آهي ڇا.؟‘‘

مون ڏيرج سان وراڻيو

’’امان اهڙو ڪجهه ڪونهي....بس مون هڪ فيصلو ڪيو آهي‘‘

امان شڪي نظرن سان مون ۾ نهاريندي پڇيو

’’فيصلو ڪهڙو فيصلو پُٽ.؟”

مون ڳالهه اڳيان وڌائي

’’امان مون اهو فيصلو ڪيو آهي تہ هاڻي اوهان کي اُميد ڏيکاريان.’’

امان جو چهرو خوشيءَ ۾ ٻهڪي پيو. تنهن جهومندي پڇيو “اڙي واهه پٽ, ڇا تو ڪنوار ڳولي ورتي يا آءُ ڪوشش ڪريان ”

’’ها امان, هوءَ آهي نہ چاچا گلڻ جي ڌيءَ...’’

’’ها ها پٽ هوءَ زينت.’’

امان هن جو نالو ڪڻندي ئي خيالن ۾ گم ٿي وئي, سندس منهن تي پريشاني جون لڪيرون واضح ٿيڻ لڳيون. آئون اهو سڀ ڏسي پريشان ٿيڻ لڳس

’’امان خير تہ آهي, هن جو نالو وٺندي تون ڪيڏانهن گم ٿي وئينءَ. ڇا هوءَ توکي پسند ڪونهي.!؟”

امان وراڻيو

’’نہ ابا اُها ڳالهه ڪونهي. اصل ۾ زينت جو مڱڻو ٿي ويو آهي, ڪجهه ڏينهن کان پنهنجي ٽيڻ واري گهوٽ جي ڳوٺ مائٽن سان گڏ دعوت کائڻ وئي آهي’’

پتو ناهي امان اهو سڀ ايترو آساني سان ڪيئن چئي وئي, سندس انهيءَ ڳالهه ڄڻ مون تي تيزاب هاري وڌو هو. مون تڙپندي وراڻيو

’’زينت جو گهوٽ! امان زينت جو گهوٽ مونکان سواءِ ٻيو ڪوبہ نٿو ٿي سگهي....تون اهو ڇا چئي وئينءَ.؟”

امان وراڻيو

’’پُٽ تون هاڻي انهيءَ خوشفهميءَ ۾ نہ رهو زينت هاڻي ڪنهن ٻي جي امانت...’’

مون امان جي ڳالهه ڪٽيندي وراڻيو

’’ٻي ڪنهن جي امانت! امان هوءَ فقط ۽ فقط منهنجي امانت آهي. زينت جو تہ مڱڻو ئي ٿيو آهي نہ.....مڱڻي کي ڪير ٿو پُڇي. ماٺهو تہ نڪاح ڪريو ڦريو وڃن.’’

امان ڌيرج سان مونکي سمجهائڻ لڳي

’’پٽ جذباتي نہ ٿي....هيءُ ڳوٺ آهي. هتي جيڪا ڇوڪري جنهن جي نالي ٿي وئي, سا تنهن جي ئي رهندي...شهر ۾ انهن ڳالهين جي واقعي اهميت نہ هوندي. پر هتي انهن ڳالهين جي ڪري ماڻهو هڪٻئي جي سسي لاهيندي بہ ڪونہ گُسن...’’

مون امان جي ڳالهه رد ڪندي وراڻيو

’’امان تون شايد مونکي ٻيچاري رهي آهين, توکي شايد خبر ڪونهي زينت بہ مونکان سواءِ مري ويندي.... هوءَ بہ مون سان پيار ڪري ٿي.’’

امان وراڻيو

’’پٽ زينت جي دل تي هاٽي پٿر اچي ويو هوندو. مونکي خبر هئي هن جو توتي راز هو. پر تو هن کي ڪڏهن ماٺهو ڪري ٻه نه ليکيو. توکي ياد آهي مون ڪجهه عرصو اڳ توتي شادي ڪرڻ لاءِ زور ڀريو هو. اها ڇوڪري ٻي نه پر زينت هئي. پٽ تنهنجي هٺن مان وقت نڪري ويو آهي. تو ڏاڍي دير ڪري ڇڏي ابا....ڏاڍي دير ڪري ڇڏي.‘‘

امان جي وضاحت ڪانپوءِ آئون هاءِ جا هٿ هٽڻ لڳس. اکيون اشڪبار ٿي ويون. امان پنهنجي پوٽيءَ سان منهنجا لڙڪ اگهندي وراڻيو

’’پٽ دلجاءِ ڪر. آئون توکي زينت کان ٻه سهڻي ڇوڪريءَ سان پرڻائيندس.‘‘

مون امان جي ڳالهه کي نظرانداز ڪندي وراڻيو

’’نه امان مونکي فقط ۽ فقط زينت گهرجي. آئون يقين سان چوان ٿو هوءَ جڏهن ٻه مونکي ڏسندي ته تڙپي اٿندي. سيني کي ڇڏي مون ڏانهن هلي ايندي‘‘

امان وراڻيو

’’نه پُٽ اهڙو ڪجهه ٻه نه ٿيندو. جيڪڏهن هوءَ اتفاق سان تنهنجي سامهون ٻه آئي، تڏهن ٻه هوءَ توکي ڏارين جيان ڏسي هلي ويندي. هن جي ذهن ۾ هاڻي فقط سندس ٿيڻ واري ور جو ئي خيال هوندو.‘‘

آئون امان سان ڪجهه گهڙيون بحث ڪري گهر کان ٻاهر ڳوٺ جي ڪُلي پوٺي تي نڪري آيس. اڄ مونکي ڳوٺ پاڻ ڏانهن وڏيڪ ڇڪي رهيو هو. ڳوٺ جا اهي سڀ گس گام گهٽيون جتان جتان هوءَ لنگهي هئي، اهي سڀ مون کي دنيا جي ڪل خوبصورتي لڳي رهيا هئا. دل چيو پي ته اتان ڪو ٻيو نه لنگهي. ڳوٺ جي پوٺو صاف صاف لڳو پيو هو. جنهن تي ڳوٺ جا ٻار مختلف رانديون ڪيڏي رهيا هئا. سندن ٻاتا ٻول ۽ زندگيءَ سان ڀرپور ٽهڪ جڻ ڳوٺ جي ڇهري کي ٻه ٻهڪائي رهيا هئا.

جڏهن ته ڳوناٽا گهرن ڏانهن موٽي رهيا هئا. ڪن جي هٿ ۾ ڪوڏر ته وري ڪن جي هٿ ۾ سيڌو سامان. ته وري ڪي رڍون ٻڪريون ڪاهي ڳوٺ ڏانهن لڙي رهيا هئا. ڪجهه گهڙيون ته آئون انهن منظرن ۾ گم ٿي ويو هوس.

تيستائين مين رستي تان ڳوٺ جي پنڌيءَ تي هڪ رڪشو لٿو. رڪشي جي اڳين سيٽ تي مونکي چاچا گُلڻ نظر آيو. اڄ ته گلڻ ٻه جڻ مونکي گلي جو هار پي لڳو نه ته انهيءَ شخص سان منهنجون اکيون وڙهنديون هيون. هي سڀ نيڻن جو ڪمال هو. نيڻن جڻ منهنجي اندر مان رات ختم ڪري ڏينهن ڪري ڇڏيو هو.

چاچا گلڻ کي ڏسندي ئي منهنجي جسم ۾ ساهه پئجي ويو. دل ۾ جڻ جمالي تي جهوم ٿي وئي. ڪجهه ئي پلن ۾ رڪشا منهنجي پر مان گذريو ڪاڪا گلڻ وڏي واڪي منهنجي نالو ڪٺندي مونکي کلي کيڪاري اڳيان گذريو. پوئين سيٽ تي زينت پنهنجي ماءُ سان گڏ ويٺل هئي. زينت جيئن مونکي ڏٺو ته مون ائين محسوس ڪيو...جڻ هن جي اڳيان ڪو غيرمحرم شخص اچي ويو هجي. هن تڪڙ تڪڙ ۾ پنهنجو منهن ٻي پاسي ڪري جڻ منهنجي منهن تي لپاٽ واهي ڪيڏي. منهنجو من منهنجي انا جي سبب ڪيل دير تي ملامت ڪرڻ لڳو ڪجهه ڏينهن کان مون ۾ جيڪو هُن جو چاهه اٿيو هيو.

تنهن ڇڻ منهنجو ساهه ٽي ڪڍيو. مون سامهون ڏٺو ته هوءَ وڃي رهي هئي، آسمان تان پکيءَ به واپس آکيرن ڏانهن موٽي رهيا هئا. سامهون سج به اُلهي رهيو هو. هر شيءَ جي موٽ ٿي رهي هئي پر مون ۾ هن جي چاهت گهڙيءَ گهڙيءَ جي گذرڻ سان وڌي رهي هئي.

***